
# سچل سرمست جي شاعري جو همعصر شاعرن تي اثر

ڊاڪٽر مخمور بخاري



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# سچل سرمست جي شاعري
# جو همعصر شاعرن تي اثر

# سچل سرمست جي شاعري جو همعصر شاعرن تي اثر

ڊاڪٽر مخمور بخاري

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2013ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو ڀھريون سال 2013ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

هيءُ ڪتاب سچل سرمستؒ جي 192 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي شايع ڪيو پيو وڃي.

قيمت: هڪ سؤ نوي روپيا
(Price. Rs: 190-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب الهڏتو وگھيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ڇپائيندڙن پاران

درازن جو صوفي بزرگ حضرت سچل سرمستؒ پنهنجي دور جو هڪ عظيم ڪلاسيڪل شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ سخن آرائي ڪري وحدت الوجود جي فلسفي عام ڪيو آهي.

حضرت سچل سرمستؒ جي فڪري پس منظر ۾ ڪيترن ئي صوفي درويش شاعرن جو فڪر موجود آهي. سندن ڪلام جو فڪري ۽ فني اڀياس ڪندي سنڌي ادب جي نوجوان محقق ۽ سچل شناسي جي ڄاڻو محترم ڊاڪٽر مخمور بخاري صاحب سنڌ جي عطار جي فڪر ۽ فن جو سندس همعصر شاعرن تي اثر جو عرق ريزيءَ سان تجزيو ڪري هيءُ ڪتاب **"سچل سرمست جي شاعري جو همعصر شاعرن تي اثر"** تصنيف ڪيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي روايتي ذميوارين ڪي نڀائيندي حضرت سچل سرمستؒ جي 192هين عرس مبارڪ جي موقعي تي هيءُ ڪتاب **"سچل سرمست جي شاعري جو همعصر شاعرن تي اثر"** هڪ خصوصي اشاعت ۽ اهتمام هيٺ ڇاپي پڌرو ڪري رهي آهي.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ ۽ جناب نظرمحمد ڳاهو صاحب چيئرمن انتظامي ۽ مالي امور، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد ته سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب پڙهندڙن کي اسان جي هيءُ ڪاوش پڻ پسند ايندي.

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

01- رمضان المبارڪ 1434ھ
11- جولاءِ 2013ع

# فهرست


| | |
|---|---|
| مهاڳ | 11 |
| سچل سرمست جي مختصر سوانح حيات | 15 |
| سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ جي علم ۽ ادب جو مختصر جائزو | 24 |
| سچل سرمست ۽ روحل فقير | 49 |
| سچل سرمست ۽ مراد فقير | 72 |
| سچل سرمست ۽ سامي | 87 |
| سچل سرمست ۽ جان الله شاهه 'عاشق' | 117 |
| سچل سرمست ۽ سيد راشد روضي ڌڻي | 131 |
| سچل سرمست ۽ دريا خان ڪنڊڙيءَ وارو | 153 |

# ارپنا

سچل سرمست بابت
پنهنجو هي پورهيو
**مرزا علي قلي بيگ**
جي نانءُ
ارپيم
جنهن پهريون پيرو
**سچل سائين جو ڪلام**
ترتيب ڏنو.

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

# مهاڳ

سنڌ جي ثقافتي، علمي، روحاني روايتن ۾ برابري، سهپ، احترام، سک ۽ سڪون جا لاڙا موجود آهن ان پس منظر ۾ سنڌ جي هزارن سالن جي تاريخ آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي مذهبن جو جنم ۽ اثر آهي. اسلام کان اڳ هتان جي سرزمين جي لئني مست، ان لئني مست، ويدڪ ڌرم (هندومت)، ٻڌڌرم، جين مت، زراشترم، يهوديت ڪي پاڻ ۾ سانديو. توڙي جو ان مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي اڪثريت سواءِ هندو مذهب جي اسان وٽ گهڻي نہ رهي آهي پر سنڌ جي خمير ۾ انهن جا مثبت اثر موجود آهن. تنهن ڪري اسان ڪي سنڌ جي صوفين وٽ جيڪو تصوف نظر اچي ٿو اهو خالص انسان دوست ۽ وطن دوست آهي. هتان جي صوفين ڪڏهن بہ پنهنجي انسان دوست عمل ۾ مذهبن ۾ فرقن واري سوچ نہ رکي بلڪ هنن جي آڏو سنڌ جي هزارن سالن جي تاريخ جو پس منظر جاڳندي نظر اچي ٿو. هنن درويشن هميشہ مذهبن، فرقن، رنگ نسل، ذات پات کان هٽي ڪري برابري احترام، سهپ، رواداري، ميٺ، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو.

سچل سرمست بہ سنڌ جي ان روحاني تسلسل جو هڪ سگهارو ۽ اثر ڇڏيندڙ حصو آهي. هن نہ فقط ان انسان دوست ۽ وطن دوست اعلیٰ سوچ کي قبول ڪيو پر ان کي ڏاڍي بيباڪ انداز سان عام بہ ڪيو. هن فلسفہ وحدت الوجود جي ان نڪتي کي گهڻو عام ڪيو تہ ”بحيثيت فرد خود ۾ خالق ڪائنات جي طرفان لاتعداد صلاحيتن ۽ لياقتن جو مجموعو آهي. ان ڪري فرد کي اول پنهنجي بنيادي حيثيت سڃاڻڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سموري ڪائنات ۾ انسان جي سمجهہ لاءِ نشانيون ۽ اُهڃاڻ موجود آهن، انسان پنهنجي ادراڪ جي سگهہ ۽ گهري سوچ سان انهن رازن کي سمجهي سگهي ٿو“. سچل سائين چوي ٿو:

جي تو چاتو پاڻ، آئون ٻيو ڪي آهيان،
ڪنڌ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهه ۾.

سچل سرمست جي انهي اعليٰ عرفان جي پس منظر ۾ ڪيترن ئي صوفي درويش شاعرن جو فڪر موجود آهي ساڳي ريت هن جو فڪر نه فقط پنهنجي دور تي اثر ڪندڙ رهيو آهي پر ان کان پوءِ جي دور تي پڻ سرمست سائين جا اثر موجود آهن. هن ڪتاب "سچل سرمست جي شاعري جو همعصر شاعرن تي اثر" ۾ اسان سچل سائين جي دور تي سندس اثرن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان پنهنجي مٿين راءِ کي وضاحت سان پرکي سگهون. هن ڪتاب ۾ سچل سائين جي شاعري سان سندس دور جي اهم شاعرن سان ڀيٽ ڪندي ڪن نتيجن تائين پهتا آهيون ۽ اسان ڏٺو آهي ته "سچل سرمست ٻن حوالن سان اهم شاعر آهي. هڪ فڪر – ٻيو فن. هُن نه فقط فڪر جي حوالي سان پنهنجي دور کي متاثر ڪيو آهي پر ان سان گڏوگڏ سرمست سائين پنهنجي شاعري ۾ لاتعداد تبديليون ڪري نيون روايتون پڻ قائم ڪيون، جيڪي پڻ سندس دور تي به اثر انداز ٿيون ته ڪانئس پوءِ انهن روايتن جا اثر پڻ ڏسجن ٿا".

'سچل سرمست جي شاعري جو همعر شاعرن تي اثر' سچل سائين جي شاعري جي پکيڙ جو هڪ مختصر جائزو آهي ته هن عنوان هيٺ بلوچستان ۽ پنجاب جي صوفي شاعرن جي گڏيل مطالعي جي گنجائش به ساڳي وقت موجود آهي.

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

٣ جولاءِ ٢٠١٢
باڪ ڦٽڻ مهل
هالا.

# سچل سرمست جي شاعري
# جو همعصر شاعرن تي اثر

# سچل سرمست جي مختصر سوانح حيات

سنڌ جي تصوف جي تاريخ پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ ۾ نرالي آهي. هتان جي مٽي جي خمير ۾ ڪيترين ئي مذهبن جو اثر موجود آهي جنهن ڪري سنڌ جو صوفي وطن دوست به آهي تہ انسان دوست بہ ۽ هي ئي گڻ سنڌ جي صوفين کي دنيا جي ٻين صوفين کان ڪين منفرد بنائي ٿو. سنڌ جي مٽي اهڙي ڪيترن ئي موتين جواهرن کي پاڻ ۾ سانڍيو وتي جن ۾ درگاهہ درازا جا دوريش بہ اهميت رکن ٿا. درازي درياءَ مان حضرت سچل سرمست بہ هڪ اهڙي شخصيت، عارف، ڪامل ۽ فنا في الله هو جيڪو پاڻ ڪڏهن بہ مسند تي نہ وينو پر سندس چوڏاري سلوڪ جي راهہ جا ڪيترائي پانڌيئڙا موجود رهندا هئا.

سچل سرمست جو اصل نالو حافظ عبدالوهاب هو سندس جنم درگاهہ درازا جي جد امجد خواجہ صاحبڏني جي وڏي فرزند ميان صلاح الدين جي گهر ۱۱۵۲ھ / ۱۷۳۹ع ۾ ٿيو. (۱) سندس والد پنهنجي پيءُ جي حياتي ۾ ۱۱۵۸ھ / ۱۷۴۵ ۾ وفات ڪئي. (۲) ان وقت سچل سائين جي ڄمار ڇهہ سال هئي. ميان صلاح الدين جي حياتي جي باري ۾ ڪا خاص معلومات نہ ٿي ملي. البت مخدوم غوث محمد "گوهر" پنهنجي هڪ مقالي ۾ ميان صلاح الدين جي شاعر هجڻ جي ڳالهہ ڪندي سندس هڪ سنڌي ڪافي درج ڪئي آهي جنهن جا ڪجهہ بند نموني خاطر هتي پيش ڪجن ٿا:

مشفق هن مشتاق کي، بچايو تہ بچي،

اندر عشق عليل کي، جيئن مهرباني مچي،
ڏس ڏيو هن ڏاهہ کي، پهہ جنهن جي پچي،

صلاح الدين جي سيدا ويرلي ور اچي،
ڪرامات بهري، قادر لڳ، ڪر اچي.

سچل سائينءَ جي تربيت سندس ڏاڏي خواجہ صاحبڏني ۽ چاچي ميان عبدالحق ڪئي، جيڪي پڻ پنهنجي وقت جا اهلِ بصيرت ۽ اهل علم شخص هئا.

خواجہ صاحبڏني ئي سچل جي ظاهري توڙي روحاني تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. خواجہ صاحب اول ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ سرڪاري ملازم هو پر پوءِ سندس زندگي ۾ يڪايڪ تبديلي آئي جنهن ڪان پوءِ خواجہ صاحبڏني فقيري ڏانهن موٽ ڪاڏي ۽ شاهہ عبيدالله جيلاني ڪان سلوڪ جي راهہ ۾ رهبري ورتائين (۴). سچل سائين ان واقعي کي پنهنجي فارسي مثنوي "راز نامہ" ۾ بيان ڪيو آهي (۵).

ڪن تذڪره نويسن جو خيال آهي تہ خواجہ صاحبڏنو جڏهن چلہ ڪشي ڪري رهيو هو تہ ان وقت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪيس چلي مان ٻاهر ڪڍي لوڪ آڏو ظاهر ڪيو. اها ڳالهہ تاريخي اعتبار ڪان ضعيف محسوس ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ همعصر دور جي ماخذ "تذڪره مخاديم کهڙا" جي لکت موجب جڏهن ڀٽائي، کهڙن ۾ آيو تہ ان موقعي تي خواجہ صاحبڏني سان ملاقاتي پڻ ٿيو ۽ ڪيس فقيري واري راهہ اختيار ڪرڻ جي صلا ح ڏني (٦). سموري بحث کي هڪ پاسي رکي اسان فقط سچل سائين جي ڪلام ۾ خواجہ صاحبڏني جي حالات زندگي کي ڳولينداسين تہ اسان کي بيبي رابعہ بصري ۽ شاهہ عبيدالله جيلاني، جو ذڪر ملندو پر ڪٿي بہ شاهہ لطيف جو ذڪر سرمست سائين وٽ موجود ناهي، جنهن مان گمان غالب آهي تہ لطيف سائين جي خواجہ صاحبڏني سان ملاقات تہ ٿي هجي. پر ان جي صاحب فضيلت بڻجڻ ۾ سندن ڪوبہ ڪردارا نہ هوندو.

خواجہ صاحبڏني ۱۱۹۲ھ/۱۷۸۸ع ۾ وفات ڪئي. هو سنڌي ۽ سرائڪي جو بهترين شاعر هو. سندن هڪ ڪافي نموني طور پيش ڪجي ٿي (۷).

ووڙيـــن چـــو وٽڪـــار، جيـــڏيون آهـــي جـــيءِ ۾،

صـــحيح ســـچاتم ســـرتيون، دل ۾ آ دلـــدار،
ڪـــاڪيون آهـــي قلـــوب، ڪـــيچ ڏٽـــي ڪوهيـــار،
نـــاحق ونـــدر چـــو وچـــان، پـــاڪر ۾ پوتـــار،
ونحـــن اقـــرب اوڏئـــڙو، لـــڌم لعلـــن يـــار،
ســـاهئون اوڏون ســـپرين، ڪوهـــ پچـــان پيـــو بـــار،
"صـــاحبڏني" ســـمهجيو تـــن انـــدر تڪـــرار.

سچل سائينءَ جو چاچو، مرشد ۽ سهرو خواجه عبدالحق والد جي وفات بعد مسند نشين ٿيو. هن سلوڪ جي راهه تي سچل سائين جي رهنمائي فرمائي، پاڻ پنهنجي وقت جو اهل الله ۽ عارف ڪامل شخص هو. سچل سائين پنهنجي سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي شاعري ۾ ڪين وڏي احترام، سڪ ۽ خلوص مان هن طرح ياد ڪيو آهي (٨).

مرشـــد ڪامــــل هـــادي منهنجـــو، دائـــم درازن،
عـــارف عبـــدالحق آهـــي صـــوفي صـــاف ســـين،
هئـــي شـــال چـــراغ ســـو روز شـــبان روشـــن،
عـــارف جـــي اولاد ڪـــي، دعـــا ســـپ ڪـــرن.

هـــادي مهـــدي مرشـــدا ميـــڏا، قادريـــه هـــي ڪامـــل،
عـــارف عبـــدالحق بهـــردم، نـــال مريـــدان شـــامل.

خواجه عبدالحق ١١٢٠هه / ١٧٠٨ع ۾ جنم ورتو ۽ ١٢١٤هه / ١٧٩٩ع ۾ وفات ڪئي (٩). هو فارسي جو شاعر هو سنڌن گهڻو ڪلام اجان تائين نظرن کان اوجهل آهي سنڌن هڪ فارسي مدح جون ڪجهه سٽون نموني طور ڏجن ٿيو (١٠).

اي ســـــرور دو عـــــالم،
يـــا مصـــطفىٰ مددشـــو،
اي برگزيـــــده آدم،
يـــا مصـــطفىٰ مـــدد شـــو.
درگـــــور در قيامـــــت
خـــواهم ز تـــو شـــفاعت
مـــارا تـــوئي حمايـــت
يامصـــطفىٰ مـــدد شـــو.

هن اپٽار جو مقصد فقط ايترو هو تہ اسان سمهجي سگهون تہ سچل سائينءَ جهڙي شخصيت جي تربيت ڪهڙين هستين وٽ ٿي. سرمست سائين، محققن جي لکڻ موجب ننڍي هوندي کان ئي الڳ ٿلڳ ۽ خاموش رهندو هو. اڪثر ڪائنات ۾ پوشيده ڳجهن کي محسوس ڪرڻ، سمهجڻ ۽ ان کي پروڙڻ لاءِ اڪيلائي ۾ رهندو

هو. ابتدا ۾ پنجاهہ ورهين جي چمار تائين روزي نماز جي پابندي ڪندو رهيو. قرآن شريف جو حافظ بہ هو پر پوءِ مٿس وجد جي حالت ظاهر ٿيڻ لڳي جنهن ڪان پوءِ سندس رنگ ڍنگ تبديل ٿي ويو ۽ پوءِ شاعري ۾ اهڙو تہ بي باڪ ٿي پنهنجو حال اورڻ لڳو جو هن ڪان اڳ سنڌي شاعري ۾ اهڙو مثال موجود ناهي:

ڏسو عشق جي انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف.
مڪي وڃڻ مقصد ڪيهو، ڪر اندر تن طواف.

هي تن طوافي ٿيو، وڃئون ڪير ويوسي،
انهي پاجهون ناهہ ڪو اهو احرام بڌوسي.

سلوڪ جي راهہ تي سندس رهبري ۽ رهنمائي خواجہ عبدالحق ڪئي پر سندس فڪري تربيت ۾ حسين بن منصور حلاج، خواجہ فريدالدين "عطار" جو خاص ڪردار آهي، "عطار" جون مثنويون منطق الطير، وصلتہ نامہ پڙهيون بہ اٿس ۽ هانوءَ سان هنڊايون بہ اٿس (۱۱):

اي دلا خوشبو زشد عطار در جانم رسيد.
آن زبان يڪبارگي از ڪفر ودين مار ڪشيد
چہ جلاالدين چہ جامي، غاشيہ بردار او،
اين چنين تعريف ما از پيسر عبدالحق شنيد.

(اي دل! منهنجي روح تائين حضرت عطار جي خوشبوءِ پهچي وئي ۽ ان وقت هڪدم مون کي ڪفر ۽ دين ڪان آزاد ۽ بي نياز ڪري ڇڏيو. مولانا جلال الدين رومي هجي يا مولانا عبدالرحمان جامي هجي اهي سندس چاهيندڙ ۽ پيروي ڪندڙ آهن. اها تعريف اسان پنهنجي پير طريقت حضرت عبدالحق ڪان ٻڌي آهي.)

اهڙي ريت حسين بن منصور حلاج جو جيترو ذڪر سنڌ ۾ سچل سائين ڪيو آهي اوترو ذڪر ان ڪان اڳ ۽ پوءِ سنڌي شاعري ۾ موجود ناهي. تنهن ڪري سرمست سائين کي "سنڌ جو عطار" ۽ "منصور ثاني" بہ سڏيو ويو آهي. ان ڪان سواءِ رومي، احمد جام زنده پيل، جامي، باهو ۽ شاهہ ڀٽائي جو اثر پڻ سرمست جي ڪلام تي موجود آهي (۱۲).

سچل سرمست سنڌي، سرائڪي، ريختہ (اردو) ۽ فارسي زبان ۾ شعر چيو. هيئت جي اعتبار کان سندن شعر بيت، ڏوهيڙي، ڪافي، جهولڻي، غزل (فارسي)، مثنوي، گهڙولي، فرد، قطعات ۽ سي حرفي /ٽيهہ اکري جي صورت ۾ آهي. سندس شعر جو تعداد صادق راڻيپوري جي لکت موجب نَوَ لَکَ ڇٽيهہ هزار ڇهہ سو آهي. سنڌي، سرائڪي توڙي اردو ڪلام ۾ "سچو" "سچيڏنو" "سچل" ۽ فارسي ۾ "آشڪار" ۽ "خدائي" تخلص ڪم آندا اٿس. سندس سموري ڪلام تي مستي ڇانيل آهي، سرمست سائين بندي ۽ خدا جي وچ واري وٿي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ ڏادي بي ڊپائي ۽ بي باڪي سان سلوڪ جي راهہ جون سموريون حقيقتون ظاهر ڪيو ن اٿس:

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌجي،
مار نغارا "اناالحق" دا، سولي سر چڙهيجي،
اندر ٻاهر هڪو هويون، "موتوقبل" مريجي،
"سبحاني ماعظم شاني"، سچل سر سٽيجي.
(١٣)

سچل سائين راڳ ويراڳ جو شوقين هو، طبلي ۽ سارنگي تي هٿ لڳڻ شرط بيخود ۽ سرشار ٿي ويندو هو ۽ سندس مٿي جا وار ڪڙا تي بيهي رهندا هئا ۽ اڪين مان لڙڪ وهي نڪرندا هئا (١٣). تنهن ڪري اسين ڏسون ٿا سندس ڪلام پڻ سنگيت وديا سان گهرو لاڳاپو رکي ٿو. گوڌرن ڀارتي درازي شاهہ جي موسيقي جي حوالي سان لکي ٿو:

"سچل سرمست موسيقي جو ماهر هو، راڳ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. سندس ڪافين جي بناوت، بندن، قافين ۽ راڳن جي مدِنظر ئي روپن ۾ ظاهر ٿي آهي سندس شخصيت خواهہ ڪلام سراسر سنگيتميہ ۾ آهن" (١۴).

سچل سرمست توڙي وقت جو وڏو عارف شخص هو پر هميشہ خليفي جي حيثيت ۾ رهيو. اول پنهنجي چاچي خواجہ عبدالحق جو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي سؤٽ سخي قبول محمد اول جو خليفو ٿي رهيو، پر تنهن هوندي بہ سندس چوڌاري طالبن، ٻالڪن جو وڏو تعداد رهندو هو: جنهن ۾ نانڪ يوسف، يعقوب فقير، محمد صالح فاروقي، محمد نشان فاروقي، محمد صالح قادري،

محمد حيات 'حاتم' ، آخوند گل محمد فاروقي، گهرام فقير، فقير غلام محمد ”گدا“، حاجي عثمان چاڪي، حافظ عبدالله قريشي، شير خان پنيرو، سيد خير شاهه، پير و شاهه، آخوند باغ علي درازي خاص طور تي شامل هئا، جڏهن تہ سندس خاص عقيدت مندن ۾ فقير غلام حيدر شر، قادربخش بيدل ۽ ميرعلي مراد ٽالپر شامل آهن ۽ هن ئي دور جو هڪ اهم شاعر عبدالله فقير ڪاتيار سندن دوستن ۾ شمار ٿئي ٿو.

سچل سائينءَ جو دور سنڌ جي سياسي سماجي حالتن جو مَتجندڙ دور هو، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو دور سندن اکين آڏو رهيو. سندن جنم کان هڪ سال پوءِ ۱۷۴۰ع ۾ سنڌ تي نادر شاهه ”افشار“ ڪاهي آيو ۽ ان وقت جي ڪلهوڙا حڪمران ميان نورمحمد کي ميجرائي نہ فقط ڏن حاصل ڪيائين پر سنڌ جي قومي وحدت کي پڻ ٽوڙي سنڌ ۾ ٽي رياستون قائم ڪيائين. جڏهن تہ اجان ۱۱۴۵ھ/۱۷۳۳ع ۾ کهڙن جي مخدومن جي ناحق خون ريزي سنڌ جي ماڻهن کي رنج پهچائي رهي هئي، اهڙي ريت ميان نورمحمد جي وفات ۱۲ صفر ۱۱۶۷ھ/۹-ڊسمبر ۱۷۵۳ع کان پوءِ ميان جي ٽالپر ميرن سان ويڙهه جي ابتدا، مدد خان جون ڪاهون، ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿيڻ کان جلد پوءِ سنڌ اندر ميرن جون ٽي رياستون قائم ڪرڻ، ميرن جون پاڻ ۾ نااتفاقيون، انگريز سرڪار جا معاهدا، بار بار ميرن سان حجتون. سنڌو درياءَ رستي انگريزن جو مال کڻي وڃڻ ٽوڙي شاهه شجاع جو شڪارپور ۾ رهائش تاريخ جا اهڙا واقعا آهن جنهن سنڌ جي ماڻهن کي تڪليفن، پريشانين ۽ رنج کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏنو ۽ هي سموري صورتحال سچل سائين جي اکين جي سامهون رهي.

يقيناً هنن حالتن سچل سرمست جهڙي هڪ حساس دل رکندڙ شاعر کي متاثر ڪيو هوندو، رنج بہ پهچايو هوندو؛ ۽ هڪ سجاڳ ذهن رکندڙ ڪوي جي حيثيت ۾ هن پرکي ورتو هو تہ جلد ئي ميرن هٿان سنڌ کي نقصان پهچڻ وارو آهي. پنهنجي هڪ فارسي غزل ۾ چئي ٿو: (۱۵)

عاقبت مير سد بکشور سنده،
صد زيان حمزيان را ديدم،

(آخرڪار سنڌ کي زبردست نقصان پهچندو ۽ نقصان پهچائڻ وارا حمزه خاندان سان تعلق رکن ٿا).

سچل سرمست حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪندي ڪندي ۹۰ ورهين جي ڄمار ۾ ۱۴ رمضان سنه ۱۲۴۲ هه/۱۸۲۷ تي هن فاني جهان مان ڪوچ ڪيو (۱٦). سندن رحلت تي سندن عقيدتمند فقير قادر بخش بيدل مشهور نظم چيو آهي (۱۷) :

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ هن سچوُ عارف اتي اظهار هو
برهه برسات جو تنهن وير تي وسڪار هو
ظاهر و باطن تنهين وٽ درد جو ڏڪار هو
وجد وحدت جو سدا خاصو تينهن خمار هو
مرد سو منصور وانگر عشق جهو اوتار هو
منجهه سخن تنهن جي الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبه جوش مستي ۾ مثل عطار هو
پانهنجي رائي پرين نوي ورهيه نروار هو
وصل جي پوءِ موج ماڻي ذوق جو ذخار هو
طور ٻارهن سو ٻائتاليهه ۾ تيار هو
چوڏهين رمضان جي هادي اهو هسوار هو
قربدارن جي ڪتڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تهين داتا جي"بيدل" پرت جو پينار هو.

**حوالا:**


۱. مرزا علي قلي بيگ. رسالو ميان سچل فقير جو. ص ۵ (جلد اول) ماسٽر هريسنگهه بوڪ سيلر ۱۹۰۲ع.
۲. رسالو ميان سچل فقير جو. ص ۵
۳. ميان غوث محمد گوهر. درازي ۽ ڪوٽڙي وارن بزرگن جي قريباٺو قرب. (مقالو) ص ۱۰۸، آشڪار نمبر ۳-سچل چيئر. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۱۹۹۳ع.
۴. شاهه عبيدالله جيلاني عارف ڪامل شخص هو. سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هو. پنهنجن ٻن ڀائرن شاهه ڪليم الله ۽ شاهه عبداللملڪ سان گڏ

سنڌ ۾ آيو. سنڌ ۾ ڪجهه وقت رهڻ بعد، اجمير شريف روانو ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ حضرت خواجہ معين الدين چشتي جي درگاهہ ۾ دفن ٿيو.

سچل سائين ڪيس وڏي احترام مان پنهنجي فارسي مثنوي راز نامي ۾ ياد ڪيو آهي.

بس عبيدالله اسان جو شاهہ هو،
هر طرح هر حال ۾ همراهہ هو،
هو سراپا نور هو مرد ڪامل،
ڪوڙ جنهن پيدا ڪيا عيسىٰ مثال،
سو عبيدالله هيو نور خدا،
خواجہ حافظ رهنما جو پيشوا،
تنهن عبيدالله هادي سرفراز،
خواجہ حافظ سان رکيا راز ونياز.

(عطامحمد حامي، نينهن جا نعرا ص ٨-١٢٧)

٥. ڏسو ڊاڪٽر عطامحمد حامي، نينهن جا نعرا، ٧-١٢٦، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو ١٩٩٢ع

٦. مخدوم الله بخش عاصي، تذڪره مخاديم کهڙا، ١-١٠٠، سنڌي ترجمو: مخدوم غلام محمد، سچل چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

٧. ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر ص ٢٠، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ٢٠١١ع.

٨. عثمان علي انصاري (مرتب)، سچل سرمست جو ڪلام، ص ٣١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٢- سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام ص ٣٢٠-

٩. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، سچل جو پيغام، ص ١٧، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي -١٩٩٥

١٠. نينهن جا نعرا، ص ٧-٦

١١. قاضي علي اڪبر درازي (مترجم)، ديوان آشڪار (جلد اول) ص ٩٠، اوقاف کاتو، حڪومت سنڌ، ١٩٨١ع.

١٢. سچل سرمست جي ڪلام تي اهڙي اثر لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ثقافت کاتو، ٢٠١١-

١٣. مولانـا صـادق راڻيپـوري، سـچل سرمسـت جـو سـرائڪي ڪـلام ص ٢١. سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو **١٩٨٢**ع.

١٤. گـورڌن ڀـارتي، سـچل جـي ڪـلام ۾ سـنگيت جـي اوت، (مقـالو)، ص **٩٥**، سرمسـت -٨- مرتـب: تنـوير عباسـي، سـچل يادگـار ڪميٽـي خيرپور، ١٩٨٨ع.

١٥. ديوان آشڪار، جلد اول، ص ١٨٣-

١٦. محمد علي حداد، سچل سائين جي رحلت وارو عيسوي سن، (مقالو)، ص ١١٦، سرمسـت -٧، مرتـب: تنـوير عباسـي، سـچل يادگـار ڪميٽـي خيرپـور، ١٩٨٧-

١٧. سيد عبدالحسين شاهه موسوي، (مرتب)، ديوان بيدل، ص ١٣٧، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.

# سچل سرمست جي دؤر ۾ سنڌ جي علم ۽ ادب جو مختصر جائزو:

حضرت سچل سرمست جو جنم ڪلهوڙن جي اوج واري زماني ۾ ٿيو ۽ ٽالپرن جي پڇاڙي واري دور ۾ وفات ڪيائين. يعني سچل سائين جو تعلق ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور حڪومت سان رهيو. ان وقت سنڌ اندر علم و ادب جون محفلون اوج تي هيون. وقت جي حڪمرانن خود اهڙين محفلن جي سرپرستي ڪئي. هت اسين ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور جي ادبي صورتحال جو سرسري مطالعو ڪنداسين تہ جيئن اسان سچل سائين جي دور جي علمي ادبي حالتن کي سمجهي سگهون.

**ڪلهوڙا دور:**

ڪلهوڙا دور کي سنڌي علم ۽ ادب جو سونهري دور سڏيو وڃي ٿو. هن ٿي وقت ۾ سنڌ اندر اڻ ڳڻيا عالم، اديب، شاعر، بزرگ، اهل الله ۽ صوفي پيدا ٿيا جن پنهنجي تعليم، تربيت ۽ فڪر سان هن دور کي هڪ مثالي دور بڻائي ڇڏيو. وقت جي حڪمرانن بہ اهڙي علمي محفلن، عالمن ۽ شاعرن جي سرپرستي ڪئي. هن دور جي علمي صورتحال متعلق رحيم داد خان مولائي شيدائي لکي ٿو تہ:

"سنڌي شاعرن جي بذلہ سنجين ۽ جادو ڪمال جي ڪري سنڌ جي ادبي محفلن اهڙي رونق ورتي، جو موجوده ترقي جو دور شاندار ماضي جي ان زرين عهد اڳيان ڦڪو پيو لڳي. اهو ڪلهوڙن جي صاحبي جو زمانو هو، جڏهن شاعر سنڌي زبان کي حيات جاويد جو جامون پهرايو"(۱).

ڪلهوڙا دور سنڌي ٻولي ۽ شاعري جي حوالي سان بہ هڪ اهم دور آهي، هن ٿي دور ۾ بيت کان سواءِ وائي بہ خوب ترقي ڪئي. مدح، مولود، معجزو، مناجات ۽ واقعاتي شعر بہ لکيو ويو (۲).ان کان سواءِ مولوي ابوالحسن ٺٽوي **"مقدمة الصلواة"**

نالي ڪتاب تيار ڪيو (٣). جنهن جي لکجڻ سان سنڌي صورتخطي کي هڪ سڌريل صورت ملي.

ڪلهوڙا دور ۾ سنڌ جي علمي صورتحال به شاندار هئي.سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن خاص طور بکر، سکر، روهڙي، الور، سبي، کهڙا، سيوهڻ، خانوٽ، بوبڪ، هالڪندي، پٽ، پاٽوٽ، جهيجا، انڙپور، ڪپرو، نصرپور، ڪاتيار، اگهم ڪوٽ، چاچڪ، ونگو، ولهاري، ٺري، بلڙي، ڪڪرالو، مٽياري، حيدرآباد، پنو(پير پنو)، هنگورجا، دربيلو، روپاهه، پٽ باران، لاهري بندر، ٺٽو، شڪارپور، پريالو، ٻاڍا ۽ سن ۾ وڏا تعليمي مرڪز هئا. جتي وقت جا وڏا عالم، فاضل استاد، عربي فارسي ۾ قراة، مناظره، ضرف و نحو، منطق، فقه، تفسير، حديث، فلسفو، تاريخ، عروض ۽ ٻي ضروري تعليم ڏيندا هئا (٤). مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ابوالحسن ڪبير، محمد حيات سنڌي، مخدوم ابوالحسن صغير، محمد بن عبدالهادي سنڌي، مخدوم معين ٺٽوي، مخدوم هاشم ٺٽوي ،مخدوم ضياء الدين، شاهه فقيرالله علوي ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙن وارو هن دور جا ناليرا عالم ۽ استاد ٿي گذريا آهن(٥).

ننڍي کنڊ ۾ تصوف جون تحريڪون شروع کان ئي مضبوط رهيون آهن. برصغير جي ٻين خطن وانگر سنڌ به صوفياءِ ڪرام جو هڪ مرڪز رهندي آئي آهي. ڏنو وڃي ته هن علائقي تي تصوف جو ڪجهه گهڻو ئي اثر پيو. اڻ ڳڻيل صوفي بزرگن ۽ شاعرن عام کي حق جي حقيقيت سمجهائڻ ۾ سرگرمي ڏيکاري.

ڪلهوڙا دور ۾ "درازا" (ضلع خيرپور) ۽ ڪنڊڙي (ضلع سکر) تصوف جا ٻه اهم مرڪز ڏسجن ٿا. پهرين مرڪز جو باني اسان جي شاعر حضرت سچل سرمست جو ڏاڏو خواجه صاحبڏنو هو. هتي هم اوست ۽ فلسفه وحدت الوجود جي تعليم ۽ تربيت عروج تي پهتل هئي. تصوف جي ٻي مرڪز ڪنڊڙي جو باني روحل فقير هو. هتان اسلامي تصوف ۽ ويدانت کي ملائي پيش ڪيو ويو. افراتفري واري دور ۾ هي ٻئي مرڪز ماڻهن جي لاءِ امن، سڪون ۽ سانت جو سبب بڻيا.

## علم ۽ ادب ۾ حڪمرانن جو حصو

اسان اڳ ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڪلهوڙا دور جي علمي ۽ ادبي محفلن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي گهڻي حد تائين حڪمرانن به سرپرستي ڪئي آهي. تاريخ جي ورق گرداني مان پتو پوي ٿو ته، ڪلهوڙا حڪمران خود به وڏا اهل ذوق ۽ اهل قلم

رهيا آهن. ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽ پنهنجو شاندار ڪتب خانو هو. جيڪو نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه وقت پاڻ سان کڻي ويو. اهڙو ذڪر ميان پاڻ به ڪري ٿو:

”رسالہ سهروردي، ان سان گڏ رسالہ چوڏهن خانواده به اسان وٽ موجود هو، پر ناپاڪ ظالم (نادر شاهه) جي سنڌ ملڪ تي ڪاهه وقت ڪتب خانو ۽ رسالا کڻي ويا“ (٦).

ميان نورمحمد هڪ مدبر حڪمران هو. هن پنهنجن پٽن لاءِ هڪ وصيت نامو ”منشور الوصيت و دستور الحڪومت“ نالي سان تحرير ڪيو. جيڪو حقيقت ۾ حڪومت ڪرڻ جو هڪ آئين آهي. ان ڪان سواءِ ”حسن اداي انتخاب“ تحرير ڪيو. جنهن ڪان سواءِ ميان نورمحمد پنهنجي هٿ اکرين ”قرآن پاڪ“ جو به هڪ نسخو تيار ڪيو جيڪو هن وقت مشهد مقدس (ايران) جي ميوزيم ۾ رکيل آهي (٧).

ويجهي دور ۾ ميان صاحب جي هڪ ٻئي وڏيڪ تصنيف ”نادر نامہ“ جو به پتو پيو آهي پر نسخو هٿ نہ اچي سگهيو آهي (٨).

ميان نورمحمد جو پاءُ ميان دائود هڪ بهترين عالم، شاعر ۽ علم طب جو ماهر هو. سندس محفل ۾ حڪيم عبدالرزاق ”مشرب“ جهڙا يگانا عالم ۽ ڪمال جا صاحب موجود هوندا هئا. ميان دائود شڪار متعلق هڪ ڪتاب ”صيد المراد في قوانين الصياد“ ۽ علم طب بابت ”طب دائودي“ نالي يادگار ڪتاب ڇڏيا آهن. جن مان پهريون ڪتاب ليفٽيننٽ ڪرنل ڊي- سي فلٽ جي سعيي سان ١٩٠٨ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو(٩).

ميان دائود جو پٽ محمد عالي پڻ هڪ شاعر ۽ سٺو نثر نويس هو، پر سندس ڪنهن تصنيف جو پتو ناهي پيو(١٠). ميان نورمحمد جي پٽ ميان عطر هڪ اهم تاريخي ڪتاب ”نگيران سنڌ يا جغرافيہ سنڌ“ جي عنوان سان تصنيف ڪرايو. جيڪو ٻارنهن جلدن ۾ آهي. هي ڪتاب اڃان ڇاپي هيٺ نہ آيو آهي، هن جو قلمي نسخو مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جي ڪتب خاني ۾ موجود هو (١١).

هن خاندان جو حڪمران ميان سرفراز پاڻ بہ فارسي جو اعليٰ پايي جو شاعر هو. هن فارسي ڪان سواءِ اردو ۽ سنڌي ۾ بہ ڪلام چيو. سندس سمورو ڪلام ”ڪليات سرفراز“ جي عنوان هيٺ ڊاڪٽر خضر نوشاهي ايڊٽ ڪيو آهي. ميان سرفراز جي شاعري متعلق ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو :

”ميان صاحب فن ۽ فڪــر ۾ بلند هو، هن جي ڪلام ۾ صوفين وارو رنگ بہ ڏسجي ٿو. غزل ۾ هو حافظ جي مڪتب جي گهڻو ويجهو آهي، جو هـــر غزل ۾ حافظ جو رنگ نمايان ڏسڻ ۾ اچي ٿو“(١٢).

ميان سرفراز شاعرن، عالمن ۽ فاضلن جي،حوب سرپرستي ڪئي. سندس دربار ۾ وقت جا ڪيترائي سخن شناس ۽ علم پُرور موجود هوندا هئا. جن ۾ مير عظيم الدين ٺٽوي، شيــوڪ رام عطارد، مرزا محمد علي اصفهاني، فروغي اصفهاني خاص طور ذڪر جي لائق آهن(١٣).

ڪلهوڙا دور جي ساري عرصي دوران سنڌ ۾ جتي علم ۽ ادب جون محفلون گرم هيون، اتي سنڌ جي اتهاس بابت ڪي اهم تذڪره لـــڪجي تيار ٿيا، جن ۾ ”نام نغز، مڪلي نامہ، تحفة الڪرام، قصيده بہ مدح عبدالغني“ شامل آهن.

## ادبي صورتحال:

ڪلهوڙا دور ۾ سنڌي ۽ فارسي زبان جي ادب کي گهڻي اهميت حاصل هئي. فارسي دفتري زبان ۽ سنڌي عوام ۽ حڪمرانن جي زبان هئي. هن دور ۾ سنڌي علم ۽ ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي. اسان هت سنڌي علم ۽ ادب جو تفصيل سان ۽ فارسي زبان ۾ ٿيل ادبي پورهئي جو مختصر اپٽار ڪنداسين.

## سنڌي رسم الخط:

سنہ ١١١٢هہ/١٧٠٠ع ڌاري سنڌي ۾ هڪ ڪتاب ”مقدمة الصلواة“ لکيو ويو. جيڪو مولوي ابو الحسن ٺٽويءَ تحرير ڪيو. عام طور اهو سمجهيو ويندو آهي تہ هن ڪتاب لکجڻ سان سنڌي رسم الخط جو بنياد پيو، تازي تحقيق موجب سنڌي ۾ هن کان گهڻو اڳ ڪتاب لکجڻ شروع ٿي چـــڪا هئـــا. سنہ ١٠٦٨ھ/١٦٥٧ع ۾ عزت بن سليمان ننڍا ننڍا رسالا ترتيب ڏنا (١٤).

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انهن رسالن کي گڏ ڪري شايع ڪيو آهي ۽ ان متعلق ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو :

”اڄ تائين ايئن سمجهيو ويو آهي تہ ٺٽي جي عالم ميان ابوالحسن ٺٽي سنڌي ۾ پهريون درسي ڪتاب ”ابوالحسن جي سنڌي“ لکيو. اهو گمان انهي ڪري پيدا ٿيو جو ان ڪتاب کان اڳ جو پيو ڪو سنڌي ۾ لکيل ڪتاب ڪونہ ٿي نظر

آيو، پر هاڻي سنڌي ۾ هڪ آڳاٽي قلمي ڪتابي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان ثابت ٿئي ٿو ته. مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم ڏيڻ جي تحريڪ ۽ سنڌي درسي ۽ تعليمي مواد جي تياري جي شروعات ”ابوالحسن جي سنڌي“ کان گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي“ (۱۵).

ڊاڪٽر صاحب جي راءِ ۾ هٿ آيل مواد جي آذار تي چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي ۾ ڪتب نويسي جو آغاز مغل دور ۾ ٿيو پر۱۱۱۲ ھ/۱۷۰۰ع ڌاري ”مقدمة الصلواة“ لکجڻ سان سنڌي صورتخطي کي هڪ سڌريل صورت ملي.

**سنڌي شاعري:**

ڪلهوڙا دور ۾ سنڌي شاعري پنهنجو عروج حاصل ڪيو. شاهه عبداللطيف، ميان صاحبڏنو، خواجه محمد زمان، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، ميون عيسو، شاهه عنايت رضوي، تمر فقير ۽ روحل فقير سنڌي شاعري ۾ چڻ نئون روح ڦوڪي ان کي بلندين تائين پهچايو. هن سموري دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي سڀني شاعرن کان ممتاز حيثيت رکي ٿو، هن وٽ ٻولي جو اڻکٽ خزانو، تاريخ جو شعور ۽ تصوف جو ڳوڙهو مفهوم موجود آهي.شاهه صاحب نج سنڌي ۾ اهڙي وقت ۾ پنهنجو ڪلام چيو، جنهن وقت ۾ فارسي کي سرڪاري زبان جي حيثيت حاصل هئي. اها خوبي شاهه سائين کي محب وطن شاعر ثابت ڪري ٿي.

ڊاڪٽر اياز قادري هن سموري دور تي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

”ڪلهوڙا دور سنڌي شاعري جو سونهري دور هو. هن دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس ٻين همعصرن شاعرن سنڌي شاعري کي معراج جي منزل تي رسايو هو، ان ۾ حسن ۽ دلڪشي ۽ خيالن ۾ گهرائي ۽ جدت اهڙي پيدا ڪئي جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي ......... هن دور جي شاعرن فني ۽ معنوي سنتاءَ کان بيت ۽ وائي کي عروج تي پهچايو“(۱۶).

هن دور جي اڪثر شاعري بيت، وائي ۽ ڪافي جي صورت ۾ ملي ٿي، جنهن تي تصوف جو رنگ گهڻو غالب آهي، هيئيت ۽ مفهوم جي اعتبار کان به هن دور ۾ چيل بيت ۽ وايون وڏيڪ سگهاريون آهن. شاهه عبداللطيف،خواجه محمد زمان، ميان صاحبڏنو،ميون عيسو، روحل فقير، سيد بقا شاهه ۽ عبدالرحيم گرهوڙي جو ڪلام ان ڳالهه جو ثبوت آهي.

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اسان جي رهنمائي ڪندي لکي ٿو:

”هن دور ۾ سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جي عمارت اڏجي راس ٿي. سنڌي بيتن ۽ وائين جا ذخيرا ”رسالي“ جي خاص نالي، صورت پـــذير ٿيا. هن دور ۾ اعليٰ فڪر وارا عارف ۽ وڏا ديده ور داناءَ ۽ شاعر ساماڻا جن پنهنجن سنڌي بيتن ۾ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جا سبق سمجهايا“ (١٧).

## لوڪ شاعري:

هن دور ۾ جتي بيت ۽ وائي عروج حاصل ڪيو اتي عوامي شاعري جون بـ ڪي صنفون مولود، مداح، مناجات، معجزو، سينگار ۽ واقعاتي بيت پڻ پهريون پيرو چيا ويا. هالا جي شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي پهريون پيرو سنڌي ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي ولادت جي خوشي ۾ ساراهه بيان ڪندي مولود چيا، جيڪي بحر وزن موجب هئا. هن مولود جي موضوع ۾ پڻ وسعت آندي. مخدوم صاحب کان اڳ شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ مولود جي مضمون واريون وائيون ملن ٿيون(١٨).

برک اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

”مخدوم عبدالرؤف ڀٽي پهريون شاعر هو جنهن فقط مولودئي چيا .... سنڌس انهي سموري توجهه سببان مخدوم صاحب پهريون آڳاٽو سنڌي شاعر آهي جنهن گهڻي ۾ گهڻا مولود چيا، هو پهريون شاعر آهي جنهن مولـــود جي عنوان کي وسيع ڪيو ۽ منجهس اندروني سانچي ۽ سٽاءَ توڙي ان جي وزن ۽ ترنم ۾ پڻ قابل قدر اضافا ڪيا“ (١٩).

مخدوم غلام محمد ٻگائي، مخدوم عبدالله. حافظ عالي، ميان سرفراز، مخدوم محمد اسماعيل، پير محمد راشد روضي ڌڻي ۽ هن دور جي ٻين ڪيترن شاعرن مولود چيا آهن.

هن دور ۾ جنم ورتل شاعري جون صنفون مدح ۽ مناجات خاص عقيدت سان لکيون ۽ پڙهيون وينديون هيون. جمن چارڻ، ميان سرفراز ڪلهـــــوڙو، مخدوم عبدالروف ڀٽي، ميان عبدالله ۽ عبدالرحيم گرهوڙي هن دور ۾ مداحون ۽ مناجاتون چيون. مضمون جي اعتبار کان هنن ٻنهي صنفن ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي، ان ڏس ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:

”مدح ۾ حضور ﷺ ۽ ٻين پيشوائن جي ثنا ۽ صفت بيان ڪيل هوندي آهي. مناجات ۾ شاعر ڌڻي جي درگاهه ۾ عرض پيش ڪندو آهي، حضور ﷺ ۽ ٻين بزرگن ۽ ولين کي به سوال ڪيو ويندو آهي“ (٢٠).

سنڌي ۾ سڀ کان پهرين مدح جمن چارڻ چئي، جنهن کان پوءِ ميان سرفراز خان ڪلهوڙي پنهنجي قيد جي وقت سنڌي ۾ هڪ طويل مدح چئي. مناجات سڀ کان پهرئين ميان عبدالله عرف ميان موريو چئي(٢١). رسول اڪرم ﷺ جي معجزن کي منظم نموني سڀ کان پهرين مخدوم غلام محمد ٻگائي چيو. ان کان پوءِ هن دور جي هاڪاري عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو ڪتاب ”قوة العاشقين“ منظوم معجزن جو مجموعو آهي(٢٢).

لوڪ شاعري جي صنف سينگار هن دور ۾ اُسري، مضمون جي خيال کان هن ۾ محبوب جي سونهن ۽ سينگار جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. هن دور جي ڪيترن ئي شاعرن سينگار جا بيت چيا آهن. جن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه عنايت رضوي، جلال ڪتي، صابر موچي ۽ سندن همعصر شامل آهن.

سنه ١٧٣٢ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ ڪهڙن جي وڏي عالم مخدوم عبدالرحمٰن ۽ ان جي ساٿين کي سرڪاري فوج شهيد ڪيو. ان واقعي کان متاثر ٿي وقت جي هڪ نالي واري شاعر مخدوم غلام محمد ٻگائي واقعاتي بيت چيا. جنهن ۾ ان وقت جي ڪلهوڙي حاڪم کي ننديو ويو آهي(٢٣).

هن دور ۾ عوامي شاعري جا ڪيترائي ٻيا شاعر پيدا ٿيا جن ۾ قطب، شريف، سيد، بلال، ٻڍو، ڪتي، قاسم، لکمير، لطف الله، ڪيسر، جوٽيجو، حبيب، هلال، محمود مڱيل، شاهه حسين ۽ طالب شامل آهن (٢٤).

## تصنيف ۽ تاليف :

ڪلهوڙا دور ۾ مذهبي قسم جي شاعري جي شروعات مخدوم ابوالحسن جي تصنيف ”مقدمة الصلواة“ سان شروع ٿئي ٿي. هي ڪتاب وضو ۽ نماز متعلق آهي. اهڙي قسم جي شاعري جنهن کي ڪبت يا سنڌيون چيو وڃي ٿو، ان متعلق خانبهادر محمد صديق ميمڻ لکي ٿو:

”نواب حفظ الله جي زماني ۾ شيخ يوسف بغدادي ٺٽي ۾ آيو ۽ هن جي وعظ جي اثر هيٺ هزارين غير مسلم اسلام قبول ڪيو. جن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مولوي ابوالحسن ”مقدمة الصلواة“ نالي ١١١٢ ھ/١٧٠٠ع ڌاري سنڌي ۾ ڪتاب لکيو“(٢٥).

مخدوم ابوالحسن جي ”سنڌي“ ڪان پوءِ سنڌي ۾ ڪيترين ئي ”سنڌيون“ لکيون ويون جن جو تعداد بقول خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي ٽـه پنجاهه کن ٿيندو(٢٦). اسان هت اهڙن ڪتابن جي لسٽ شامل ڪيون ٿا جن متعلق خاطر خواه معلومات ملي ٿي:

١. مولوي عبدالسلام — شمائل نبوي — ١٠٩٧ھ/١٦٨٥ع
٢. مخدوم ابوالحسن — مقدمة الصلواة — ١١١٢ھ/ ١٧٠٠ع
٣. مخدوم ضياءُ الدين — ضياءُ الدين جي سنڌي
٤. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي — فرائض الاسلام، زاد الفقير — ١٢٢٥ھ/١٧١٣ع
راحت المؤمنين — ١١٣٠ھ/١٧١٧ع
٥. مولانا محمد حسن — قصص الانبياء عرف سيربستان — ١١٧٧ھ/١٧٣٦ع
٦. مخدوم غلام محمد بگائي — جاهلن کي تنبيهه، قصيده برده (ترجمو)
٧. مخدوم محمد شريف راٽيپوري — ملڪي سنڌي — ١١٦٠ھ/١٧٤٧ع
٨. مولوي علي اڪبر — حصص الاموال وبحل الاموال — ١١٦٣ھ/١٧٤٨ع
٩. مخدوم عبدالله واعظ — مخدوم عبدالله جي سنڌي
١٠. مولانا احمد — روضہ الشهداءُ(ترجمو) — ١١٧٢ھ/١٧٥٨ع
١١. مخدوم عبدالخالق ٺٽوي — مطلوب المومنين — ١١٧٥ھ/١٧٦١ع
١٢. مخدوم محمد ابراهيم پٽي (هالڪندي) مخدوم ابراهيم جي سنڌي — ١١٧٧ھ/١٧٦٣ع

## ترجمو:

هن دور ۾ پهريون ڀيرو ٻين زبانن مان سنڌي شعر ۾ ترجمي جو بہ رواج پيو. مولانا احمد ”روضة الشهداءُ“، مولوي محمد حسين ”قصص الانبياءُ“، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (هالڪندي) ”ڪريما“ ۽ عبد الرؤف (سکر) پڻ ”ڪريما“ جو سنڌي شعر ۾ ترجمو ڪيو(٢٧). ان ڪان سواءِ مخدوم غلام محمد بُگائي قصيده برده شريف جو سنڌي ۾ منظوم ترجمو پڻ ڪيو(٢٨).

**مرثيہ نگاري:**

مرثيہ نگاري جيتوڻيڪ باقائده ٽالپر دور کان شروع ٿئي ٿي. پر هن صنف جا شروعاتي اهڃاڻ هن دور ۾ ملن ٿا. شاهه لطيف، احسان فقير لانگاهه، مخدوم عبدالله نتوي، سيد خير شاهه، مولوي احمد، جيئندل فقير ۽ اسماعيل فقير لانگاهه سُر ڪيڏاري جا بيت چيا. عالمن جي راءِ موجب ڪيڏارو غير موزون مرثيو آهي(٢٩).

**عروضي شاعري:**

ڪلهوڙا دور حڪومت ۾ سنڌي عروضي شاعري جو پڻ بنياد پيو. عالمن جي راءِ موجب، ٺٽي ۽ شڪارپور جا شاعر نورمحمد خستہ، حافظ عالي، مرزا تقي، ميان چتن، ملا اويس شڪارپوري، ملا صاحبڏنو "صاحب" ۽ خليفو ڪرم الله شڪارپوري ابتدائي عروضي شاعر آهن(٣٠).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ان متعلق لکي ٿو:

"ڪلهوڙن جو دور شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين اهل دل شاعرن جي ڪلام سبب سنڌي شاعري جي عروج جو زمانو ليکجي ٿو. عجيب اتفاق آهي جو، سنڌي عروضي شاعري جو ٻج بہ هن دور ۾ ڇٽيو ويو. شڪارپور ۽ ٺٽي جي ڪلام کان سواءِ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي جا مولود ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مناجات بہ عروضي شاعري جا بنيادي مثال آهن" (٣١).

**ڪلهوڙا دور ۾ فارسي علم ۽ ادب:**

سنڌ ۾ ارغون، ترخان مغل دور کان فارسي دفتري زبان رهندي آئي. ڪلهوڙا دور ۾ سنڌي سان گڏوگڏ فارسي علم ۽ ادب بہ وڏي اوج تي هو. محسن ٺٽوي، مير علي شير قانع، ميرجان الله شاهه رضوي، شيوڪ رام عطارد، محمد پناهه رجا، مير نجم الدين عزلت، مخدوم محمد معين تسليم، ميرحيدرالدين، ابوتراب ڪامل، مير ابو البقا بهرور علي، غلام علي مداح، مرزا غلام علي، مومن ٻالچند هن دور جا مشهور فارسي گو شاعر هئا. جن مان ڪيترن پنهنجيون تصنيفون يادگار ڇڏيون آهن(٣٢).

هن دور ۾ فارسي ۾ تذڪره نويسي ۽ انشاءِ پرداز بہ اوج تي هئي. سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، فاضلن ۽ شاعرن جو احوال اهڙي ريت محفوظ ٿيو. انشاءِ پرداز بہ ان وقت جي حالتن ۽ واقعن کي ڄاڻڻ جو هن دور ۾ ماخذ جي حيثيت رکي ٿو. اهڙن چوند ڪتابن جي هڪ فهرست اسان هت شامل ڪريون ٿا.

**تذڪره نويسي:**

١. سيد رفيق علي حسيني پيشنگي لطيفة التحقيق ١١٠٢ھ/١٧٠٨ع
٢. محمد صالح بن ملا زڪريا معارف الانوار ١١٤٠ھ/١٧٢٧ع
٣. مير غلام علي آزاد بلگرامي يد بيضا ١١٤٥ھ/١٧٣٢ع
٤. مير علي شير قانع مقالات الشعراءِ ١١٧٤ھ/١٧٦٠ع
٥. شيخ محمد اعظم تحفة الطاهرين ١١٩٠ھ/١٧٧٦ع
٦. مير علي شير قانع معيار سالڪان طريقت ١٢٠٢ھ/١٧٨٧ع
٧. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مدح نامہ سنڌ

**انشاء/ مڪتوبات:**

١. منشي عبدالرؤف گلدستہ نورس بهار
٢. منشي عبدالرؤف گلدستہ هميشہ بهار
٣. شيوڪ رام عطارد انشاءِ عطارد
٤. مير عبدالڪريم اميرخاني (مرتب: سيد اشرف خان) رقائم ڪرائم ١١٤٥ ھ/١٧٤١ع
٥. شاھ فقير الله علوي مڪتوبات علوي
٦. ميان قاضي احمد دمائي مڪتوبات شريف
٧. ابراهيم انشاءِ ابري (هڪ نالي سان ساڳي مصنف جا ٽي مجموعا تيار ٿيا)
٨. مير علي شير قانع انشاءِ قانع (٣٣)

هن دور ۾ فارسي ۾ انهن موضوعن ڪان سواءِ مذهبي علوم، اسلامي تاريخ، تفسير، تصوف، سيرت، اخلاقيات، موسيقي، شڪار، جاگرافي، قاموس گرامر، ٻولي، طب ۽ رمل جهڙن عنوان تي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم جاري رهيو(٣٤). هن دور کي اسان فارسي علم و ادب جو بہ هڪ شاندار دور ڪوٺي سگهون ٿا.

ڪلهوڙا دور ۾ جتي سنڌي ۽ فارسي زبانن جو ادب ۽ شعر عروج تي هو اتي عربي ادب جي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ آبياري ٿي. سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ان ڏس ۾ پنهنجيون لياقتون صرف ڪيون. سرائڪي ۽ اردو يا هندي شاعري جا ابتدائي اهڃاڻ پڻ هن دور ۾ ملن ٿا. ميان صاحبڏنو، روحل فقير، بي نوا، شهيد، رسوا، درد سنڌي، محمد سعيد راهبر، غلام مصطفيٰ،

محزون، شيخ درد، مير محمود صابر، محسن شيراز سرائڪي ۽ اردو هندي جا شاعر هئا.

**ٽالپر دور:**

سنڌ تي ڪلهوڙن جي صاحبي بعد ٽالپر اميرن جو راڄ شروع ٿيو. ڪلهوڙن جي دور وانگر ٽالپرن جي دور ۾ به سنڌي علم ۽ ادب خوب ترقي ڪئي. اڳين دور جي مروج صنفن به نه فقط اوج حاصل ڪيو بلڪ نيون صنفون به نسري نروار ٿيون. تعليمي صورتحال گذريل دور جيان هن حڪومت ۾ به نمايان هئي. ملڪ جي حڪمرانن گهٽي ڪان گهٽي علمي محفلن ۽ شاعراڻن بزمن جي نه رڳو سرپرستي ڪئي، پر خود به تصنيف و تاليف جي شغل ۾ مصروف رهيا. هن دور ۾ ئي پهريون ڀيرو سنڌي نثر جي شروعات ٿي.

ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي هن دور جي ادبي صورتحال بابت لکي ٿو:

”ٽالپر امير وڏا علم دوست هئا، شعر و شاعري سان سندن بيحد دلچسپي هئي. هو پاڻ به شعر چوندا هئا ۽ شاعرن ۽ عالمن جو وڏو قدر ڪندا هئا. فقيرن ۽ درويشن سان ڏاڍي عزت ۽ احترام سان ملندا هئا .......هن دور ۾ سنڌي شاعري به چڱي ترقي حاصل ڪئي ته ٻي طرف انهن ڏينهن ۾ پارسي شاعري جو چڱو چهچٽو هو“(۳۵).

**علمي صورتحال:**

سنڌ اندر هر دور ۾ مذهبي تعليم تي خاص توجهه ڏنو ويندو رهيو آهي. انهي پس منظر ۾ هن خطي ۾ ڪيترائي ديني تعليم جا مرڪز قائم رهيا. ڪلهوڙا دور جي اهم مرڪزن جو ذڪر اسان اڳ ڪري آيا آهيون. هن دور ۾ سنڌ اندر ديني تعليم ۽ تربيت جا ڇهه اهم مرڪز هي هئا: ۱.سيوهڻ ۲.ٺٽ (ٺلٽي جي پرسان) ۳.ڪهڙا ۴. مٽياري ۵. مهڙ يا ولهار (عمر ڪوٽ جي نزديڪ) ٦. چوٽياريون. ان ڪان سواءِ ٻين شهرن ۾ به ننڍا وڏا مدرسا موجود هئا، جن ۾ صرف، نحو، منطق، فقه، تفسير، حديث، معاني، بيان ۽ بديع جا مضمون پڙهايا ويندا هئا. مدرسن جو مدار وقف تي هوندو هو. مالدار ۽ متقي ماڻهو انهن لاءِ پنهنجي ملڪيتن مان حصو وقف ڪندا هئا، ٽالپر حڪمران پڻ مدرسن کي ماهوار وظيفو ڏيندا هئا(۳٦). ٽالپر اميرن جا ديرا به خاص طور مدرسن جي تعليم ڏانهن ڏيان ڏيندا هئا.

اعجاز الحق قدوسي انهي ڏس ۾ لکي ٿو ته:

”ٽالپر خاندان جون راڻيون بہ تعليم جي ڦهلاءَ ۾ گهڻي دلچسپي وٺنديون هيون، خاص طور شهزادي خيران تہ هڪ مدرسو بہ قائم ڪرايو جنهن جا سمورا اخراجات هو خود ادا ڪندي هئي“(٣٧).

## علم ۽ ادب ۾ حاڪمن جو حصو :

هن دور جي علمي محفلن جي ٽالپر اميرن نہ رڳو سرپرستي ڪئي پر پاڻ بہ شعر و شاعري ۽ تصنيف و تاليف جي ڪم ۾ مصروف رهيا. سندن دربار ۾ وقت جا ناليوارا شاعر، عالم، فاضل ۽ سخن شناس موجود هوندا هئا.

رحيم داد مولائي شيدائي لکي ٿو:

”سنڌ جا ٽالپر امير، علم پرور، سخن سنج ۽ نقط دان هجڻ سان گڏ فياض بہ هئا، جتي بہ ڪو آبدار گوهر ڏسندا هئا تہ ان کي پنهنجي فياضي سان مقناطيس وانگر ڇڪي پاڻ وٽ آڻيندا هئا. سفر توڙي حضر ۾ عالمن ۽ شاعرن جي جماعت ساڻن ڪني رهندي هئي“(٣٨).

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ اندر ٽي جدا جدا حڪومتون هيون. اسان هت ٽنهي حڪمران خاندان جو علحده مطالعو ڪنداسين.

## شهداداڻي سرڪار:

حيدرآبادي ميرن کي شهداداڻي سرڪار سڏيو ويندو هو. هن حڪومت جو باني مير فتح علي خان هو، جيڪو پاڻ بہ وڏو اهل ذوق هو سندس دربار ۾ مير عظيم الدين ٺٽوي جهڙا فارسي گو شاعر موجود هوندا هئا(٣٩).ان کان سواءِ هن خاندان جو حڪمران مير ڪرم علي خان فارسي جو پڻ بهترين شاعر هو، سندس ”ديوان ڪرم“ يادگار طور موجود آهي. مير علي مراد پنهنجي حڪمراني واري وقت ۾ شعر و شاعري جي محفلن جو سرتاج هو، هن بہ فارسي ۾”ديوان علي“ ۽”طب مراد “ نالي بہ تصنيفون ڇڏيون آهن. هن خاندان جي مير صوبدار خان کي علمي حوالي سان خاص اهميت حاصل آهي. هن پنهنجون ڇهہ فارسي تصنيفون يادگار ڇڏيون آهن. جن جا نالا آهن : ١.ديوان مير ٢. مثنوي فتح نامہ سنڌ ٣. مثنوي سيف الملوڪ ٤. مثنوي خسرو شيرين ٥. مثنوي قصہ ماهہ و مشتري ٦. مثنوي جدائي نامہ. آخري ٽالپر حڪمران مير نصير خان جعفري وڏو علم پرور،

اديب ۽ شاعر هو. هن جي دور ڪي علمي لحاظ کان سموري پوئين دور تي برتري حاصل هئي. هن بہ فارسي ۽ اردو ۾ هيٺيان پنهنجا يادگار ڇڏيا آهن :

١. ديوان(١٢٣٣ھ/١٨١٧ع)
٢. مثنوي ميرزا صاحبان مصور(١٢٣٥ھ/١٨١٩ع)
٣. مثنوي مختيار نامہ مصور(١٢٤١ھ/١٨٢٥ع)
٤. سفر نامہ جعفري منظوم(١٢٦٠ھ/١٨٤٤ع)
٥. ديوان جعفري (اردو١٢٦١ھ/١٨٤٥ع)
٦. مڪاتب جعفري (٤٠).

ٽالپر امير ڪتاب گڏ ڪرڻ ۽ ڪتب خانا جوڙڻ جا بہ وڏا شوقين هئا. سندن ڪتب خانن ۾ قرآن پاڪ جا قلمي نسخا، تفسير ۽ ٻيا قيمتي ڪتاب موجود هوندا هئا سندن ديرا بہ ڪتاب گڏ ڪرڻ جو شوق رکندا هئا. مير فتح علي خان جي ڏيءُ بہ ڪيترائي ڪتاب ڪتابت بعد پنهنجي ذاتي ڪتب خاني ۾ شامل ڪيا، جن ۾ عربي، فارسي، سرائڪي ۽ سنڌي زبانن جا ڪتاب شامل هئا(٤١).

## سهراباڻي سرڪار :

خيرپور جي ميراڻي حڪومت کي ”سهراباڻي سرڪار“ سڏيو ويندو هو. هن حڪومت جو باني مير سهراب خان هو. خيرپور جا مير اهل ذوق ۽ نڪتہ سنج هئا. سندس دربار ۾ هر وقت وڏا وڏا شاعر، عالم ۽ فاضل موجود هوندا هئا.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي لکي ٿو:

”خيرپور جي ميرن کي ادب سان وڏي دلچسپي هوندي هئي. شڪار ۽ راڳ کان پوءِ شعر ۽ شاعري ۽ ادبي ڪتابن جو مطالعو سندن محبوب مشغلو هوندو هو. وڏا عالم، اديب ۽ شاعر سندن دربار سان وابستہ هوندا هئا. وتن علم ۽ ادب جو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو“(٤٢).

حڪومت جو باني مير سهراب خان وڏو اهل ذوق ۽ فارسي جو بهترين شاعر هو. هن وقت سندس سمورو ڪلام ناپيد آهي، سواءِ هڪڙي فارسي بند جي جيڪو هن طرح آهي.

ما باد شماليم وزيدم همہ ڪس را،
ما گرگ در نديم، دريدم همہ ڪس را.
(٤٣)

ڊاڪٽر عطا محمد حامي لکي ٿو:

”مير سهراب جـــي فرمائش تي ٻه ڪتاب هڪ فارسي ۽ هڪ سرائڪي لکيا ويا. پهريون ڪتاب ١٢٠٨ ھ/١٧٩٤ع ۾ ٺٽي جي هڪ عالم شيخ محمد اعظم ولد شيخ محمد شفيع فارسي ۾ ”هيئـــت العالم“ لکيو. هن ۾ دنيا جي جاگرافي، علم نحو، علم نجوم ۽ ڪجھ ملڪن جو بيان آهي. سنڌ جي شهـــرن بکر، اروڙ، سيوستان، حيدرآباد ۽ ٺٽي جو مفصل احوال ڏنل آهي. ٻيو ڪتـــاب سرائڪي ۾ منظوم ”يوســـف نامو“ آهي. جيڪو شاعر سيد خير شاه١٢٣٣ ھ/ ١٨١٨ع ۾ تحرير ڪيو“(٤٤).

ميـــر زنگي خان، مير رستم خان، مير حمزو خان، مير مبارڪ خان، مير علي مراد خان، مير محمد حسن خان، مير علي اڪبر خان، مير علي محمد خان، مير شاهنواز خان، سنڌي، فارسي ۽ سرائڪي جا قادرالڪلام شاعر هئا. سندن درٻار ۾ آخوند محمد نشان فاروقي، قاضي محمد ڪامل، خان محمد پيـــرزادو، سبحان فقير، صادق فقير، آخوند محمد حيات ”حاتم“ ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر، عالم، فاضل موجود هوندا هئا(٤٥).

**ماڻڪاڻي سرڪار:**

ميرپورخـاص جـي ميراڻـي حڪومـت کـي ”ماڻڪـاڻي سـرڪار“ سڏيو وينـدو هـو. هـن جو بـاني ميـر ٺـارو خـان ”سـتاره جنـگ بهـادر“ هـو. هـي اهل ذوق ۽ سخن شناس جو وڏو قدردان هو. مير صاحب جي درٻار ۾ سيد ضياءالدين ٺٽوي ۽ خليفي نبي بخش ”قاسم“ لغاري جهڙا سنڌي، فارسي ۽ اردو جا وڏا شاعر موجود هوندا هئا. مير عظيم الدين پنهنجو ديوان مير ٺارو خان جي نالي منسوب ڪيو آهي(٤٦).

مير ٺارو خان جو فرزند مير علي مراد خان ماڻڪاڻي، فارسي جو هڪ بهترين شاعر هو. سندس هڪ فارسي سه حرفي جو پتو پيو آهي. مير صاحب، ضياءُ الدين ٺٽوي کان شعر ۾ اصلاح وٺندو هو. ان کان سواءِ هن خاندان جو مير الهيار خان ثاني پڻ فارسي ۾ شعر چيو آهي. سندس وقت جي شاعرن سان تعلق هو(٤٧).

**سنڌي شاعري:**

هن دور ۾ سنڌي شاعري خوب ترقي ڪئي. پوئين دور جي مروج صنفون بيت، وائي، مولود، مناجات، مدح، سينگار وغيره گهٽي تعداد ۾ لکيون

ويون، عروضي شاعري خاص طرح غزل هن دور ۾ باقائده لکيو ويو. ان کان سواءِ مرثيو، هجو گوئي، قصہ گوئي، ٽيهہ اکري، گهڙولي، جهولڻو ۽ مسلسل بيت جي ابتدا بہ هنن ڏينهن ۾ ٿي تہ سنڌي ۾ نثر نويسي جي شروعات بہ هن دور ۾ ڏسجي ٿي.

سچل سرمست، نانڪ يوسف، سيد ثابت علي شاهہ، مراد فقير، حمل فقير، پير راشد روضي ڌڻي، صديق فقير سومرو، سامي، خليفو نبي بخش لغاري، عثمان فقير سانگي، نواب ولي محمد لغاري، شاهہ نصيرالدين، عبدالله فقيرڪاتيار، خليفو گل محمد "گل" هالائي، آخوند محمد "قاسم" هالائي، خوش خير محمد هيسباڻي هن دور جا قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن.

## بيت:

بيت سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي اهم صنف آهي. ڪلهوڙا دور ۾ شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بيت کي خوب ترقي وٺرائي. ٽالپر دور ۾ سچل سرمست، مراد فقير، صوفي دلپت سيوهاڻي، خليفي نبي بخش لغاري، صديق فقير سومري، حمل فقير، پير محمد راشد، سامي ۽ ٻين ڪيترن عوامي شاعرن بيت چيا. سچل سرمست بيت کي فڪري ۽ فني وسعت ڏئي ڪيس خوبصورتي بخشي.

بيت جي موضوع ۾ بہ هن دور ۾ تبديلي آئي. سچل سائين جي بيت ۾ رندي رنگ، مستي ۽ بيباڪي آهي. حمل حسن ۽ عشق جي ذڪر ۾ حقيقت پسندي کان ڪم ورتو. خليفي نبي بخش پهريون ڀيرو ڪيڏاري جي موضوع کي قومي شاعري جي اظهار جو ذريعو بڻايو. هن ڪيڏاري ۾ ڪرڙي جي جنگ جو احوال آندو آهي. سامي هن دور جي بيت جو باڪمال شاعر آهي سندس شعر کي سلوڪ چيو وڃي ٿو. هن وٽ ويدانت اهم آهي، هو ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار کي انسان جو بنيادي ويري سمجهي ٿو.

## وائي /ڪافي:

ڪلهوڙا دور ۾ وائي کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ميان صاحبڏني ۽ روحل فقير عروج تي پهچايو. هن دور ۾ وائي تي "ڪافي" نالو مروج ٿيو.

سيد حسام الدين شاهہ لکي ٿو:

”هن دور ۾ وائي جو نالو ڪافي پيو ۽ هي ٻن مصراعن کي وڌائي ٽن ۽ چئن مصراعن ۾ لکجڻ شروع ٿي. هر قسم جا خيال جيڪي وائي جي محدود دائري ۾ نٿي اچي سگهيا، اهي ڪافي ۾ آساني سان آندا ويا“(٤٨).

هن دور جي ڪيترن ئي شاعرن ڪافي کي زور ورتايو جن ۾ سچل سرمست خاص طور ڪافي جي گهاڙيٽن ۾ تبديليون آڻي ان ۾ وڌي وسعت پيدا ڪئي. هن کان پهرين ڪافي محدود گهاڙيٽن ۾ چئي ويندي هئي؛ پر سچل سرمست هڪ ئي وقت لاتعداد نمونا جوڙيا ان کان سواءِ مراد فقير، فتح فقير، پير محمد اشرف، عبدالله ڪاتيار، صوفي دلپت، عثمان فقير سانگي، شاه نصيرالدين، صديق فقير سومرو، پير محمد راشد، نواب ولي محمد لغاري، خوش خير محمد هيسباڻي خاص طور ڪافي جا شاعر ذڪر لائق آهن.

**مولود:**

حضرت محمد ﷺ جن جي ولادت باسعادت جي خوشي ۾ چيل مولود جي ابتدا ڪلهوڙا دور ۾ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي ڪئي. هن دور ۾ به هي صنف وڌيڪ اسري. سچل سرمست جي ڪن ڪافين ۾ مولود وارو مضمون سمايل آهي. ان کان سواءِ فتح فقير، پير محمد راشد، ملا صاحبڏنو شڪارپوري، قائم الدين، نورمحمد، اميربخش، عثمان، فيض محمد، سومر، الهه رکيو ۽ خليفو ڪرم الله مولود چيا.

**مداحون، مناجاتون ۽ معجزا:**

هن دور ۾ مدح جا بلند پايه شاعر پڻ ٿي گذريا. فتح فقير، پير محمد اشرف، صدرالدين، سيد ثابت علي شاه، ملا صاحبڏنو شڪارپوري، آخوند محمد بچل انور، فقير غلام حيدر شر، حمل فقير لغاري، همت علي شاه، ميان حامد الله، حسين فقير ديدڙ، نواب جان محمد لغاري ۽ ٻين ڪيترن همعصر شاعرن مداحون ۽ مناجاتون چيون. سيد خير شاه، حمل فقير ۽ گل حسن شر معجزا چيا.

**مرثيو:**

ڪلهوڙا دور ۾ غير موزون مرثيي جانمونا ملن ٿا، پر هن دور ۾ علم عروض موجب مرثيو چوڻ جو رواج پڻ پيو. سيد ثابت علي شاه ان جو بنياد وڌو، هن عربي، فارسي آميزش محاورا، تشبيهون ۽ خيالات، پهريون ڀيرو سنڌي مرثيي ۾ رواني سان چيا(٤٩).

سيد ثابت علي شاهه کان سواءِ مولوي احمد، سيد خير شاهه، سچل سرمست، آخوند محمد عالم، مرزا پـڊل بيگ، مرزا قاسم بيگ "قاسم"، مرزا غلام رسول بيگ مقبل، آخوند محمـــد بچـل، ميـر نصير خان ٽالپر، مرزا فتح علي بيگ ۽ هن دور جي ٻين ڪيترن شاعرن مرثيا چيا آهن.

**غـــزل:**

سنڌي ۾ غزل جا بنيادي اهڃاڻ ڪلهوڙن جي دور ۾ ملن ٿا، پـر غـزل هن دور ۾ اوج حاصل ڪيو. ٽالپر دور جي وڏي صوفي شاعر سچل سرمست ابتدا ۾ ڪي ڪافيون اهڙيون چيون آهن جيڪي هوبهو غـزل جهڙيـون لڳن ٿيون. ڪي عالم ان کي سچل سرمست جا غزل ڪوٺين ٿا پر اهڙين ڪافين مٿان ٿلهه موجود آهي تہ ڪي ڪافيون مڪمل ٻن سٽن جو بند نہ ٿيون رکن يعني اهڙيـون ڪافيون ڏيڍيون آهن. البت سچل سائين جون ڪي ڪافيون عروض تي پوريون اچن ٿيون تنهن هوندي بہ اسان اهو نٿا چئي سگهون تہ سرمست سائين عـروض تـي مڪمل غـزل چيا. البت ســـيد ثابت علـــي شاهه، محمد بچل انور، ملا صاحبڏنو، خليفو ڪرم الله، مير شهداد خان، مير حسن علي خان، مير نصير خان جعفري، مير حسين علي خان، خليفو گل هالائي، خليفو قاسم هالائي، نـواب ولـي محمد لغاري هن دور جا ناليوارا غزل گوُ شاعر آهن.

ٽالپر دور جي پڇاڙي بعد خليفي گل هالائي جي غزلن جو ديوان "ديوان گل" ۱۸۵۸ع ۾ بمبئي مان ليٿو تي شايع ٿيو، جيڪو شاعر خود شايع ڪرايو هو.

**ٿيهہ اکري:**

ٿيهہ اکري جا ابتدائي اهڃاڻ ڪلهوڙا دور کان بہ اڳ ملن ٿا. پر هن صنف جا خاص بلند پايا شاعر هن دور ۾ ٿي گذريا. انهن مان حمل فقير لغاري، ملا صاحبڏنو، خليفو نبي بخش لغاري ۽ آخوند محمد بچل انور جا نالا قابل ذڪر آهن (۵۰).

**هجو گوئي:**

هجو گوئي جو مطلب آهي "تنقيدي نظم لکڻ" هـن صنـف جو موجد بہ سيد ثابت علي شاهه آهي. سيد خير شاهه ۽ ٻين بہ هجويہ شاعري ڪئي آهي.

**قصہ گوئي:**

سڀ کان اول سنڌي قصہ گوئي جو رواج حفيظ تيوٽي ”مومل راڻو“ قصو ڏوهيڙن جي صورت ۾ منظوم ڪرڻ سان ڪيو، جيتوڻيڪ هو اکين کان نابين هو پر تنهن هوندي بہ سندس قصي ۾ واقع نگاري ۽ منظر نگاري جا سٺا نمونا ملن ٿا.

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي لکي ٿو تہ:

”حفيظ جو هي قصو ”مومل راڻو“ عشق ۽ محبت جو داستان آهي ۽ سنڌ جي سرزمين جي پيداوار آهي، سنڌ جي پراڻي تهذيب ۽ رسم ۽ رواج جو هن مان پتو پئي ٿو“ (۵۱).

حفيظ تيوٽي کان سواءِ هن دور ۾ حاجي عبدالله، مثنوي جي نموني ۾ ”ليليٰ مجنون“ جو قصو پڻ منظوم ڪيو(۵۲).

هن دور ۾ پڻ ڪن عالمن فارسي ڪتابن جو سنڌي شعر ۾ ترجمو ڪيو، جن ۾ مولوي ولي محمد ”حڪايات الصالحين“ ۽ محمد عارف ”صنعت“ ”ڪريما“ جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيو(۵۳).

نثر نويسيءَ جي ابتدا:

ٽالپر دور ۾ سنڌي نثر نويسي جي باقائده شروعات ٿي، مٽياري جي هڪ عالم آخوند عزيزالله قرآن شريف جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو. ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي هڪ مضمون ”قديم سنڌي نثر“ ۾ هن دور کان گهڻو اڳ جا نثري جملا پيش ڪيا آهن (۵۴). پر عالمن جي راءِ موجب سنڌي ۾ باقائده سڌريل نثرنويسي جي ابتدا آخوند عزيزالله جي ڪيل قرآن شريف جي ترجمي کي سمجهڻ گهرجي (۵۵).

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي پيش ڪيل نثري جملن کي سنڌي نثر جا ابتدائي اهڃاڻ چئي سگهجي ٿو.

منگهارام ملڪاڻي، قرآن شريف جي ترجمي بابت لکي ٿو:

”قرآن شريف کي سنڌي ۾ آٽيندڙ جيتوڻيڪ عربي تان لفظي ترجمو ڪيو هو، تنهن هوندي بہ جملن ۾ اکرن جي ملاوٽ، هيٺ مٿي ڪري، اهڙي تہ ڪاريگري سان بيهاري هئائين جو سندس نثر مان نظم جو ساءُ پيو اچي. جڻ جديد زماني جو نظماڻو نثر (Poetic Prose) لکي ويو آهي“ (۵۶).

هن دور ۾ سنڌي لغت نويسي جا بہ اهڃاڻ ملن ٿا. هن ڏس ۾ انگريز ماهرن ۽ ڏيهي عالمن بنيادي ڪوششون ورتيون (۵۷).

**ٽالپر دور ۾ فارسي علم ۽ ادب:**

ٽالپر دور حڪومت ۾ فارسي نہ رڳو سرڪاري زبان هئي پر هتان جي ڪيترن ئي شاعرن، عالمن فارسي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم جاري رکيو. خود شهداداڻي حڪمران ۽ ان خاندان جا ڪيترائي شهزادا فارسي جا قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن، جن جو ذڪر اسين اڳ ڪري آيا آهيون.

ڊاڪٽر وفا راشدي لکي ٿو:

"ٽالپرن جي دور ۾ فارسي زبان ۽ ادب خاص طور تي ترقي حاصل ڪئي. عالمن، شاعرن، اديبن ۽ اهل فن کي بي مثال پذيرائي حاصل ٿي اڪثر اهل علم ۽ سخن شناس حڪمرانن جي انهي فيض و عنايت سان وابستہ رهيا. ايران، افغانستان ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جي عالمن، فاضلن ۽ شاعرن جي آمدورفت ۽ هنن جي هتي رهڻ جي ڪري وادي مهراڻ علم و ادب جو هڪ وڏو مرڪز بڻجي وئي" (۵۸).

هن دور جي ٽاليوارن فارسي شاعرن ۽ اديبن جي تصنيفن جي هڪ فهرست هت شامل ڪجي ٿي:

**۱. مير علي شير قانع ۱۱۴۰ھ/۱۷۲۷ع – ۱۲۰۳ھ/۱۷۸۸ع**

۱. تومار سلاسل گزيده (۱۲۰۲ھ/۱۷۸۷ع)

۲. شجره اطهر اهلبيت (۱۲۰۲ھ/۱۷۸۷ع)

۳. معيار سالڪان طريقت (۱۲۰۲ھ/۱۷۸۷ع)

**۲. سچل سرمست ۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ع – ۱۲۴۲ھ/۱۸۲۷ع**

۱. ديوان آشڪار ۲. ساقي نامہ ۳. مثنويون: ۱. تارنامہ، ۲.رازنامہ، ۳. گداز نامہ، ۴. عشق نامہ، ۵. درد نامہ، ٦. رهبر نامہ.

**۳. سيد ثابت علي شاهہ ۱۱۵۳ھ/۱۷۴۰ع – ۱۲۲۵ھ/۱۸۱۰ع**

۱. فارسي ديوان

**۴. ضياءُ الدين ضياءُ ۱۱۶۰ھ/۱۷۴۷ع ـ ۱۲۲۹ھ/۱۴-۱۸۱۳ع**

۱. مثنوي هير رانجها ۲. فارسي ديوان

**۵. نواب ولي محمد لغاري ۱۱۶۵ھ/۱۷۵۲ع ـ ۱۲۴۷ھ/۱۸۳۲ع**

۱. خرود نامہ (علم اخلاق) ۲. نزهة الابدان (علم طب)

۳. ساقي نامہ ۴. موعظة نامہ ۵. مثنوي هير رانجها

**۶. سيد مير حسن الحسيني شيرازي**

۱. زبده المعاصرين

**۷. محمد صالح شاملوي**

۱. محڪ شعراءُ

**۸. آخوند محمد بچل انور ۱۲۰۲ھ/۱۷۸۷ع م**

۱. مثنوي مرزا صاحبان

**۹. محمد عارف صنعت شڪارپوري ۱۲۶۶ھ/۱۸۴۹ع م**

۱. ديوان صنعت

**۱۰. نواب غلام محمد لغاري ۱۲۷۹ھ/۱۸۶۲ع م**

۱. ديوان غلام

**۱۱. آخوند قاسم هالائي ۱۲۲۱ھ/۱۸۰۶ع - ۱۲۹۹ھ/۱۸۸۱ع**

۱. ديوان فارسي

**۱۲. محمد عظيم الدين عظيم ٺٽوي**

۱. فتح نامہ (ڀهرئين ٽالپر حڪمران مير فتح علي خان جي فرمائش تي شاهنامہ فردوسيءَ جي طرز تي لکيل)

۲. مثنوي هير رانجها ۳. ديوان عظيم ٺٽوي

۴. اردو شاعري جو بياض

ان کان سواءِ منشي صاحبراءِ آزاد، دلپتراءِ دلپت، ملا صاحبڏنو، اميد علي ”سها“، مخدوم محمد صالح وزير آبادي ۽ مراد فقير پڻ فارسي جا اعليٰ شاعر هئا.

### ٽالپر دور ۾ سرائڪي ۽ اردو ادب:

ڪلهوڙا دور ۾ سرائڪي ۽ اردو زبان ۾ علم ۽ ادب جا شروعاتي اهڃاڻ ملن ٿا. ٽالپر دور ۾ هنن ٻنهي ٻولين جا سنڌ ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا. سچل

سرمست هن دور جو سرائڪي جو اعليٰ شاعر ٿي گذريو آهي. هن سرائڪي ۾ ڏوهيڙا، سه حرفيون ۽ ڪافيون چيون آهن. سچل سرمست جي سرائڪي شاعري متعلق صديق طاهر لکي ٿو:

"سچل سرمست تصوف جي فلسفي جي ڏکين مسئلن کي عام فهم ۽ آسان سرائڪي ۾ بيان ڪيو آهي. بلاشبہ سرائڪي ادب ۾ حضرت سچل سرمست کان پهرين ڪو به ايڏو وڏو شاعر نہ ٿي گذريو آهي.......هڪ اعتبار کان ايئن چئي سگهجي ٿو تہ سرمست سائين سرائڪي ادب جو وڏو محسن آهي" (٥٩).

سچل سرمست کان سواءِ مراد فقير، نانڪ يوسف، سيد خير شاهہ، حمل فقير، خوش خيرمحمد هيسباڻي، مولوي لطف علي ۽ هن دور جي ٻين ڪيترن شاعرن سرائڪي ۾ ڪلام چيو.

هن دور ۾ اردو ۾ بہ ڪيترن شاعرن شعر چيو جنهن ۾ سچل سرمست، مير حيدرالدين ابوتراب ڪامل، مير محمود صابر، مير حفيظ الدين علي، مير اسدالله ساقي، مراد فقير، آخوند قاسم هالائي، سيد ثابت علي شاهہ، مير عظيم الدين عظيم، مير غلام علي مائل، مير ڪرم علي خان، نانڪ يوسف ۽ ٻيا شامل آهن. هن دور جي اردو شاعري بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:

"سنڌ جي قديم اردو شاعري تي هندي زبان جو اثر غالب آهي. هندي، سنڌي ۽ سرائڪي جا ڪيترائي لفظ اردو شاعرن جي ڪلام مان ملن ٿا. تہ ڪن شاعرن جي شاعري تي سنڌي شاعري جو رنگ ڪجهہ گهڻو ئي اثرانداز ٿيو آهي. مقصد تہ سنڌ جي اردو شاعري جو پنهنجو ئي مزاج، انداز ۽ اسلوبِ بيان آهي. هن ۾ تغزل بہ آهي تہ ساڳي وقت هن تي تصوف جو رنگ بہ غالب آهي" (٦٠).

# حوالا

١. رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، ص٥٦٤، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٨٥ع
٢. پروفيسر لطف الله بدوي "کلهوڑوں کی ابتدائی تاریخ"، مشمولہ: تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند، تيرهوين جلد، علائقي ادبيات مغربي پاڪستان جلد اول، ص٥٣١، ١٩٧١ع.
٣. خانبهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌي جي ادبي تاريخ (برٽس حڪومت کان اڳ) ص١١٣، ١٩٣٧ع.
٤. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڪلهوڙا دور حڪومت، ص ٣-٢-١-٣٦٠، انجمن اتحاد عباسيه پاڪستان ڪراچي ٢٠٠٤ع
٥. ڪلهوڙا دور حڪومت، ص ٣٧٧-٣٦٤، مختلف صفحا (حوالو اڳ آيل آهي)
٦. ميان نورمحمد عباسي، منشور الوصيت و دستور الحڪومت، ايڊٽ: پير حسام الدين شاهه راشدي، سنڌي ترجمو: عبدالرسول قادري، ص٦٢-٦١، ڪراچي.
٧. مولانا غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ — ڪلهوڙا دور (پاڳو پهرين) ص٥٤١، ترجمو: ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٣ع
٨. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد چوٿون) ص٩-٨
٩. ڪلهوڙا دور حڪومت، ص ٣٨٨، (حوالو اڳ آيل آهي)
١٠. ڪلهوڙا دور حڪومت، ص ٣٨٨، (حوالو اڳ آيل آهي)
١١. تماهي مهراڻ ١٩٨٦/٤، سنڌي ادبي بورڊ، ص٦٦، حاشيو
١٢. ڊاڪٽر خضر نوشاهي، ڪليات سرفراز، مقدمو، ص٣٢-٢٨، ڪراچي
١٣. ڊاڪٽر خضر نوشاهي، ميان سرفراز خان ڪلهوڑہ اور اس کي فارسي شاعري، (مقالو)، ص٩-٨-٢١٧، شامل: ميان غلام شاهه ڪلهوڙو، سنڌ جو شاهجهان، مرتب: اسلم عباسي، ٢٠٠٠ع
١٤. ڪلهوڙا دور حڪومت، ص ٤٠١، (حوالو اڳ آيل آهي)

١٥. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ٻولي جو آڳاٽو ذخيرو، مقدمو ص١۴-١٣، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، ١٩٩٣ع.
١٦. ڊاڪٽر اياز قادري، سچل جو ادبي ماحول. (مقالو). ص٣-۵٢. سرمست ۵/١٩٨۵. سچل يادگار ڪميٽي خيرپور.
١٧. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ص۴٧٦، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو ١٩٩٩ع
١٨. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مولود، مقدمو، ص۴. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦١ع
١٩. مولود، ص٨-٧-٦، مقدمو (حوالو اڳ آيل آهي)
٢٠. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص٨-٩٧، عجائب اسٽور سکر، ١٩٧۴ع
٢١. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص٩-٨-٩٧، (حوالو اڳ آيل آهي)
٢٢. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، معجزا، مقدمو: ص۴، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٠ع
٢٣. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ۽ ١٢-١٣ صدي هجري جا ڪي ٻيا شاعر، ص١٩، سنڌ ماڊڪ موتي تنظيم ٢٠٠٢ع
٢۴. سيد حسام الدين شاهه، سنڌي ادب، ص٨٣، ترجمو: غلام محمد لاکو، گرامي پبليڪيشن دولتپور ١٩٨١ع
٢۵. خانبهادر محمد صديق ميمڻ سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ) ص١١۵-١١٣، (حوالو اڳ آيل آهي)
٢٦. سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ) ص١١۵-١١٣، (حوالو اڳ آيل آهي)
٢٧. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص١١٠-١٠٨، (حوالو اڳ آيل آهي)
٢٨. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ١٢-١٣ صدي هجري جا ڪي ٻيا شاعر، ص٢٠-١٩ (حوالو اڳ آيل آهي)
٢٩. مخمور بخاري، سنڌ جا آڳاٽا مرثيا نويس، (مقالو)، ص١٢، ماهوار پيغام، فيبروري ٢٠٠۵ع.
٣٠. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ص١٩٦، روشني پبليڪيشن، ١٩٩۴ع.
٣١. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ص١٩٧، (حوالو اڳ آيل آهي)

٣٢. ڪلهوڙا دور حڪومت. ص٩-٨-٣٩٧ (حوالو اڳ آيل آهي)
٣٣. ڪلهوڙا دور حڪومت. ص٣٩٦-٣٩٢. (حوالو اڳ آيل آهي)
٣٤. ڪلهوڙا دور حڪومت. ص٣٩٦. (حوالو اڳ آيل آهي)
٣٥. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو. ص١٠٩. (حوالو اڳ آيل آهي)
٣٦. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو. ميرن جي ڏينهن ۾ مسلمانن جي تعليم ۽ هاٿوڪي تعليم ۾ واڌاري لاءِ اپاءَ. (مقالو). ص١١١. الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٩٣٦ع.
٣٧. اعجاز الحق قدوسي. تاريخ سندھ (اردو). ص٧٨٠. حصہ دوم. مرڪزي اردو بورڊ لاهور ١٩٧٤ع.
٣٨. رحيمداد خان مولائي شيدائي. مضمون بزم خيرپور. بحوالہ خيرپور جي ميرن جو ادب. سياست ۽ ثقافت ۾ حصو. ص١٥١.
٣٩. علامہ گل حسن ”احسن“ ڪربلائي. اميران تالپور ڪي علمي ڪارنامي. (اردو) ترجمو: پروفيسر رحمت فرخ آبادي. ص٧٣. آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي. ١٩٨٨ع.
٤٠. اميران تالپور ڪي علمي ڪارنامي. ص١٠٤-٨٣. (مختلف صفحا)
٤١. اميران تالپور ڪي علمي ڪارنامي. (اردو) ص٥٧-٤٠. (مختلف صفحا).
٤٢. ڊاڪٽر عطامحمد حامي خيرپور جي ميرن جو ادب. ثقافت ۽ سياست ۾ حصو. ص ١٥٢ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. ڄام شورو. ١٩٩٦ع.
٤٣. خانبهادر خداداد خان. لُب تاريخ سندھ. بتصحيح: دڪتور نبي بخش خان بلوچ. سندھي ادبي بورڊ ڪراچي/حيدرآباد ١٩٥٩ع
٤٤. خيرپور جي ميرن جو ادب. ثقافت ۽ سياست ۾ حصو. ص١٥٣ (حوالو اڳ آيل آهي).
٤٥. خيرپور جي ميرن جو ادب. ثقافت ۽ سياست ۾ حصو. ص١٦١-١٥٣ (حوالو اڳ آيل آهي).
٤٦. محمد حنيف مهر ڪاڇيلوي. تاريخ مانڪاني تالپور. (اردو). ص٦٠. ١٩٧١ع
٤٧. تاريخ مانڪاني تالپور. (اردو). ص٦٣-٤٩. ١٩٧١ع. (حوالو اڳ آيل آهي)
٤٨. سيد حسام الدين شاھ راشدي. سنڌي ادب. ص١١٦. ترجمو: غلام محمد لاکو. گرامي پبليڪيشن. دولتپور.

۴۹. مرزا عباس علي بيگ، (مرتب)، ڪليات سيد ثابت علي شاھ ڪربلائي، ص١٦، مقدمو، اسلامڪ ڪلچر اينڊ ريسرچ سينٽر ڪراچي ١٩٨۴ع.

۵۰. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص١٣٢، (حوالو اڳ آيل آهي).

۵۱. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، سنڌي زبان جو قصه گو شاعر، حفيظ تيوٽو، (مقالو)، ص٩٩، ششماهي سنڌي ادب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ٢-١/١٩٨٠ع

۵٢. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص١٢٧، (حوالو اڳ آيل آهي).

۵٣. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص١-١٢٠، (حوالو اڳ آيل آهي).

۵۴. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، مضمون ۽ مقالا، مرتب: خاتون خديجه دائودپوٽو، ص٩٢، پٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، پٽ شاھ ١٩٧٨ع.

۵۵. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، آخوند عزيزالله متياروي، ٽالپرن جي دور جو سنڌي نثر نگار، (مقالو)، ص١۵٨، ٽماهي مهراڻ ١/ ١٩٧٩

۵٦. منگھارام ملڪاڻي، سنڌي نثر جي تاريخ، ص١۵، (حوالو اڳ آيل آهي).

۵٧. سنڌي لغت نويسي جي تاريخ لاءِ ڏسو، ناسف علي شيراز جو مقالو، ٽماهي مهراڻ، اونهارو ٢٠٠۴ع ۽ سرءُ ٢٠٠۴ع.

۵٨. ڊاڪٽر وفا راشدي، اردو کي ترقي مين اولياءِ سنده کا حصه، ص٦٨، (حوالو اڳ آيل آهي).

۵٩. صديق طاهر، سچل سرمست کي سرائڪي شاعري، (اردو _ مقالو) ص۴۴، ڪاروائي سچل نيشنل سيمينار، مرتب: حميد آخوند، سچل اڪيڊمي خيرپور، ١٩٨٣ع.

٦٠. ڊاڪٽر عبدالمجيد سندهي، لسانيات پاڪستان، (اردو) ص١٧١، مقتدره قومي زبان اسلام آباد ١٩٩٢ع.

# سچل سرمست ۽ صوفي روحل فقير

سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري ۾ جن شاعرن جو مقام هميشہ اعلىٰ رهندو انهن ۾ روحل فقير جو فڪر زنده رهندڙ آهي ڇاڪاڻ جو هي فڪر انسان دوستي ۽ انسانيت جو پيغام آهي. جنهن پيغام جي اسان کي ڪالهہ کان بہ اڄ وڌيڪ ضرورت آهي. هر طرف وڌندڙ بي ايماني اڻ برابري. اڻ سهپ ۽ دهشتگردي جي وقت ۾ برابري، رواداري، سهپ، برداشت، محبت، امن، سک شانتي، وارو فڪر ئي اسان جي رهنمائي ۽ رهبري ڪري سگهندو.

روحل فقير ولد شاهو فقير ذات جو زنگيجو هو. سندس وڏا پهريان ساهيوال (پنجاب) جي هڪ ڳوٺ لونگڙيہ جا رهاڪو هئا. جتان شاهو فقير. ڪلهوڙن جي صاحبي واري زماني ۾ لڏي اچي سنڌ ۾ عمرڪوٽ ويجهو هڪ پِٽ تي ديرو ڄمايو. ان پِٽ کي اڄ بہ "روحل جي پِٽ" سڏيو وڃي ٿو. شاهو فقير کي ٽي پٽ هئا. ١.سلطان ٢.روحل ٣.ميوو. هنن ٽنهي مان روحل فقير پنهنجي فقيري ۽ علم سبب گهڻو مشهور ٿيو (١). روحل فقير جي ڄمڻ جي تاريخ ڪا پڪي پختي نٿي ملي. لطف الله بدوي سندس ڄمڻ جي تاريخ شڪ جي بنياد تي ٤٧-١١٤٦ھ/ ٣٤-١٧٣٣ع لکي ٿو (٢).

روحل فقير جي ابتدائي زندگي جا حالات ڇٽا ناهن. تنهن ڪري فقير جي ننڍپڻ توڙي تعليم جي احوال متعلق ڪا ڄاڻ ناهي، البت لطف الله بدوي جي راءِ موجب تہ: "ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سندس تعليم سٺي نموني ۾ ٿي، سندس ڪلام جي پختگي ۽ رواني ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ فقير کي سنڌي سان گڏ عربي، فارسي جي بہ چڱي لياقت هئي" (٣). روحل فقير جي رهائش واري وقت ۾ ٿر جي آسپاس (جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن ڏانهن اچ وڃ سبب) هندي جو رواج گهڻو هو. تنهن ڪري هن فقير هندي زبان تي بہ وڏي دسترس حاصل ڪئي، جنهن جو ثبوت سندس هندي ۾ چيل ڪلام آهي (٤).

روحل فقير تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن جواني جي سن کي پهتو تہ ڪلهوڙا حاڪم ميان غلام شاهہ جي دربار ۾ ملازمت حاصل ڪيائين.

جلد ئي سندس نهنائي ۽ سانتيڪي مزاج کان ميان غلام شاهه متاثر ٿيو ۽ کيس توشاخاني جو عملدار مقرر ڪيائين (۵). فقير ان عهدي تي ميان غلام شاهه جي وفات تائين نہ پنهنجيون خدمتون سر انجام ڏنيون پر ميان کان پوءِ ميان سرفراز جڏهن سنہ۱۷۷۲ع ۾ تخت تي ويٺو تہ هن جي اختيار ڪيل غلط سياسي حڪمت عملي کان روحل فقير دل شڪستو ٿي پيو ۽ جلد ئي هن سرڪاري ملازمت ڇڏي ڏني، کيس ميان سرفراز گهڻو ئي روڪيو پر هو پنهنجي اٽل ارادي تي قائم رهيو (٦).

روحل فقير سرڪاري ملازمت کان فارغ ٿي پنهنجي وطن ٺٽر پهتو ۽ عمرڪوٽ جي پرسان پدمات جي پٽ تي گوشہ نشيني اختيار ڪيائين (۷). سندس طبيعت ۾ شروع کان ئي فقيري مائل هئي. دنيا جي حرص هوس کان اڳ ئي پري ڀڄندو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ حقيقي مرشد جي تلاش ۾ گهمندو ڦرندو شاهه عنايت شهيد جي درگاهه تي جهوڪ ميرانپور اچي پهتو ۽ شاهه عزت الله جو مريد ٿيو ۽ سندس خدمت ۾ پورا پنجويهہ ورهيہ رهي اندر اجاري عارف ڪامل بڻجي ويو. جنهن کان پوءِ کيس سندس مرشد وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ چيائينس: "فقير تنهنجي رهڻ جي جاءِ اها آهي، جتي توکي خودبخود روڪ ٿئي". مرشد جي اجازت ۽ حڪم موجب گهمندو ڦرندو رهيو ۽ آخر هڪ جاءِ تي سندس پهرياڻ ڪنڊيءَ جا لام ۾ اٽڪي پيو، جنهن کي خدا جو امر سمجهي ۽ مرشد جي حڪم جي تعميل ۾ ان جهنگ ۾ رهي پيو (۸).

روحل فقير جهوڪ مان مرشد کان موڪلائي جڏهن هليو تہ اچي عمرڪوٽ ۾ واپس پنهنجي ماڳ پهتو. پر سير سفر جي شوق کيس اتي ڪو گهڻو رهڻ نہ ڏنو. فقير جوڌپور ۽ بيڪانير جو سفر ڪيو، جتي جتي بہ پهتو ماڻهو ڪائنس اتي بيحد متاثر ٿيا ۽ هن سوين ماڻهن کي پنهنجي روحاني فيض سان سيرياب ڪيو. هن ئي سفر دوران روحل فقير جي ملاقات جوڌپور جي راجا بجيہ سنگهہ سان پڻ ٿي ۽ ان وٽ ڪجهہ عرصي رهڻ دوران ئي راجا کي صوفيا مسلڪ کان واقف ڪرڻ لاءِ، پنهنجي تصنيف "آگم وارتا" رچيائين (۹).

روحل فقير جي مرشد جي سلسلي ۾ اسان جهوڪ ميرانپور جي شاهه عزت الله جو ذڪر ڪري آيا آهيون پر محترم لطف الله بدوي لکي ٿو تہ:

"روحل فقير جي مرشد جي سلسلي ۾ هڪ ٻي روايت پڻ موجود آهي تہ هو هڪ هندو فقير ڏونگرسي مهراج جو فيض يافتہ هو، جو ٿرپارڪر جي طرف چڱو ساڌ سنگت وارو ساڌو ٿي گذريو آهي" (١٠).

گمان غالب آهي تہ روحل فقير پنهنجي شروعاتي زندگي يا سرڪاري ملازمت ترڪ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن واپس ٿر وڃي رهيو تہ ان عرصي ۾ روحل فقير، فقير ڏونگرسي مهراج سان صحبت ڪئي هجي، پر باقائده فيض، شاهہ عزت الله کان ئي حاصل ڪيو هيائين.

روحل فقير جڏهن ڪنڊڙيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي تہ ان کان پوءِ مير سهراب خان ٽالپر کيس ڪوٽڏجيءَ ويجهو ڪوٽليءَ ۾ زمين ڏني، ڇاڪاڻ تہ مير صاحب سندس وڏو معتقد هو. فقير بہ ڪڏهن ڪڏهن سندن دربار ۾ ويندو هو، جتي شادي شهيد ۽ ٻيا گهڻا ئي امير ڪبير موجود هوندا هئا. مير صاحب، روحل فقير کان سندس صوفيانا ڪلام وڏي ذوق شوق سان ٻڌندو هو (١١).

روحل فقير بہ شاديون ڪيون، کيس چار فرزند شاهو فقير، غلام علي فقير، دريا خان فقير ۽ خدا بخش فقير هئا. جيڪي پڻ پنهنجي وقت جا سٺا شاعر ٿي گذريا آهن.

روحل فقير جي جنم تاريخ توڙي شروعاتي زندگيءَ بابت ڪو مستند احوال ميسر نہ آهي، اهڙي طرح سندس وفات جي تاريخ پڻ پڪي پختي نٿي ملي. محترم بدوي صاحب سندس وفات جي تاريخ روايت جي بنياد تي سنہ ١٢١٩هہ/ ١٨٠٤ع لکي آهي (١٢).

**شاعري:**

روحل فقير هڪ سچو صوفي ۽ وڏو عالم عارف شخص هو. هن کي سنڌي، سرائڪي کان سواءِ عربي، فارسي ۽ هندي زبان تي بہ وڏي دسترس هئي. ويدانت جي علم کان بہ خوب واقف هو ان جو چٽو ثبوت سندس هندي تصنيفون ۽ ڪلام آهي. روحل فقير پنهنجي وقت جو بهترين شاعر هو. سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ۾ موجود آهي. پروفيسر بدوي سندس هيٺيون تصنيفون ڄاڻايون آهن.

١. من پربوڌ ٢. اديت گرنٿ ٣. سرب گيان ٤. آگم وارتا (١٣)

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي تحقيق قابل قدر آهي. ھُن هِن باري ۾ شايع ٿيل روحل جي هندي ڪلام جي حوالي سان سندس ست گرنٿ ڄاڻايا آهن. جيڪي هي آهن: ١. شاستر من پربوڌ ٢. شاستر آديت گرنٿ (انيو ۽ آتم درسي ڪوانگي) ٣. نج مول گرنٿ ٤.شبد (پد) ٥. پندرهن ٿتيان ڪؤ ويچار ٦. سه حرفي(١-٢) ٧. آگم وارتا (١۴).

روحل فقير جو ڪلام مختلف وقتن تي شايع پڻ ٿيو آهي. سنه ١٩٠٣ع ڌاري گولا سنگهه پرچارام. فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام پهريون ڀيرو "روحل فقير" نالي ڪتاب ۾ شايع ڪيو. جنهن ۾ ٻه هندي گرنٿ (شاستر من پربوڌ ۽ شاستر اڌيت گرنٿ) پڻ شامل ڪيا ويا. جنهن ڪان پوءِ ڊاڪٽر رگهو مل موٽواڻي جو مرتب ڪيل "روحل جو ڪلام" نالي ڪتاب سنڌي ساهتيہ سمتيءَ. بمبئي طرفان ١٩٦١ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪان پوءِ سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ "ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام" ڪتاب ١٩٦۴ع ۾ شايع ڪيو. جيڪو پروفيسر لطف الله بدوي مرتب ڪيو. جنهن ۾ روحل ۽ مراد فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ڏنل آهي. سنه ١٩٩٠ع ۾ دهلي مان ڊاڪٽر رميش چندر مشر جو "سنڌي ڪري سنت روحل ڪي هندي باڻي" نالي ڪتاب شايع ٿيو. جنهن ۾ روحل فقير جا مٿي ڄاڻايل ست هندي گرنٿ ۽ ڪجهہ ٻيو ڪلام شامل ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ان ڪتاب کي روحل فقير جو شايع ٿيل ڪلام جو سڀ ڪان بهترين ڇاپو قرار ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب ۾ روحل فقير جي ڪلام جون درست پڙهڻين سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي (١٥).

تازو پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق. روحل فقير جو سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ڪلام "ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار صوفي روحل فقير" جي عنوان هيٺ وڏي محنت سان مرتب ڪيو، جيڪو سکر هسٽاريڪل سوسائٽي. سکر پاران سال ٢٠٠١ع ۾ شايع ڪيو ويو. اسان هت روحل فقير جي ڪلام جي مطالعي لاءِ لطف الله بدوي جو مرتب ڪيل "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" ۽ سچل سائين جي ڪلام لاءِ عثمان علي انصاري جو مرتب ڪيل "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" کي سامهون رکنداسين.

روحل فقير جو ڪلام اسان کي سنڌي، سرائڪي ڪان وڏيڪ هندي ۾ ملي ٿو. هن جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام تي وحدت الوجود جو ۽ هندي ڪلام تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر ڏسجي ٿو. هو پنهنجي سموري ڪلام ۾ سچل سرمست وانگر پاڻ سڃاڻڻ ۽ حق کي حاصل ڪرڻ واري وائي ورنائي ٿو.

روحل فقير پنهنجي ڪلام ۾ بندي کي پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي. هو ٻين صوفي شاعرن وانگر چئي ٿو ته: سڄڻ من اندر ۾ ئي آهي، ان کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڳولڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. تنهنجي چوليءَ ۾ پرين موجود آهي. رڳو توکي پنهنجي من تان مدائي واري مير مهٽي لاهڻي پوندي. هو چئي ٿو:

جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ، اٿئي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪڍ قلوب مان مدائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ پرکي، سندو ڇٽن ڇاڻ،
نت سائين توهي ساڻ. آهي رات ڏينهن "روحل" چوي.

صحيح سڃاڻج سچ، مڙج مَ ملامت ڪون،
گهڙي پنهنجي گهٽ ۾، پرواني جيئن پچ،
ماري ڪڍج من مان، ڪوڙائي جو ڪچ،
رنگ پريان جي رچ، رات ڏينهان "روحل" چوي.

(ص ۴۳)

روحل فقير پنهنجي هڪ سرائڪي ڪافي ۾ پاڻ سڃاڻڻ جو ڪيڏو نه خوبصورت اظهار ڪيو آهي:

لوڪ آکي هي "روحل" ٻوليندا،
ڪوئي آکي هي ذات زنگيجا.

نهين "روحل" نهين ذات زنگيجا،
اي ڪو سر الاهي هي.

ڪفر اسلام ڏوهان تؤن نيارا،
جيوين جل دي اندر ڏيکن تارا.

آخـــــر ذات ملي وچ ذاتيـــــــن،
ڏيندا عـــــشـــــــق اوگاهي هي. (ص٦٧)

سالڪ جڏهن پاڻ سڃاڻي وٺي ٿو تہ پوءِ هو هر دم پرين پنهنجي اندر ۾ پسي ٿو. روحل فقير چئي ٿو:

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙي رکيـــون جن،
سي سؤ پيرا سانـــت ۾، پل پل پريـــن پسن،
تن تحصيلون تمام ڪيون، محب جنين جي من،
روحـــل مٿو تـــــن، لٿا حرف حســـاب جا.

(ص٤٥)

سچل سائين وٽ وحدت الوجود جا سمورا مضمون عيّان ٿيل آهن. هو پاڻ ۾ پرين پسڻ کان پوءِ جي پنهنجي ڪيفيت هر هر هن طرح بيان ڪري ٿو.

پنهنجـــي ذات لڪـــائي ڪيـــئن بـــي ذات ســـڏايان،
ظـــاهر ڪيـــان ذات ڪـــي، تـــاهي بُـــت پڇايـــان،
منصـــوري جـــي مـــوج ۾ ٿـــو 'انـــالحق الايـــان'،
ســـچو ســـارو ســـچ ٿيـــو، حڪمـــت هـــي چلايـــان.

آهيـــان آءُ اســـرار، جيـــڏيون مـــون ڪـــي ڪيـــر پيـــانيو ٿيـــون
مرشـــد پـــانهو نـــہ چيـــو، تـــون "ســـچو" آهـــين ســـردار.

(ص ٥١)

سالڪ جڏهن عشق جي وات تي هلي پاڻ سڃاڻڻ واري مرحلي مان گذري حق سان گڏجي حق ٿئي ٿو تہ منجهس ڪهڙيون نشانيون ظاهر ٿين ٿيون. روحل فقير چئي ٿو:

نو نشانيون نور جون عاشقـــن آهيـــن،
هڪڙي ويهن واٽن تي بي ڪانڻ نہ ڪائيـن،
ٽيون سر سپ ڪنهن اڳيان، ٿا نميو نوائين،
چوٿون بڏي ڪنن سان، وري نہ ورجائيـــن،

پنجون پهه پرينءَ سان، ٿا پکو پچائين،
ڇهون ڪُڇن ڪينڪي، ناتو نباهين،
ستون سڪ سڄڻ جي، ٿا لنوَ لنؤ لڳائين،
اٺون ڳالهه عجيب جي، ٿا واري ورجائين،
نائون ننڊ نيڻن کي ٿا جودؤن جاڳائين،
ڏهن سيبائين، "روحل" دوسائي درٻار ۾.

(ص ٦٧)

سچل سائين پڻ سچي سالڪ جون نشانيون ظاهر ڪيون آهن:

ٻئي جهان ڦٽا ڪيو ٿيا ٽئين جهان وڃن،
اصلوڪن ئي اختيار ڪيو فقر فقيرن،
وتن ويڳاڻا ورهه ۾ نيڻن ننڊ نه ڪن،
راتو ڏينهان روح ۾ چپ نه ڪو چورين،
مولىٰ جي محبت ۾ اکيا ٿا وتن،
سڏکا سيئي سوز جا، پنين رات پُرن،
آديسي ارمان ۾ گهوماتيا گهمن،
ڪين رئڻ ڪون ان جو اکيون اوڪارن،
انئي پهر عجيب کي ڪنڌ اونڌي اورن،
ڪا ساعت هڏ نه سنرا، اُنهين ري آهين،
ظاهر سي ئي زبان سان، پيو تا ڪين ڪُهن،
محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڏ ڪهن،
ڪُرڪَن ڪنجهن ڪينڪي، ڄڻ پار وهانءُ وڃن،
رت منجهاروُن پانهنجي وضو وير ڪرن،
اي نماز عشق جي، تهون پنوءِ پڙهن.

(ص٣٦،٤٠٨)

سچل سرمست ملان جي ظاهري ناهه نوهه ۽ ڪتابي علم کي ترڪ ڪري حقيقي واٽ اختيار ڪرڻ جو ڏس ڏيندي ملان کي بار بار چئي ٿو 'صرف' ۽ 'نحو' ۾ ڪجهه به ناهي. عشق جي واٽ تي هلڻ کان پوءِ ئي حقيقت جو ڳس ڳولي سگهجي ٿو. وحدت نامي ۾ درازي بادشاهه چئي ٿو:

ڪي ڪامل ڪرسي تي چڙهي وهه وهه واعظ ڪن،
ڪي ڪاتب ڪتابن جا سوين سبق ڏين،
ڪي مسئلا مسائل ڪيون، ناميا نبيرن،
ڪي پڙهيا پاٽي پر وجهه سان پڙهيو، پڙهائين
ڪي وردن وظيفن ۾ شاغل روز رهن،
ڏسيو وائسيو ورق ڪي، وريو ورائيين،
سڪ سچي ڪون ڪونڪو سبق سور سڪن
اکر لکن نه دل تي، تا ڪاغذ ڪارا ڪن،
مس ڪاري جيان من ڪي، تا ڪاري ڪارو ڪن،
مدعا جنهن تئي ڳالهه ۾، تنهن ويجهو ڪين وڃن.

(ص ۳۵)

سچل سائين جتي ظاهري ۽ سطحي تعليم تي فخر ڪرڻ جي مخالفت ڪئي آهي اتي ڪنڊڙي جو هي ڪلتار روحل فقير پڻ اهڙي ئي ڳالهه ڪندي نظر اچي ٿو. هو به اندر ۾ ڪڙهڻ جو حامي آهي ڇاڪاڻ ته علم جي رڳو سطحي هوندو ته اهو انسان کي حقيقي واٽ کان گمراهه ڪري ڇڏيندو پر جي انسان علم جي واٽ تي ڪڙهندو ته سندس اندر جي اک کلي پوندي ۽ پوءِ ئي هو درست سفر ڪري سگهندو ۽ پوءِ ئي ان ۾ نهنائي نوڙت ۽ بي باڪي پيدا ٿيندي. روحل فقير چئي ٿو:

پڙهيا بيد ڪتيب جا، تا ڏين ڏورانها ڏس،
سي سچ سڃاڻڻ ڪينڪي موهيا پسي مس،
رات ڏينهان 'روحل' چوي رڙهي تنهن کي رس،
پير پريان جو پس نائي ڪنڌ قلوب ۾.

(ص ٦٢)

پڙهڻ پُرجهڻ پاڻ ۾ وڏو فرق قير،
ڪاڏي منهن محبوب جو، ڪاڏي اکر اير،
ساڻ سهائي سچ جي، ڇا موافق ٿيندو مير،
جن صحي سڃاتو پير، 'روحل' رات نه تن ڪي.

(ص ۲٦)

سچل سائين وري عشق جي واٽ تي هلي منزل تي پهچڻ وارن لاءِ چئو چئي رهيو آهي.

ڪي وڃي رسيا حال ڪي، ڪي بيٺا پاڙائن،
ڪي لنگهي هليا حال ڪئون نڪي قل ڪهن،
ڪي دنيا جي طلب ۾ هنيا حرص هڄن.

(ص ٣٦)

روحل فقير بہ اتي چئي رهيو آهي:

ڪاتب ڪاني ڪانهن جي، ڪاغذ تي مَر ڪاهہ.
اکر جي ادراڪ جا تنهن ۾ لکين لاهہ،
قلم جي قلوب جو، مٿي وحدت واهہ،
سپرين ڏي ساهہ، 'روحل' رتي روح جي.

(ص٦٢)

جتي هي ٻئي شاعر ظاهري سطحي تعليم جي نفي ڪن ٿا اتي هي هندو مسلم جي يڪجهتي جي ڳالهہ ڪندي انسانيت کي مذهبي قيد کان مٿانهو سمهجن ٿا. ۽ اسان هنن شاعرن جي دور جو مطالعو ڪنداسين تہ اهو دور سنڌ جي تاريخ جو مَتجندڙ ۽ مِتجندڙ دور هو. سياسي اٿل پٿل، ڌارين جا حملا، قبضا، رت جي راند کان ويندي نام نهاد مذهبي ٺيڪيدارن جي منافقت قوم کي هندو مسلم ٻن خانن ۾ ورهائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي، انهن حالتن ۾ سچل سائين جيڪو انسان دوستي جو مثال قائم ڪيو اهو وڏي اهميت رکي ٿو. سچل سرمست سائين چئي ٿو:

وقت اها ٿئي ويل دوئي دور ڪرڻ جي
ڪڏ مذاهب من مان ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي محبت جا ڪر ميل
متان ٿيئي اويل، اولهہ سج نہ الهي.

(١٦)

اڃان بہ هڪ قدم اڳتي ڪلم ڪلا چئي رهيو آهي:
مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا.

ساڳي وقت اسين روحل فقير جي حالات زندگي ڏسون تہ ان جي روحاني ۽ فڪري تربيت ۾ مختلف مذهبي مڪتب فڪرن رڪندڙن وت ٿئي آهي. جيڪا ڳالهہ سندس هندو مسلم واري ظاهري فرق کي مٽائڻ ۽ هڪ ٿيڻ جو مثال آهي. ان ڪان سواءِ پنهنجي شاعري ۾ پڻ اهڙا خيال ظاهر ڪندي چئي رهيو آهي تہ حق تعالىٰ هر ڪنهن ۾ موجود آهي:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرن اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، تيون وچ وڏائون وير،
انڌن اوندهہ نہ لهي، تن ڪي سچ چوندو ڪير،
پر 'روحل' راهہ پرين جو، جان گهڙي ڏٺو سي گهير،
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ قند نہ قير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبت الله ۾.

(ص ٦٢)

سچل سائين جتي مختلف لوڪ رومانو داستانن تي بيت، ڪافيون چيون آهن اتي هن لاهوتين ۽ جوڳين بابت پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. جيڪي جوڳي / لاهوتي پنهنجون سموريون خواهشون پاڻ ڪان پري ڪري حقيقت جي ڳولا ۾ نڪتا آهن، سي يقيناً پنهنجي منزل تي رسندا. روحل فقير پڻ جوڳين بابت بيت چيا آهن، جن ۾ هن سچل سائين وانگر لاهوتين جون خاصيتون بيان ڪيون آهن. حق جا طالب لاهوتي حقيقي عشق ۾ اهڙا تہ مستغرق آهن جو انهن کي ڪائڻ، پيئڻ توڙي جاڳ سجاڳ جي خبر نٿي پوي. روحل فقير چئي ٿو:

نڪا سڪ سمهڻ ۾، نڪو جاڳڻ ۾ جس،
نڪي خبر ڪلڻ ۾، نڪي روئڻ ۾ رس،
ذاتي ذڪر رباني، اهو بہ اوري ڏس،
من جو مرشد پَس، تہ ”روحل“ ملين روح الله سان.

(ص ٦٧)

سچل دوکي باز جوڳين لاءِ چئي ٿو اهي ظاهري ناهہ ٺوهہ ۽ دنياوي عيش ۽ عشرت کي ئي اصل حقيقت سمجهي وينا آهن، اهي ڪڏهن بہ حقيقت تائين پهچي نہ سگهندا. مقصد کي فقط لاهوتي ئي حاصل ڪندا. سچل چئي ٿو:

جو ڳي جــالئــون جال، پر لاهوتي لنگهي ويا،
هــو هَلــــي ويڙا حال ۾، هي قابو مٿي قال،
هَي هَي منهنجي حال، جو حال نہ پيو هٿ مون.

(ص۳۳۸)

روحل فقير جتي وحدت واري وائي ورنائي ٿو اتي حسن ۽ عشق جو بيان بہ سندس ڪلام ۾ خوبصورتي پيدا ڪري ڇڏي ٿو. چاڪاڻ تہ حسن ۽ عشق شاعري جو بنيادي محرڪ آهي. حسن ئي آرٽ جي صورت وٺي ٿو. عشق جيڪو انساني جبلتن جو حصو آهي سو جڏهن گلاب جيان ٽڙندو آهي تہ انسان جي من اندر ۾ حسين ۽ جميل نازڪ ۽ حساس ۽ خوابن جهڙي خوشگوار سڳنڌ پري دنيا جوڙي ڇڏيندو آهي (۱۷). ان ئي سونهن پيري دنيا مان روحل توڙي سچل سائين پنهنجو اندر ويهي اوريو آهي. ڪنڊڙي جي ڪلتار جا جمالياتي نازڪ خيالي جا ڪجهہ عڪس سندس شاعري مان هن طرح پَسجن ٿا:

نــہ مــون سُــڌ نــہ ســار، اڃــي عشــق اتــاريم اوچتــو،
روحــــل چـــوي روح ۾، تــــن پـــرين جـــي پچــــــار،
ســي انگـــــڻ آيــا ســپرين يــاد ڪنــديئي يــــار،
ٺريـــا نيٽــين نـــار پســـي مـــنهن محبـــوبن جـــــا.

(ص۴۴)

اگئـــين پـــريم پيـــالا پيتــا ڪاجــا ســـڪيان چـــالي،
جــت ويڪــان اُتــي مــوهني صــورت، مــاهي ميــڏي والــي،
لــؤن لــؤن وچ جهــوڪ جنهينــدي، جــاءِ نهــين ڪــا خــالي،
جــنهن دل انــدر ديــدار نــہ ڪيتــا، ڪــاڏا نــانگڻ ڪــالي
'روحـــل' رنـــگ ربـــاني رتـــڙا، درجـــا پـــات عـــالي.

(ص ۹۸)

سچل سرمست بہ سونهن سوپيا جي خوب وستار ڪئي آهي. هن جي سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي شاعري ۾ سجڻ جي سهڻائپ، سندرتا ۽ ڪوملتا جو سرس بيان آهي. هڪ هنڌ چئي ٿو:

چمڪن جهلڪن جهمڪن رخ تي، واه موتي دي داڻي،
ساڳي صورت حق دي ويکو جي ڪوئي آڻ سڃاڻي،
جهلڪن جوڙ، جبين تي جادو، يا سهڻي ڪونه پاڻي،
"سچل" قدر اُنهان دا ڄاڻان، يا وت آپ اُوڄائي.

(١٨)

سڄڻ جي رخ تي سچل سائين کي ڪارا وار معشوق لاءِ پهريدار بلائون ٿا محسوس ٿين. ديوان آشڪار ۾ چئي ٿو:

آن سيهه موئي مثال از هاست
درد مندان را وهد آزار ها
زلف برخ يار آويزا شده،
تہ بديدن اودلم شده پارها.

(١٩)

(منهنجي يار جا ڪارا وار ازدها جيان آهن ۽ عاشقن کي وڏي تڪليف ڏين ٿا. يار جي رخسارن تي زلف لٽڪيل آهن جن کي ڏسڻ سان منهنجي دل ٽڪر ٽڪر ٿي پئي آهي).

عشق جي واٽ ئي سالڪ کي حق تائين پهچائي ٿي. روحل چئي ٿو:

جن کي عشق اندر ۾، تن کي اڄ نہ بک،
وحدت منجهہ وصال جي، ٿا سداماڻن سک،
ڏور تنهين کان ڏک، جي روحل رتا روح ۾.

(ص٤٥)

سچل سرمست کي عشق مست الست ڪري ڇڏيو آهي هن جڏهن کان نينهن جي مُڌ جي سرڪي چکي آهي تڏهن کان هن جي دنيا جا رنگ بدلجي چڪا آهن هن لاءِ مجاز حقيقت جو پهريون ڏاڪو آهي ۽ جڏهن سرمست سائين حقيقت جي وادي ۾ پير رکي ڇڏيو تہ پوءِ هن تي اهي راز عيان ٿيڻ لڳا جنهن جو اظهار درازي شاهہ ئي ڪري سگهي ٿو:

عشق لڳئي تا ڪر آمين، نامنجهہ ڪفر نا منجهہ دين.
ڏسو عشق جو انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف،

جـوئـي مـذهب عشـق جـو سـوئي آهـي غـلاف،
سـچو انهـي ڳالهـ ۾، خـس نـ آهـي خـلاف.

(٢٠)

روحل جي نظر ۾ عشق هر شيءِ کان افضل ۽ اعلي آهي، هو چوي ٿو تہ عشق ئي مذهب آهي، عشق طريقت آهي، عشق ئي عبادت آهي. هن جي نظر ۾ سڀ ڪجهہ عشق ئي آهي. سرائڪي سہ حرفي ۾ چئي ٿو:

ي: يقيـن دي منزل ڄاڻيـن، عشق حقيقت، عشق طريقـت،
عشـق بنا ايهہ عمر اجائي، عشق هي عالم، عشق هي دولـت،
ڄاڻ انهين ڪنون منهن نا موڙين، عشق هي مذهب، عشق هي ملت،
"روحـل" قـول اهو نا فاسـد، عشق عبادت، عشق هي طاعت.

(ص٧٤)

روحل فقير جيڪا ڳالهہ پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ ڪري ٿو اها ساڳي وائي هو سرائڪي ۽ هندي ڪلام ۾ آلاپي ٿو. ٻانهو پاڻ کي سڃاڻي، پاڻ ۾ئي موجود حق کي حاصل ڪري "حق جي حقيقت ۾ سمائجي وڃي" وارا مضمون هن جي ڪلام ۾ جابجا موجود آهن. پنهنجي سرائڪي سہ حرفي ۾ دنيا کان بيزاري جو اظهار ڪندي چئي ٿو:

الف: الله دے نالـے ٻـاجهون ڪـوڙي، اور ڪمـائـي،
دنيـا ڏوتـي سـڀ جـڳ موهيـا، تيڪـون سـمجهہ نـہ آئـي،
نـال رذالـي لانئـہ يـاري، ڏاريئہ ڄـاڻ نـہ ڪائـي،
جـنهن اهـين رن ڪنـون مـنهن موڙيـا، "روحـل" راهہ حقيقـي پـائي.

(ص٧٥)

اندر ۾ پرين پسڻ واري ڳالهہ ڪندي ساڳي ئي سہ حرفي ۾ چئي ٿو:

ت: تـات طلـب رک هـردم دل ۾، طالـب دلبـر والـي،
بـاطن هويـا برحـال جنهينـدا، ڄـاڻي نـہ اتـڪل ظـاهر والـي،
هـر رنـگ دي وچ ويکـے ظاهـر قـدرت قـادر والـي،
راز حقيقـي ويکـين "روحـل"، کـولين ڪڙڪـي انـدر والـي.

(ص٧٥)

روحل جي هندي ڪلام تي ”نرگڻ ڀڳتي“ جو اثر گهڻو ڏسجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هي فڪر وحدت الوجود جي فلسفي سان گهڻو ميل کائي ٿو. هن ۾ پڻ پاڻ سڃاڻي پاڻ ۾ٿي پرين ڳولڻ وارو راز سالڪ کي سمجهايو ويو آهي. روحل جو گهڻو ڪلام هندي ۾ آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو روحل جي هندي ڪلام متعلق لکي ٿو:

”... روحل جو هندي ڪلام موضوع ۽ هيئت جي مد نظر اعليٰ معيار جو آهي. خالي نالو ڪيل نہ آهي. هر صنف ۾ خوب ملهايو اٿس. دوها، سہ حرفي ۽ ڪافي (ٺمري)، مطلب تہ هر صنف ۾ روحل جو ڪلام بلند پايي جو آهي“. (۲۱).

سچل سرمست جتي پنهنجي مرشد خواجہ عبدالحق جو احترام ۽ عقيدت مان ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو، اهڙي ريت صوفي روحل فقير وري پنهنجي مرشد جو نالو ڪڻڻ کان سواءِ سندس آمد تي خوشي ۾ نٿو ماپي. ڇاڪاڻ تہ مرشد ئي ڪيس فنا في الله واري وات تي هلڻ سيکاريو آهي. چئي ٿو:

گر تہ ”روحل“ هم ڪون مليا، ڪاٽي جم ڪي ڦاس،
دن رين مجهڪو بيهي هي، تيري چرنون ڪي پياس.
(ص ۳۰)

(”روحل“ اسان کي مرشد مليو آهي ۽ اسان موت جي بند کان آزاد ٿي چڪا آهيون، رات ڏينهن مون کي تنهنجي قدمن ۾ رهڻ جي آس آهي.)

آج موري سنت پڌاريا.
سنت پڌاريا هر جن پيارا.
ول ول جاؤن مين بلهارا.
ڪهت روحل سنت پلي پڌاريا،
پايا درسن ديدارا. (۲۲)

(اڄ مون وٽ مرشد آيو آهي. جو خدا جو پيارو آهي، جنهن تان مان هر هر صدقي ٿيان.
”روحل“ چوي ٿو تہ مرشد آيو آهي، شال سندس درشن ۽ ديدار حاصل ڪريان).

روحل فقير جو سمورو هندي ڪلام فڪر ۽ فن جي حوالي سان گهٽي اهميت لهڻي. هن هندي شاعري ۾ ”جهولڻو“ پڻ چيو آهي. جنهن ڪان متاثر ٿي سندس عزيز مراد فقير ۽ سچل سرمست سنڌي ۾ ”جهولڻو“ چيو. سچل سرمست ۽ روحل فقير جي جهولڻي بابت ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو.

”فني سٽا جي لحاظ ڪان روحل فقير جي هندي جهولڻي ۽ سچل سرمست جي جهولڻي ۾ فرق آهي. روحل فقير جي هندي جهولڻي ۾ اڪثر چار سٽون ٽين ٽيون ۽ هر سٽ جو وزن عام بيت جي وزن ڪان وڌو ۽ اينگهه وارو ٿئي ٿو. سچل سرمست جي جهولڻي جو هر بند گهٽو ڪري اٺن سٽن جو ٿئي ٿو ۽ نائين سِٽ وراڻي جي اچي ٿي. سچل سرمست جي رسالي ۾ ”سسئي پنهون“ بابت جهولڻو ملي ٿو جنهن ۾ اهڙا پنجاهه بند آهن هر بند يا بيت ڪان پوءِ جيڪي وراڻيون اچن ٿيون اهي پاڻ ۾ هم قافيہ آهن هر بند جي سِٽ جو وزن ننڍو ۽ گهٽو ڪري هندي جهولڻي جي سِٽ جي اڌ جيترو آهي. چڻ چئن سِٽن کي اَٺ سِٽون ڪري رکيو ويو آهي. قافيو بند جي سمورين سٽن جي آخر ۾ اچي ٿو ۽ هر بند يا بيت جو جدا جدا قافيو آهي“ (۲۳).

<u>پڇاڙي:</u>

روحل فقير. سچل سرمست جو لڳ ڀڳ هم عمر بہ هو تہ ساڳي وقت هڪ ئي علائقي سان ٻنهي جو تعلق هو. تنهن ڪري اسان ڏٺو تہ ٻئي شاعر فڪري طور هڪ ٻئي جي ويجها بہ هئا تہ ساڳي وقت روحل فقير وٽ نر گڻ ڀڳتي جو اثر بہ موجود آهي. تنهن ڪري روحل فقير هندي ۾ بہ ڪلام چيو آهي اهڙي ريت سچل سائين جي ڪلام ۾ هندي ڪجهہ الفاظ جيتوڻيڪ ضرور موجود آهن پر درازي شاهہ هندي ۾ ڪلام نہ چيو آهي. البتہ ٻنهي شاعرن وٽ شاعري جا گهاڙيٽا ساڳيا آهن. بيت، ڪافي ۽ سہ حرفي، اهڙي طرح سرمست سائين، ڪنبڙي جي ڪلتار ڪان متاثر ٿي سنڌي ۾ جهولڻو چيو. موضوعاتي طور هي ٻئي شاعر ساڳي واٽ تي هليا آهن جنهن جو مطالعو اسان مٿي ڪري آيا آهيون.

## ضميمو

### خدا بخش فقير:

فقير خدا بخش ناليواري صوفي بزرگ ۽ شاعر روحل فقير جو ٽيو نمبر فرزند هو. سندس جنم جي تاريخ حاصل نہ ٿي ٿئي. سندس زندگيءَ جا حالات پڻ چٽا نہ آهن. يقين سان هن بہ پنهنجي والد جي مريدي اختيار ڪئي هوندي. فقير خدا بخش، درياءَ خان جو سڳو ڀاءُ ۽ صوفي مراد فقير جو ڀاڻيجو هو. فقير خدا بخش جي وفات سنہ ۱۲۵۹ھ / ۱۸۴۳ع ۾ ٿي. ڪنڊڙيءَ ۾ مدفن آهي.

فقير خدا بخش هڪ سنو شاعر هو. مگر افسوس جو سندس سنڌيءَ ۾ اڻپوري ٽيهہ اکري ۽ هڪ ڪافي هٿ اچي سگهي آهي. جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هو پنهنجي خاندان جي ٻين درويشن ۽ شاعرن وانگر قادرالڪلام شاعر هو.

فقير خدا بخش جو ٻيو نمبر فرزند نظر علي فقير ۽ سندس پوٽو فقير درمحمد مسڪين ولد خداداد پڻ پنهنجي وقت جا سنا ڪافي گو شاعر هئا.

فقير خدا بخش جي ڪلام مان نموني خاطر هڪ ڪافي پيش ڪجي ٿي.

آءُ مل پيارا، جيءَ جيارا،
سوا يار تنهنجي گوندر گذارا.

تنهنجي وڇوڙي، وڏونهوڙي،
هيڪر هلي آ محب موچارا.

راتيون ڏينهان رڙان ٿي، آهون ڪريان ٿي،
ڪيا سوز تنهنجي اندر اوتارا.

خدا بخش سارون، لهہ تون سنڀارون،
دير نہ سهان ٿي مان، سخن سچارا.

(ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڪنڊڙي جو ڪلتار صوفي
روحل فقير آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ)

**ڪافي، نظر علي فقير:**

جـــن لاءِ تـــــي جاڳـــان، اهــــي شـــال اينـــدا،
مبـــارڪ مـــــــتڙيئي، ڏســـــڻ ســـاڻ ڏينــــدا.

جن لاءِ جيءَ ۾ تي جايون سنواريان،
اڳڻ کي اکين سان تي هر هر ٻهاريان،
ڏسـي حال منهنجو، اهي نال نيندا.

آتم جي اميدان پڄائيندو پــــرور،
ڪندو ماڙ مرسل سچو سيد سرور،
ڪري ٻاجهه ٻانهي سنپاري سڏيندا.

وڏا وير وحدت جا وارث وسيــــلا،
مٿي مهر مولا رضا ۾ رسيـــــــلا،
وڏي قرب ڪامل چنيون نا چڏيندا.

”نظر علـي“ نهايت سندو ناز نيڻن،
هجن جي هميشه سدا ساز سيڻــن،
دني دل کي جاني اچڻ سان اڏيندا.
(آءِ ڪانگا ڪر ڳالهه)

**ڪافي، فقير در محمد:**

پهـري پـــــوش آدم جو آئيـــــــن،
تنهنجـــــــي حســــن ڪيــو حيران.

عرب عجم سڀ، حڪم تنهنجي ۾ توڙي زمين آسمان،
چقمق چشمان چست چـــلايو، تنهنجي نيڻن جا پيڪان.
يڪدم زير زنار جي آندو، الو ميان، زاهد شيخ صنعان.
”در محمد“ جي درد جو دلبـــر، دلئون ڪيو ڪو درمان.

**شاهـــــو فقير:**

شاهو فقير، روحل فقير جو وڏو فرزند هو. سندس جنم ١١٦٢ھ/١٧٤٨ع ۾ ٿيو. پنهنـــجي والد جي هٿ تي بيعت ڪري سلوڪ جي راهه اختيـار ڪيائين.

شاهـــو فقير جي متعلق نياز همايوني لکي ٿو:

”شاهو فقير ڏاڍو حليم طبع، صابر ۽ شاڪر هو. سندس رهڻــي ڪهڻي سادي ســودي هوندي هئي. حڪمران ميرـ هن جي گهڻي عـزت ڪنـــدا هئا. جن وٽـان ڪيس وظيفا ۽ لوازما ملندا ٿـي رهيا. هي اڪثر جهنگ ۾ رهي راتيون جاڳي ذڪر فڪر ۾ گذاريندو هو (آءَ ڪانگا ڪر ڳالهه)“.

شـاهو فقيـر پنهنجـي والـد جـي وفـات بعـد ان جـي گـادي تـي ويٺـو. سنه ١٢٣١ھ/ ١٨١٥ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪنڊڙيءَ ۾ مدفن آهي.

شـاهو فقيـر سـنڌي ۽ سـرائڪي جـو چڱـو شـاعر هـو. پـر افسـوس سـندس گهڻو ڪلام زماني جي گردش جي نظر ٿي ويو. ابتدا ۾ سندس هڪ اڌ ڪافيون ڇاپي هيٺ اچي سگهيون پـر محتـرم نيـاز همـايوني. فقيـر دريـا خـان جـي ڪـلام جي تـرتيب وقت شاهو فقير جو ڪـــجهه وڌيـڪ ڪـلام سـگهڙن ۽ فقيـرن ڪـان هٿ ڪـري ڪتـاب ”آءَ ڪانگـا ڪـر ڳالهـه“ ۾ شـامل ڪيـو آهـي. هـن جـو سـنڌي. سرائڪي ۽ هندي ڪلام بيت ۽ ڪافي جي صورت ۾ آهي. هندي زبان ۾ تـصوف جي موضوع تـي هن جو پنهنجي مرشد ۽ والد روحل فقير سان گرو چيلي جي عنـوان تي سوال جواب نظم ۾ موجود آهن. سلوڪ جي راهه بابت شـاهو فقيـر پنهنجـي والـد ڪان ان نظم ۾ پڇي ٿو:

پوري گزڪون ڪيون ڪر لکئي، ڪــبڏ پڙي پهچان!
شاهـــو اب عـــرض ڪـــري، ڏيـــوو سرب گـيان!
گيـــان بنا گم نـا پڙي، جب ستگر ڪـــهه سمجهاء!
شاهـو پـــر ڪرپـــا ڪـــرو ڏيـــو تـــرت لـــکاء!

روحل فقير ان سوال جو جواب ڏيندي چئي ٿو:

ستگـــر پـــورڻ پـــرس هي، سدا رهي بي پرواهه!
روحل او راجـــا پيـــو، راجـــن ڪـــو پتـشاهه!

رنـــگ اوچو اجلو، نيشـــان مانهيـــن نـــور!
روحل وچن ٻولي موتي پڙي، ڪوئي چڳي هنسا سور!
نانهين ڪام، نانهين ڪروڌ، نانهيـــن لـــوڀ نہ موھ!
آشـــا نـــا ترشنا وانڪي، دغـــا باج نانهيـــن ڊوھ!

شاهو فقير جي ڪلام تي تصوف جو گهرو اثر موجود آهي هن بہ پاڻ سڃاڻڻ ۽ حق سان حق ٿيڻ وارا مضمون بيان ڪيا آهن. سنڌي بيت ۾ چئي ٿو:

پنهنجي اکئين پاڻ ۾، ليئو پاتو جـــن،
وهڻ تن ڪي وِھ ٿيو، نڪي سک سمهـــن،
انئي پهر عجيب سان، اهي وينا اورڻ ڪن،
شاهو منجهان تن، اچي بوءِ بهـــــار جي.

جن سڃاتو پاڻ کي ميان، تن جو ڪينو آهي ڪين،
اهي وتن ويڳاڻا سدا ميان، پـــي اها رس جام ۾.

شاهو فقير کي روحل فقير ثاني نالي پٽ هو. جنهن کي فقير محمد حسن جي نالي فرزند هو. هي بہ پنهنجي خاندان جي وڏڙن جيان چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. شاهو فقير جي ڪلام جي نموني سان گڏ فقير محمد حسن جي هڪ سرائڪي ڪافي پڻ هت يادگار طور درج ڪجي ٿي.

**ڪافي، شاهو فقير:**

سائين دي سنهن اسان مسافر،
ڏور آندي قســـــمت چاءِ.
ڪـــل ڪـــــــلان وچ تيـــڏي،
ڏتڙي نهين آدم نہ حواءِ.

اســـان آونّ اســـي طـــرف ڪنـــون،
جتي ملڪ نہ لهندي جاءِ.

تيــــڏي كـــــــارڻ در در ڀوڍان،
سر جهــــــولي وچ پاءِ.

”شـــاهو فقيـــر“ دا ســـڻ كـــر آيـــس،
مئن هان شاهن دا شاهه.

## كافي، فقير محمد حسن

دلدار ڏي دلاسو، دلبر آهيان ديواني.

چڙهيو شوق وچون شكاري،
ماريـــوني كان كـــــاري،
دلـــڙي قـــتيءَ ويچـــاري.
هي هي تي هان حيراني.

نيڻان دي وچ فوج چٽكـــي،
مزگان دي ويک كٽكـــــي،
هٽكي نہ مـــول هٽكـــي،
اهـــا رضـــا تہ ربانـــي.

رو رو پــچان مئين راهان،
نت نت كـــران نـگاهان،
پاليءِ برهہ ديــــــان باهان،
جي جـل رهيا وي جاني.
”محمد حســــــن“ مـدامي،
در تيڏي دا ســــــــلامي،
دعوا ركي غـــــــــلامي،
كر محسب مهرباني.
(آءَ كانگا كر ڳالهہ)

## غلام علي فقير:

غلام علي فقير، صوفي روحل فقير جو ٻيو نمبر فرزند هو. سندس جنم ١١٦٩ھ/١٧٥٥ع ۾ ٿيو. پنهنجي والد کي مرشد ٻڌائي سلوڪ جي راهه اختيار ڪيائين. پنهنجي وڏي ڀاءُ شاهو فقير جو بہ مرشد جيترو ئي احترام ڪندو هو. اهڙو اظهار پنهنجي ڪلام ۾ ڪن جاين تي ڪيو بہ اٿس:

"شاهو شاهه" ۾ شاهه سمايو، هــر طرح هر شان ۾،
"غلام علي" سر ڏنو دلبر، هليو تنهن جي دان ۾.

غلام علي فقير، پنهنجي ڀاءُ شاهو فقير جي وفات بعد فقيري جي گاديءَ تي ويٺو. هن سنہ١٢٥٥ھ/١٨٣٩ع ۾ وفات ڪئي. سندس تربت ڪنڊڙيءَ جي روضي اندر آهي.

غلام علي فقير، پنهنجي والد ۽ وڏي ڀاءُ وانگر سنڌي، سرائڪي ۽ هنديءَ جو خوبصورت شاعر آهي. هن جون ڪافيون رس چس سان ڀرپور ۽ سريليون آهن. هن جي سموري ڪلام تي تصوف جو اثر چڙهيل آهي. وحدت جي وائي ڪندي چئي ٿو:

اندر آگ عشق جي، ٿا جو ڳي جا ڳائـــين،
سامي سدا سڪ ۾، ٿا خوديءَ کي کائين،
پاڻ پليو پاڻ کان، پائنـــڻ نہ پائيـــن،
"غلام علي" عشق ۾، عاشق سي آهيـن،
ڪي لاهوتي لاهين، لاڳاپا هـن لوڪ جا.

غلام علي فقير جي هڪ ڪافي نموني طور هن ريت آهي:

### ڪافي

دلڙي لٽي وئين دلبر، جادو ڪري ڪري.
نازن نظر نيڻن جي، قابو ڪــري ڪري.

رخ سڄڻ جو ماهتاب، جڏهن کولي ٿو نقاب،
گيسو مثال مارن، ڏنگ هڻن ٿا ذري ذري.

ابـرو چڪي ڪمان مزگان تيار تير ڪن،
شـــوقئون هٽي عشاقن دستي تڙي ڪڙي.

سدا صاف ٿکن هڪ خيال نا مـڙن،
ڪوڙين سڄڻ لاءِ حمد پيو پڙهي پڙهي.

دم دم هئين ۾ باهه برهه جي ٻري ٻري،
”غلام علي“ ٿي تون سمنڊ تري تري.
(آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه)

**حوالا / حاشيا:**

۱. ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڪنڊڙي جو ڪلتار صوفي روحل فقير، ص۷. سکر هستاريڪل سوسائٽي ۲۰۰۱.
۲. لطف الله بدوي، ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۳، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۳ع.
۳. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۳، (حوالو اڳ آيل آهي).
۴. ڪنڊڙي جو ڪلتار صوفي روحل فقير، ص۷ (حوالو اڳ آيل آهي).
۵. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۴-۳ (حوالو اڳ آيل آهي).
٦. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۵-۴، (حوالو اڳ آيل آهي).
۷. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص٦، (حوالو اڳ آيل آهي).
۸. ڪنڊڙي جو ڪلتار، صوفي روحل فقير، ص۸ (حوالو اڳ آيل آهي).
۹. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۹، (حوالو اڳ آيل آهي).
۱۰. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۸ (حوالو اڳ آيل آهي).
۱۱. ڪنڊڙي جو ڪلتار صوفي روحل فقير، ص۸(حوالو اڳ آيل آهي).
۱۲. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۱۲، (حوالو اڳ آيل آهي).
۱۳. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص۱۲. (حوالو اڳ آيل آهي).
۱۴. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، روحل فقير جو هندي ڪلام (مقالو) ص۳۳- ڪنڊڙي جو ڪلتار صوفي روحل فقير، (حوالو اڳ آيل آهي).
۱۵. روحل فقير جو هندي ڪلام (مقالو) ص۳۴-۳۳، (حوالو اڳ آيل آهي).
۱٦. قاضي علي گوهر درازي، سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، ۱۹۹۵ع.
۱۷. ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص ۲۱٦، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ۲۰۱۱ع.

١٨. مولانا صادق راڻيپوري، سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، ص ١٧، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩.
١٩. قاضي علي اڪبر درازي، (مرتب – مترجم)، ديوان آشڪار، (جلد اول)، ص ٢٣، اوقاف کاتو حڪومت سنڌ ١٩٨١ع.
٢٠. سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، ص ١٦٠-١٩٣، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٢١. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب جي تاريخ، (جلد ٻيو)، ص ٢٠، سنڌي لينگويج اٿارٽي.
٢٢. ڪنڊڙي جو ڪلتار صوفي روحل فقير، ص ٤-١٠٣، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٢٣. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سچل جو پيغام، ص ٩٥، مهراڻ اڪيڊمي ٢٠٠٤ع.

# سچل سرمست ۽ صوفي مراد فقير

ڪنڊڙي جي ڪلتارن ۾ روحل فقير کان پوءِ صوفي مراد فقير جو نالو اهميت رکي ٿو. هن به روحل فقير جيان وحدت جي وائي ورنائيندي حقيقت جي واٽ تي سفر ڪيو ۽ سلوڪ جي راهه ۾ پيدا ٿيندڙ پنهنجيون سموريون ڪيفيتون اظهاريندو ويو. سندس والد جو نالو محمد حيات زنگيجو هو. هي روحل فقير جو ويجهو عزيز هو. ٻنهيءَ جي عمر ۾ ڏهن ورهين جو تفاوت هو. زباني روايت موجب مراد فقير ٥٦-١١٥٥ھ/ ٤٣-١٧٤٢ع ۾ جنم ورتو. روحل فقير جو هم مشرب هو. پنجاب مان لڏپلاڻ وقت روحل سان گڏ سنڌ آيو. سندس ننڍپڻ، تعليم ۽ زندگيءَ متعلق اعتبار جوڳو احوال هٿ نه ٿو اچي. البته سندس ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو ته مراد فقير سنڌي، سرائڪي کان سواءِ عربي، فارسي ۽ هندي زبانن تي مڪمل دسترس رکندو هو (١).

مراد فقير ننڍي هوندي کان ئي روحل فقير سان گڏ رهيو. صوفي روحل جڏهن پدمات جي پٽ تي گوشه نشيني ٿيو هو تڏهن به مراد فقير ساڻس گڏ هو. جيئن فرمائي ٿو:

ور پسي پدمات جي، ٻن حلوا هالار،
جي هون هيڪاندا يار، ته ڏکيا ڏينهن نه سارين.

(٢)

مراد فقير، صوفي روحل فقير سان سير و سفر ۾ به شريڪ رهيو. هن روحاني فيض به روحل فقير کان ئي حاصل ڪيو. ڪلهوڙن جي زوال واري دور ۾ جڏهن روحل فقير ٽالپرن جو طرفدار ٿيو ته مراد فقير به صوفي روحل جيان ميرن جو حامي ٿي پينو. مدد خان پٺاڻ جي يلغار کان متاثر ٿي مراد چيو:

ماري "مدد" ڪو مل ڪر دو ڪرو، چوڙوچي يهودي يزيد ميان.

(٣)

روحل فقير جڏهن ڪنڊڙيءَ ۾ اچي آباد ٿيو هو تہ مير سهراب خان ٽالپر ڪيس ڪوٽڏيجيءَ پرسان ڪوٽلي ۾ ڪجهہ زمين ڏني هئي، جيڪا زمين مراد فقير آباد ڪئي. پروفيسر لطف الله بدوي، مراد فقير جيَ آخري سالن بابت هڪ واقعي جو ذڪر ڪيو آهي. ان موجب: ڪوٽلي لڳ هڪ سيد؛ شڪرالله شاهہ رهندو هو. هن فقيرن ڏانهن ماڻهن جي رجوعات ڏسي، ساڙ وچان انهن خلاف ڪارروايون شروع ڪيون. مراد فقير شروعات ۾ اهي زيادتيون صبر ۽ شڪر وچان برداشت ڪيون پر قصو گهڻو اڳتي وڌندو ويو. شاهہ صاحب، فقير جي زمين تي قبضي لاءِ حيلا هلائڻ شروع ڪيا. نيٺ مراد فقير بدلي جو سوچيو پر روحل فقير سيني فقيرن ۽ مراد کي اهڙي عمل کان روڪيو ۽ هدايت ڪيائين تہ: ”فاني شين لاءِ وڙهڻ ڇاجو؟ مرد اهو آهي جنهن پنهنجي نفس سان وڙهي ان کي زير ڪيو“. مراد فقير مرشد جي ان ڳالهہ جي تعميل ڪندي خاموشي اختيار ڪئي پر ان ڳالهہ جو مٿس گهرو اثر ٿيو ۽ بيمار ٿي پيو ۽ سنہ ١٢١١ھ/١٧٩٦ع ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪوٽلي ۾ آرامي آهي (٤).

**شاعري:**

صوفي مراد فقير پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. هن سنڌي، سرائڪي ڪان سواءِ فارسي ۽ هندي ۾ بہ شعر چيو آهي. فارسي ۾ سندس هڪ ننڍڙو ديوان۽ سنڌي ۾ ”عشقيہ“ نالي سان هڪ رسالو موجود آهي (٥). جڏهن تہ هندي ڪلام جي حوالي سان پروفيسر بدوي ”پريم گيان“ کي مراد فقير جي تصنيف ڄاڻائي آهي (٦). جڏهن تہ ”پريم گيان“ صوفي روحلؔ فقير جي تصنيف ڄاڻائي ويندي آهي (٧).

صوفي مراد فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام پروفيسر لطف الله بدوي پنهنجي ڪتاب ”ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام“ ۾ ترتيب ڏنو آهي. اسان هت مراد فقير جي ڪلام جي مطالعي دوران مذڪوره ڪتاب ۽ سچل سائين جي ڪلام جي نموني لاءِ عثمان علي انصاري جو مرتب ڪيل رسالي مان استفادو ڪنداسين.

مراد فقير جي ڪلام متعلق پروفيسر لطف الله بدوي لکي ٿو:

”مراد فقير جي ڪلام جو گهڻو حصو سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهاڻين تي ٻڌل ٿو نظر اچي. سندس سنڌي ڪلام جو ذخيرو ڪو ايڏو وڏو نہ آهي، مگر روحل فقير جي ڀيٽ ۾ ڪي قدر زياده نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ پختگي ۽ رواني آهي. سندس عشقيہ شاعري اٿاهہ درد سان ڀريل آهي“ (٨).

مراد فقير جو ڪلام وحدت جي وائيءَ جي تنوار آهي. هن عشق، پاڻ سڃاڻڻ، معرفت ۽ فنا جا مضمون ڏاڍي سادي سودي انداز ۾ بيان ڪيا آهن. عاشق کي پتنگ ٿيڻ جي صلاح ڏي ٿو. ڇاڪاڻ تہ عاشق جيستائين عشق جي باهہ ۾ پاڻ کي اڇلائيندو ڪونہ، اوستائين هو ان باهہ ۾ پچندو ڪون ۽ جيڪڏهن هو آروڙ ئي رهجي ويو تہ پوءِ پنهنجي منزل کي پهچي ڪين سگهندو. صوفي مراد فقير چئي ٿو:

سَا مَنَ سڪ ”مراد“ چوي جا پـر پتنگن،
اچن اجل سامهان، سر جو سانگ نہ ڪن،
جن کي موت مشاهدو، سي رتي ڪين رهن،
ساعت سين نہ سهن، پاڻ برابر پر جي.

(ص١٠٣)

جي ٻاريسن تہ پار، اندر باهہ برهہ جي،
مٿين مچ ”مراد“ چئي، ڪئي پتنگن پچار،
تہ جيئري جانب نہ مڙي، توڙي حيلا ڪرين هزار،
دوساڻي دربار، تا مُوا ڪن مشاهدو.

(ص١٠٣)

سچل سرمست، مراد فقير جو پاڙيسري ۽ وحدت الوجود جي فلسفي جو وڏو شاعر هو. هن وٽ حسن و عشق کان ويندي طلب، وحدانيت، حيرت، فنا ۽ بقا تائين

جا سمورا مضمون موجود آهن. سرمست سائين ديوان آشڪار ۾ مجاز ۽ عشق جي وستار ڪندي چئي ٿو:

جــــذ محبـــــت راه، ديگــــــر نيســــــت نيســــــت،
گرچـــــ شـــــهي تــــــاج افســـــر نيســـــت نيســـــت،
درد ومحنــــــــت عشـــــــق دان اولـــــــي ترســـــــت.
يــــــاد ڪـــــاؤس وســـــڪندر نيســــت نيســـــت.

(۹)

(محبت کان سواءِ ڪابہ راهہ، راهہ نہ آهي ۽ محبت نہ ڪرڻ واري انسان جو مثال اهڙو آهي جيئن ڪو بادشاهہ هجي پر ان جي مٿي تي تاج نہ هجي.

عشق ۾ جيڪو ڏک ۽ رنج برداشت ڪرڻو پوي ٿو اهو گهڻو بهتر آهي ۽ اهڙي لذت ڪيڪائوس ۽ سڪندر جي ذڪر ۾ بہ نہ آهي).

سرمست سائين بنيادي طرح مجاز ڪي اها واٽ سمهجي ٿو جنهن سان درست حقيقت جي ڄاڻ ملي ٿي تہ انسان پنهنجي اندر جي دنيا ۾ ڪيترو ڪجهہ پاڻ کان ئي پوشيدهہ رکيو ويٺو آهي. جڏهن اندر ۾ اندر جي ڪائنات ڪي ڏسڻ ۽ پرکڻ جي اک کلي ٿي تہ پوءِ ئي هُن کي انهن سڀن رازن جي سڌ پوي ٿي جن جي باري ۾ اُن کان اڳ اُن کي ڪابہ ڄاڻ نہ هوندي آهي پاڻ تي غور ويچار کان پوءِ سالڪ پنهنجو رتبو ۽ مرتبو بدلجندي محسوس ڪندو آهي. درازي شاهہ چوي ٿو:

پيهـــي پـــــر وڙيــــم. تـــــان پنهـــون پـــــاڻئـــي آهيـــــان،
پـــــاڻئــــي منجهـــــان پــــــاڻ ڪـــــي، هـــــي پـــــڙ لاءِ پيـــــوم،
صـــــحيح ڪـــــن ڪيـــــوم، تــــہ غيـــــر گمــــــان اٿـــــي ويـــــا.

(ص ۱۲۸)

جـــــي تــــو ڄـــــاتو پـــــاڻ، آئـــــون پيـــــو ڪـــــي آهيـــــان،
ڪنـــــدءِ غـــــرق گمـــــان، ڳهــــــلا انهـــــي ڳالهـــــــ ۾.

(ص ۴۴)

اتي مراد فقير عاشق کي چوي ٿو ته اندر مان پيائي جي ڪٽ لاهه ته هر سو جانب جو جلوو پسندين، ڇاڪاڻ ته هر نظر ۽ منظر ۾ حق موجود آهي. صوفي چئي ٿو:

جـــي تـــو ســـڪ پـــرين جـــي، تـــه نـــا حـــق ڏور مَ ڏور،
"هـــو الاول، هـــو الآخـــر" جيئـــن ســـو نـــينڻ نـــور،
"هـــو الظـــاهر، هـــو الباطـــن" هـــر دم آهه حضـــور،
پيـــا ســـڀ فنـــد فتـــور، مـــاري ڪـــڍ "مـــراد" چئـــي.

(ص ۱۰۴)

جـــي تـــون عاشـــق آهـــين، وجـــي ســـور وهـــاءِ،
ســـدا ســـڪ پريـــن جـــي، انـــدر روح رهـــاءِ،
اڪـــين منجهـــه "مـــراد" چئـــي، ڪـــر جانـــب جـــي جـــاءِ،
پـــل پـــل ۾ پيـــو پـــاءِ، ســـر مـــون سپريـــن جـــو.

(ص ۱۰۴)

سالڪ جي من تان جڏهن پيائي جي ڪٽ لهي وڃي ٿي ته پوءِ ان تي اهو راز عيان ٿئي ٿو ته خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ڪابه وٿي نه آهي. حق سمنڊ آهي ۽ سالڪ بوند جو قطرو، جيڪو سمنڊ ۾ ملي جذب ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ هو هر طرف هر منظر ۾ فقط ان ذاتِ واحد کي ڏسي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن جي هستي جي حيثيت مٽجي چڪي آهي ۽ هاڻ ڪو وجود آهي ته فقط ان حقيقي ذاتِ جو. جيڪا اول به آ. ته آخر به آ. ظاهر به آ ته غائب به آ. ان صورت ۾ عاشق سالڪ ڪهڙي ريت پنهنجي هجڻ کي محسوس ڪندو جڏهن پنهنجي وجود جي اندر مان 'مان' جو بُت ڀڃي پورا ڪجي ٿو ته پوءِ هستي جو ڪوٽ ڊهي ٿو. پيائي مٽجي وڃي ٿي اکين تان اونداهه لهي وڃي ٿي ۽ هر طرف نور جو چمڪو پسجي ٿو. اهڙي حالت ۾ سچل سائين جيڪو چئي رهيو آهي اهو درست آهي پر اها هستي ۽ جذب جي حالت آهي جنهن ۾ سپردگي جي ڪيفيت طاري آهي ۽ ان سرمستي انداز ۾ سرمست سائين چئي رهيو آهي:

هـــر ڪجـــايم جابجـــايم مـــن خـــدايم مـــن خـــدا
تاچـــه شـــد پوشـــيده ام از درد ايـــن خـــاڪي قبـــا.

(۱۰)

(آئون هر جاءِ تي آهيان، هر هنڌ آهيان. آئون خدا آهيان. آئون خدا آهيان. چا ٿيو جيڪڏهن مون عشق جي ڪري خاڪي لباس (مادي جسم) پائي ورتو آهي).

پانهو پانءَ مَ پاڻ توهين مالڪ ملڪ جو
”لاخير في عبدي“ اهوئي اٿئي اُهڃاڻ
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ،
سچو سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان.

(ص ۸۲)

صوفي مراد ٻه سالڪ جي ان فنا جي مقام جو قائل آهي پر خود ٻه فنا في الله آهي تڏهن تہ هو بہ سچل سائين وانگر ڏاڍي بي باڪ انداز سان چئي رهيو آهي:

تون آهين، تئن پرين سان، جئين پاڻي ۾ ماڪ،
ڦوڙائو فراق، توتي ڪونهي مور ”مراد“ چئي.
(ص١٠٦)

تون آهين تئن پرين سان، جئن پاڻي ۾ پارو،
هي پس مَ پسارو، جو آهي مڙو محب ”مراد“ چئي.
(ص١٠٦)

تن پرين، من پرين، چت پرين، دل يار،
اندر ٻاهر سپرين، وٺ نہ آهي وار،
اکين منجهہ ”مراد“ چوي، ٻيو ڪونہ قريبن ڏار،
جاڏي ڪريان نهار، تاڏي سڄڻ پسان سامهان.

(ص١٠٦)

مراد فقير وحدانيت جو بيان ڪندي پنهنجي پاڙيسري سچل سرمست وانگيان بي باڪ ٻڌجي ويو آهي.

وحدت جن وجود، ڪعبو تن جو ڪوڏيو.
سي ڪنهن کي ڪن سجود، جي پاڻ ”مراد“ مَڪو ٿيا.
(ص١٠٦)

جن کي منجهہ معراج، آهي حج ”مراد“ حضور جو،
سي مڪي جا محتاج، ڪامل ٿين ڪينڪي.
(ص١٠٦)

مراد فقير پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ پڻ ساڳيو وحدت الوجود وارو فڪر پيش ڪيو آهي. پير مغان جي هٿان جڏهن مراد شوق جو شراب پيتو تہ سندس چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. چئي ٿو:

جنهن ڏينهن پير مغان دے هٿون شوق شراب پيئوسي،
تنهن ڏينهن يار يقين ٿيا، سڀ دل دا شڪ لٿوسي،
چوڏهن طبق ٿيوسي روشن، اڪبر حج ڪيتوسي،
پر ٿيا ديدار "مراد" جڏهان ڪر، هے سر عرض رکيو سي.

(ص ١٥١)

سچل سائين کي پڻ جيڪو ڏيان گيان حاصل ٿيو آهي، اهو مرشد ڪامل جي طفيل آهي. هن تہ بار بار پنهنجي مرشد هادي پير عبدالحق جو ذڪر ڪيو آهي. چاڪاڻ تہ هن چواڻي ڪيس جيڪا سمجهہ ۽ ساڃاهہ جي واٽ نصيب ٿي آهي اها ان ئي رهبر ڪامل جي نيڪ نظر جو نتيجو آهي. هڪ سرائڪي ڏوهيڙ ۾ چئي ٿو:

روز ازل استاد اسانون، هڪ سطر پرت دي پاڙهي،
سا مين دل دي تختي اتي، چاهہ وچون لڪ چاڙهي،
'سچل' عشق بدا ناٿيوي، ڪيا جو چٽي ڏاڙهي.

"لانفي" دا ڪلمہ سانون، مرشد آپ پڙهايا،
هٿيا ڏتس همٿ وارا، جنهن سارا هوش گنوايا،
اسان پي تنهن دي ڪيتي يارو، مهڻا سر تي چايا،
'سچل' تي قربان انهان تون، جنهان آڪي جوش جڳايا.

(ص ١١)

صوفي مراد فقير توڙي درازي شاهہ جوڳين بابت پڻ شعر چيو آهي جنهن ۾ هنن ڪوڙن جوڳين جي نفي بہ ڪئي آهي تہ سچن لاهوتين سان پنهنجي اڪير بہ بيان ڪئي آهي. سچل سائين ڪوڙن ۽ نڱ جوڳين جو ذڪر ڪندي چئي رهيو آهي.

پورب پند نہ آهي، ڪڏهن ڪاپڙين ڪي،
جت ماٺهن ميڙاڪو ٿئي، ساجوني جوڳين جاءِ،
سامي سر سواءِ سودو ڪن نہ ڪو پيو.

(ص ٢٨٩)

جيڪي سچي سڪ ڪان حقيقت جي تلاش ڪرڻ ۾ تيرت پيئڻ نڪتا آهن سي سرمست سائين جي نظر ۾ لاهوتي آهن ۽ جيڪي ڪن چيرائي ماڻهن کي گمراهه وينا ڪن سي جوڳي آهن جيڪي وجود جي اصليت کي سمجهي نه ٿا سگهن اهڙو فرق بيان ڪندي سچل سائين چئي ٿو.

جوڳي جائون جال، پر لاهوتي لنگهي ويا،
هو ملي ويڙا حال ۾ هي قابو متي قال،
هي هي منهنجي حال، جو حال نه پيو هٿ مون.

(ص ٢٨٨)

صوفي مراد فقير به اهڙن ننگ جوڳين جي نندا ڪئي آهي:

نانگا ڇڏ نه ننگ، تو لائين رک لڱن کي،
توکي چوس چوسڻ جي، رام نه لڳڙي رنگ،
مايا ساڻ ”مراد“ چئي، ڪوڙو ڪيو ڪُسنگ
ڏوئي ڏوڙ نسنگ، ويئي لڄا نڪري.

(ص ١٢٥)

اُتي صوفي مراد سچن لاهوتين جي حالت بيان ڪندي چئي ٿو:

گيان گنگا، دل دوراڪا، ڪايا ڪاسي جن،
سي پورب ۾ پڇم جا ڇاڪون پنڌ پڇن،
ماري من مراد چئي، ٿاريءَ تن تيرٿ ڪن،
سي نگا نات پسن، جن کي گڏيو گرُ گرنار ۾.

(ص١٢٥)

ترڪ ڏنائون تن کي، مار ڪيائون من،
سي پايو بديهي ٿيا، ويئڙا منجهه وطن،
لامڪان ”مرا“ چئي ڪيا آسڻ آڏوتين.
سي نت نانگا نات پسن، جي واحد وحدت ۾ ٿيا.

(ص ١٢٦)

سچل سائين به اهڙن لاهوتين جي ساراهه ڪئي آهي جيڪي حق جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ نڪتا آهن جيڪي هن ظاهري وجود جي اصليت کان چڱي ريت

واقف آهن ۽ هنن کي خبر آهي تہ ڏکهي سفر کان پوءِ گرو / رهبر جي معرفت پورو پورو ڏيان گيان حاصل ٿيندو. تنهن ڪري لاهوتي، سرمست سائين کي وڏيڪ عزيز آهن. چئي ٿو:

گنگا کان نہ گذر آهي ڪنين ڪاپڙين جو،
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا سدا تن سفر،
آهي نام مشر، انهن آڏو تين جا.

(ص ٢٨٧)

جوڳين آهہ نہ جنگ، هن سلوڪي سپ سان،
جيجان هن جهان ۾، هن طريلا تنگ،
ڪنهن جي رتا رنگ، ماڻڪ منهن مشعلا.

(ص ٢٨٩)

مراد فقير جو سنڌي ڪلام پرتاثير آهي. هن جي رسالي جي طرز تي سُر وار چيل ڪلام ۾ سندس بيت جذبات سان پُر آهن. جن ۾ پڻ وحدانيت جي ڳالهہ ڪري ٿو. "سسئي پنهون" جا بيت وري سوالن جوابن ۾ پيش ڪيا اٿس. هن کان پهرئين سنڌي شاعري ۾ بيتن ۾ اهڙو انداز اختيار ڪيل ناهي. البتہ سرائڪي ۽ پنجابي شاعري ۾ هير رانجهي تي چيل بيتن ۾ هير ۽ سهيليون، هير ۽ ماءُ جا سوال جواب موجود آهن. جڏهن تہ سچل سائين وٽ اهڙو انداز اسان کي ملي ٿو. صوفي مراد فقير چئي ٿو.

**سوال:**

تڙ تڙ تڪ مَ تور، ۽ ڪيچ ڪڄاڙي کي وڃين؟
نڪي هاڙهي هوت ويو، نڪي حب، هنگور،
موتي وڃ "مراد" چئي، پوري! منجهہ پنيور،
ناحق ڏيهہ م ڏور، تئي دل ۾ ديرو دوست جو.

**جواب:**

عاشقن ائين، ڪين سري ري سڄڻين،
موٽڻ جا "مراد" چئي، تون ڪئن ٿو ڏس ڏئين،

پيالو پريت جو، جي هٿئون هوت پئين،
تہ جانڪو ڏينهن جئين، تان ڪوڪون ڪرين قاف ۾.
(ص ١١٢)

سچل سرمست جي سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام ۾ سوال جواب وارو انداز موجود آهي جيڪو دلچسپ بہ آهي. سسئي پنهون بابت جهولٽي ۾ اهڙا ڪيترائي بند موجود آهن.

جيڏيون جّت منهنجو آهي جائين،
آءُ تان ويندس اچ تنهن تائين،
آهيان پانهي اُن جي آءُ ئين،
پاٽون گهت پينر تي پائين،
آن ڪي پلؤ گچيءَ ۾ پائين،
دَمِ دَمِ درس ڪريج دعائين،
مون ڪي سجڻ ميڙين سائين،
ڪيچيئڙن ڪي پهچان ڪائين،
برهہ جي باهہ ڀهو ويا ڀاري:

چي ڙي آڏولس، بگهڙ ڪن لوڙا،
تن ڪون ڪن، ڀئي تين ڀوڙا،
چؤهون چپر چني جا چوڙا،
تاتي تاڪ تڪر جا توڙا،
سَهمناڪ سندا سي سوڙها،
ڏيون مار متي ڏين موڙا،
سي ئي ڏرت ڏورڻ جا ڏوڙا،
ڏينيو ڏنگ هٽن تا ڏورا،
آهين هاڙي منجهہ هزاري. (ص ١٩٤)

سچل سائين هڪ سرائڪي بيت ۾ سوال جواب واري صنعت جو خوبصورت ۽ سهڻو مثال قائم ڪيو آهي چئي ٿو:

هـڪ ڏيـنهن ميڪـون مرشـد اکيـا تـہ 'مـين پيـالا پيـوين!'
آکيم ”اينوين، سائين اينوين!“
اکـيس ”آپ سـڃاڻ ڀـاجهون، همـدم مُـول نـہ ٿيـوين!“
آکيم ”اينوين سائين اينوين“!
”اپڻـي ذات لکـا ات بينـين، تيـڏا مطلـب ٿيسـي کيـوين؟“
آکيم ”اينوين سائين اينوين“!
”موتـوا قبـل ان تموتُـوا: مئـي پڇـاڻو جيـون“
آکيم ”اينوين سائين اينوين“!
آکـيس، ”ماريـا حـلاج نغـارا. سـچل تـون ٻـي مـارين تيـوين،
آکيم ”اينوين سائين اينوين“!

صوفي مراد فقير جي شاعري مختصر طور مختلف سُرن مطابق ملي ٿو جنهن ۾ معرفت، سسئي، سهڻي، نوري، مومل راڻو، عمر مارئي، ليلا چنيسر، گهاتو ساموندي، پرياتي ۽ پورب شامل آهن جڏهن تہ سچل سرمست وحدت، حقيقت، سسئي ، مومل راڻو، عمر مارئي، نوري، هير رانجهي، پورب، جوڳ، سارنگ ۽ مالڪوس تي شعر چيا آهن. صوفي مراد ئي اسان کي سچل جو همعصر دور جو خيرپور اندر اهو شاعر نظر اچي ٿو جنهن جو جيتوڻيڪ ڪلام تہ گهٽ ملي ٿو پر ان جا موضوع ۽ مضمون وسيع آهن تنهن ڪري اسان هت ڪڏهن بحث جي بجاءِ مختصر طور ٻنهي شاعرن جا هڪ هڪ بيت هر سُر مان پيش ڪنداسين تہ جهڙي طرح هنن همعصر شاعرن جو هڪ ئي موضوع تي چيل شعر جو انداز بيان ڪي پر ڪي سگهجي:

صوفي مراد فقير

معرفت

جـي تـو سـڪ پـرين جـي، تـہ نـاحق ڏور مَ ڏور،
”هـوالاول، هـوالاخر“، جئـين سـو نيـڻن نـور،
”هوالظـاهر، هُوالبـاطن“، هـر دم آهـي حضـور،
پيـا سـيپ فتـور، مـاري ڪـڍ 'مـراد' چئـي.

(ص ١٠٤)

سچل سرمست

وحدت

جي تو ڄاتو ”پاڻ“ ته ”آءُ“ ٻيو ڪو آهيان،
ڪنڌءِ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهه ۾،

ڄاڻ نه تفاوت، عبد ۽ الله جو،
هو آهي امرت، هي پيي ڏور نه ان ڪون.
(ص ۵-۴۴)

حقيقت:

”سچو“ سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مون آدم ٿيو ڪري هنگامو هل،
هندو مؤمن سو ٿيو پوءِ نه ٻئي ڪنهن ڀُل،
”خلق الاشياءَ فهو عينها“ اهو آڻ عمل،
ٿج گلابي گل، مر مارنئي منصور جان.
(ص ۸٦۵)

سسئي:

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ ڪي، هي پڙ لاءِ پيوم،
صحيح ڪن ڪيوم، ته غير گمان اٿي ويا.
(ص ۱۲۸)

مراد:

وڻ وڻ هيٺ نه ويهه، مرندينءَ ڪين ”مراد“ چئي،
توڪل جا اڏي ڇُلي ڇپر پيهه،
ڏونگر تنهنجو ڏيهه، لوچ ته لهين پرڪي.

سچل:

نوري:

تون سمو سردار، آءُ ميئي مهاڻي آهيان،
تنهنجي شفقت مهر جو آهي ڪونه شمار،

گنديءَ گاندر گهر کان ڪيو ساري عالم عار،
مٿي تنهن مدار، تو ساري ڪينجهر رکيو.
(ص ٢٠٩)

مراد:

ڪني ڪوجهي ڪوڙي نوري نماڻي،
ٿي آئي ڇٽ ميڇيءَ جي، جنهن مون ڪا لهه ڪکي هاڻي،
اڄ سمي ڄام سهاڳ سان ڪئي را ڻين جي را ڻي،
سا مر مرڪي مهاڻي، جنهن سڀ معا فيءَ ۾ مراد ڇئي.
(ص ١١٩)

سچل:

مومل راڻو:

آءُ راڻا ڏي، رنگ، موتي ڪاڪ ڪنڌن ڪي،
لاهيج لڱ خداءِ جي، ذرو پرزو زنگ،
ناميان، پاڙڄ ننگ، مهٽي هاب متان ڪرين.

مومل مهٽي هاب، راڻا ڪر نہ راءِ تون،
جوئن ڪي جواب، مرد نہ ڏين مينڌار.
(ص ٣٩٢)

مومل راڻو:

تون راڻو تون راڄيو تون، راون جو راءُ،
ڪامل قرباني ڪريان، ڪٽي سوڊا سڀ مٿاءُ،
تنهنجو مَٽ 'مراد' ڇئي، آءُ لهان ڪانڌ ڪٿاءِ،
عاقل اڱڻ آءُ تہ سرتين سڪائون ڏيان.

سچل:

پورب:

گنگا ڪان گذر، هي ڪينن ڪاپڙين جو،
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفر،
آهي نام مشر، انهن آڌوتين جي.
(ص ٢٨٧)

مراد:

سُک ڏئي نہ سرتيون ويراڳين ويراڳ،
لوچي لامڪان ۾، ملڪوتين ڪيو ماڳ،
جيئري مرڻ مراد چئي، لاهوتين جو لاڳ،
ڏيئي ڏيل ڏهاڳ، وڃي سامي سُهاڳي ٿيا.

(ص ۱۲۳)

سچل:

جوڳ

ڌوٽي منجهہ ڌيان آهي آڌوتين جو،
گم تي گُر گم گودڙيا، ڪن گروڙي گيان،
اصل ڪان آشنان، گنگا جمنا تن جو.

(ص ۳۱۷)

سچل:

هير رانجهو:

چوڙ ڪي تخت هزا ر اٺاهون جهنگ سيال پچاس،
عشق والا وت راتيان ڏينهان، سر تي مينهن وسايس،
برهہ درياهہ چناهہ دي ڪنڌي، سچل ويک پچايس،
ٻيڙي چڙهدا، ٻهون روندا، منجوان نال پيا منهن ڌوندا.

(ص ۱۲)

مراد:

تن من تخت هزا ري دي وچ هڪوئي رانجهن وسي ،
لُون لُون دي وچ ڪيتس ديرا، ڏي رمزان دل ڪسي،
ڪيڙيان خالي ڏي نيڪالي، هڪ مٽي ٻي نسي،
ڏي ٻُل ٻانهن مراد ماهي ڪون، مائي سک سهسي.

(ص ۱٦٤)

هت مختصر طور انهن سرن جا بيت ٻنهي شاعرن جا ڏنا ويا آهن جيڪي سُر ٻنهي شاعرن وٽ اسان کي ملن ٿا جڏهن سچل سائين ان کان سواءِ سارنگ، روجهن بابت پڻ بيت ۽ ڪافيون چيون آهن ۽ صوفي مراد فقير، ليلا چنيسر، سهڻي گهاتو، ساموندي ۽ پرياتي بابت بيت چيا آهن.

**پڄاڻي:**

هڪ ئي دور جي ٻن اهم شاعرن بابت ٿيل هت ڳالهه ٻولهه مان اسان کي سُڌ پوي ٿي تہ هي ٻئي شاعر نہ فقط فلسفہ وحدت الوجود جا قائل آهن. هنن نہ فقط سالڪ کي اندر ۾ پرين ڳولڻ جو ڏس ڏنو آهي پر هي ٻئي شاعر فنا في الله جي مقام تي پهتل پڻ آهن. مضمون جي اعتبار کان هنن لڳ ڀڳ سمورن لوڪ رومانوي داستانن تي بيت ۽ ڪافيون چيون آهن جن ۾ حسن وعشق جي اپٽار بہ خوب آهي. جوڳ ۽ پورب بابت بيتن ۽ ڪافين ۾ وري مضمون جي مزاج جي مدنظر هندي زبان جا الفاظ پڻ هنن استعمال ڪيا آهن. جنهن مان هنن جي ٻولي تي دسترس جي پڻ اسان کي ڄاڻ ملي ٿي.

**حوالا / حاشيا:-**

١. پروفيسر لطف الله بدوي، ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص٢٦، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٣.
٢. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص١٣٢. (حوالو اڳ آيل آهي).
٣. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص١٧٨. (حوالو اڳ آيل آهي).
٤. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص٢٧. (حوالو اڳ آيل آهي).
٥. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص١٤١-٢٨. (حوالو اڳ آيل آهي).
٦. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام، ص٢٨. (حوالو اڳ آيل آهي).
٧. روحل فقير جو هندي ڪلام، ص٣٣. (مقالو).
٨. ڪنڊڙي وارن جو ڪلام. ص٢٨. (حوالو اڳ آيل آهي).
٩. قاضي علي اڪبر درازي، (مرتب-مترجم)، ديوان آشڪار، (جلد اول)، ص ٦٤، اوقاف کاتو، حڪومت سنڌ، ١٩٨١ع.
١٠. ديوان آشڪار، (جلد اول)، ص ٥٤، (حوالو اڳ آيل آهي).
١١. مولانا صادق راڻيپوري، سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، ص ٨-٣٠٨، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.
١٢. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، ص ١٠٥. (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).

# سچل سرمست ۽ سامي

سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي تمورتي "شاهه، سچل، سامي" جو آخري ۽ اهم رتن سامي، سچل سرمست جو همعصر ۽ سنڌي ويدانتي شاعر هو. سندس زندگيءَ متعلق مفصل ۽ پڙوسي جو گهڻو احوال تہ دستياب ناهي ٿيو پر اُن ڏس ۾ محققن جدا جدا ساميءَ جو احوال قلمبند ڪيو آهي.

ساميءَ جو اصل نالو "ڀائي چئنراءِ ٻچو مل ڏتاراماڻي لنڊ" هو ۽ هو شڪارپور جو وينل هو. سندس جنم تاريخن ۾ اختلاف ڏسجي ٿو. پروفيسر ڄيٺمل پرسرام پنهنجي ڪتاب "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ" ۾ ساميءَ جي جنم تاريخ بابت لکي ٿو:

"سامي جي جنم تاريخ نسبت بہ ڪجهہ پيد پيو پائنجي، پر ممڪن آهي تہ هو سنبت ١٨٠٠ (١٧٤٣ع) ۾ پيدا ۽ سنبت ١٩٠٧ (١٨٥٠ع) ۾ گذر ڪري ويو. سندس عمر ڪبير ڪان بہ وڏي هئي" (١).

خانبهادر محمد صديق ميمڻ "سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ)" ۾ ان متعلق لکيو آهي:

"سامي صاحب ١٧٤٣ع ۾ ڄائو هو. جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت سنڌ ۾ هئي. هو ٽالپرن جي صاحبيءَ وارو سمورو عرصو حيات هو ۽ هڪ سؤ ستن ورهين جي عمر ۾ ١٨٥٠ع ۾ چالاڻو ڪيائين، جڏهن انگريزن جي حڪومت جا اوائل وارا ڏينهن هئا" (٢).

شانتي ايل شهاڻيءَ جي ڪيل ساميءَ جي چونڊ سلوڪن جي انگريزي ترجمي "Song of the Spirit" ۾پروفيسر ڦيروائي، سامي جي جيون چرتر لکندي پڻ ١٧٤٣ع وارو سنہ دهرايو آهي (٣).

ساميءَ جي جنم جي هڪ ٻي تاريخ پروفيسر بي ايڇ ناگراڻي پنهنجي ڪتاب "سامي جا سلوڪ" ۾ شري مولچند گياني ڪوئيٽا ولري جي حوالي سان لکي ٿو:

"ڀائي چئنراءِ ڏتاراماڻي لِنڊ شڪارپوريءَ جو جنم اٽڪل سنبت ١٧٨٧ (١٧٣٠ع)ڌاري ٿيو هو.......سندس چالاڻو ١٢٠ ورهين جي ڄمار ۾ اٽڪل

سنبت ۱۹۰۷ (۱۸۵۰ع) ۾ ٿيو. جڏهن سندس پٽ گهنشامداس اٽڪل ۴۰ ورهين ڪن جو هو" (۴).

ساميءَ جو پتا بچومل سکيو ستابو شخص هو. هو واپار جي ڪرت ڪندڙ هو. شڪارپور ۾ ان وقت ڀائي مينگهراج نالي هڪ سامي موجود هو، جنهن کي سامي مينگهراج پڻ چوندا هئا. هو اصل رياست بهاولپور جي احمد پور ڳوٺ جو ويٺل هو ۽ شڪارپور ۾ هاٿي در وٽ هيمنداس برهمڻ جي مڙهيءَ ۾ رهندو هو. سيٺ بچو مل پنهنجي پٽ چيٺنراءِ (سامي) کي سامي مينگهراج وٽ ڌرمي سکيا لاءِ ويهاريو. سامي مينگهراج سنسڪرت پڙهيل، ويدانت ۽ ڪاويہ جو چڱو ڄاڻو هو. ڀائي چيٺنراءِ سندس سنگ ۾ اهي علم منجهائنس پرايا. گرمکي اکر تہ هوئنئن ئي ڄاڻندو هو. هن نارئڻداس بيراڳيءَ سان گڏ سامي مينگهراج وٽ نہ رڳو ويدانت جو علم حاصل ڪيو، پر گيتا، ڀاڳوت، يوگ، سوترن ۽ اپنشندن جو پڻ پاٺ ڪيو (۵).

ڀائي چيٺنراءِ لنڊ ڪرت جي حوالي سان پڻ واپار ڪندو هو. هو ڀائي گنگا رام ٺنڊڻ ملائي وارن وٽ گماشتي جو ڪم ڪندو هو ۽ ديري غازي خان ۾ شاهن جي پاران ٻئي، ٽئين سال، سال اڌ لاءِ ويندو هو. ڪم ڪار لاهي وهيون آٽي، شاهن جي اڳيان رکندو هو ۽ هو جيڪو بہ خوشيءَ سان کيس ڏيندا هئا، ان تي شڪر ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي اور پورتا ڪندو هو (٦).

چيٺنراءِ لڳ ڀڳ ڏهہ ورهيہ پنهنجي گرو مينگهراج جي صحبت ۾ رهي وديا حاصل ڪئي، پر پوءِ چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ ويراڳ ورتائين ۽ پوءِ سلوڪ چوڻ لڳو. جن ۾ پنهنجي گرو کي عزت ڏيڻ لاءِ پنهنجو تخلص "سامي"، "بانيڻ" يا "مينگهو" ڄاڻايو آهي. سامي ان ڪان پوءِ پنهنجي زال سميت تيرٿ ياترا تي نڪري ويو، جتان موٽندي اچي امرتسر ۾ رهيو (٧).

سامي، امرتسر ۾ رهي وڏيڪ سلوڪ لکيا. هت سندس ملاقات هڪ اڌوت مهاتما نارائڻداس سان ٿي، جيڪو کيس گهڻو پيار ڏيندو هو. امرتسر ۾ رهندي سامي کي خيال آيو تہ هاڻ واپس سنڌ هلجي. ان وقت سندس عمر ڪافي ٿي چڪي هئي ۽ کيس اولاد نہ ٿيو هو. مهاتما سان جڏهن شڪارپور وڃڻ جي ڳالهہ ڪيائين، تڏهن مهاتما کيس چيو "اوهان کي اولاد ٿيندو" آخر اتي رهي پيو. انهيءَ وقت سندس پتني پڻ برڌ اوستا (وڏي عمر) جي هئي. تنهن هوندي بہ

مالڪ جي مرضيءَ سان ڪيس هڪ پٽ سنبت ١٨٦٧ (١٨١٠ع) ۾ ڄائس، جنهن جو نالو گهنشامداس رکيائين(٨).

چئنراءِ سامي سنبت ١٩٠٧ (١٨٥٠ع) ۾ چالاڻو ڪيو. چالاڻي وقت ساڌو سنبت جي هن جا ساٿي هئا، تن چيو تہ پائي مهاتما هو، تنهن ڪري اسين سندس ڪرياڪرم ساڌن وانگر ڪنداسين، پر شڪارپوزي پنچائت اها ڳالهہ نہ مڃي، آخر ڪرياڪرم لوڪ ريتيءَ موجب گهنشامداس پاڻ ڪرايو. پائي گهنشامداس چوي ٿو تہ جڏهن اسين اندر سرير ڪٽڻ ڪاڻ وياسين، تڏهن سيني ڪي ”اوم شبد“ جي ڌُني ٻڌڻ ۾ آئي (٩).

سامي پنهنجي جيون جي شروعاتي حصو تہ شڪارپور ۾ گذاريو، پر پوءِ تيرٿ ياترا تان موٽڻ بعد امرتسر ۾ رهيو، جتي اسي ورهين جي ڄمار تائين اتي رهڻ جي تہ ثابتي ملي ٿي، پر ان ڪان پوءِ هو واپس شڪارپور آيو يا نہ، ان بابت اسان کي ڪا پڪي پختـــي ثابتي نٿي ملي. البت اها پڪ ملي ٿي تہ ساميءَ جو فرزند پائي گهنشامداس پنهنجي آخري وقت تائين امرتسر ۾ ئي رهيو ۽ سنبت ١٩٣٩ (١٨٨٠ع) ۾ ٻاهتر ورهين جي ڄمار ۾ ديهانت ڪيائين (١٠). ساميءَ جي چالاڻي جي جاءِ بابت ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جو خيال آهي تہ سامي شڪارپور ۾ ئي ديهانت ڪيو آهي (١١).

## شاعري:

سامي، اعليٰ خيال رکندڙ وڏو ويدانتي شاعر هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ تصوف ۽ ويدانت جي اهم نڪتي پاڻ سجاڻڻ تي زور ڏنو آهي. سامي چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ شڪارپور ۾ سلوڪ لکڻ شروع ڪيا ۽ ان ڪان پوءِ جڏهن هو امرتسر وڃي رهيو تہ اتي بہ سلوڪ لکندو رهيو. سامي پنهنجا سلوڪ پنن جي چُنڪين تي لکي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. جيڪي گرمکي ۾ هئا. سنڌ ۾ لکيل ساميءَ جي سلوڪن جو تعداد ٢١٠٠ (ايڪهہ سؤ) ڪن آهي (١٢). امرتسر ۾ پڻ سامي سلوڪ مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. پروفيسر بي_ايچ ناگراڻي لکي ٿو:

”گهنشامداس (ساميءَ جو پٽ) ساميءَ جي سلوڪن جون چٽڪيون سانڍيندو ويندو هو. امرتسر ۾ چئنراءِ سامي، سکن جي ٻاڻيءَ مان پلي پت واقف ٿيو. سندس پوين سلوڪن ۾ ان واڻيءَ جو اثر ظاهر آهي. گهنشامداس

پنهنجي پيءُ کي چوندو هو تہ اهي سلوڪ ڪنهن ڪان لکرائي باقائدي ڪتاب ٺهرائجي. پر هو چوندو هيس تہ پاٺهين ڪو سنڌ جو ساڌو اهي سلوڪ وٺي وجي پوتي ٺاهيندو“ (١٣).

ساميءَ جي چالاڻي ڪان پوءِ سندس پٽ گهنشامداس پنهنجي پيءُ جي سلوڪن جون چٽڪيون هڪ ساڌوءَ کي ڏنيون تہ شڪارپور وڃي انهن کي ڪتابي شڪل ڏي. پر افسوس جو اهو ساڌو ساميءَ جي سلوڪن سميت گم ٿي ويو. ڀائي گهنشامداس ڪيس امرتسر مان شڪارپور ۾ اچي ڳوليو. پر هو هٿ نہ آيو. ڀائي گهنشامداس جي ديهانت ڪان پوءِ ڀائي گنگا رام روهڙيءَ واري کي لاڙڪاڻي جي مندر مان ساميءَ جا چوڏنهن سؤ (١٤٠٠) سلوڪ هٿ آيا. جيڪي هن صاحب شايع ڪرايا. هي شايد اهي ساڳيا سلوڪ آهن. جيڪي ڀائي گهنشامداس. ساڌوءَ کي پوتيءَ تي چاڙهڻ جي خيال سان ڏنا هئا (١٤).

ساميءَ جي ڪلام کي ترتيب ڏيڻ. شايع ڪرڻ ۽ ان جي تشريح ۾ ڪيترن ئي عالمن. اديبن ۽ شاعرن پنهنجيون لياقتون صرف ڪيون آهن (١٥). اسان هت ساميءَ جي سلــوڪن جي مطالع دوران پروفيســر بي_ايچ ناگــرائي جي ترتيب ڏنل ”ساميءَ جا سلوڪ“ (جلد پهريون). مطبوع: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت. حيدرآباد. ١٩٩٢ع ۽ سچل سائين جي ڪلام لاءِ عثمان علي انصاري ۽ قاضي علي گوهر جي مرتب ڪيل جدا جدا رسالن کي سامهون رکنداسين.

سامي ويدانت جي فلسفي جو وڏو شاعر آهي. ويدانت ۽ تصوف بہ علحده رويا ۽ بہ جدا تحريڪون آهن. پر هنن ٻنهي ۾ پاڻ سڃاڻڻ جو نڪتو وڏي اهميت رکي ٿو. تصوف ۾ چيو وڃي ٿو تہ خدا جي وجود ڪان سواءِ ٻيا وجود فقط ان جا پرتوا ۽ پاڇا آهن. اهڙيءَ ريت ويدانت ۾ بہ ”برهم“ جي مهما ڳائي وئي آهي. تصوف ۾ ”انا الحق“ يعني: ”آئون حق آهيان“ جو نعرو بلند ڪيو وڃي ٿو تہ اهڙي طرح ويدانت ۾ ”اَهم بَرهم اسمي“ يعني: ”آئون برهم (حق) آهيان“. چيو وڃي ٿو. مقصد تہ ٻنهي فلسفن ۾ گهڻي حد تائين هڪجهڙائي معلوم ٿئي ٿي.

سامي پنهنجي ابتدائي تربيتي دور ۾ گيتا. ڀاڳوت. يوگ. سوترن ۽ اُپنشدن جي اڀياس سان گڏ پنهنجي گرو سامي مينگهراج وٽ ويدن جو بہ پوري ڌيان. گيان سان اڀياس ڪيو. هن انهن سمورن فلسفن جو نچوڙ پنهنجي سلوڪن ۾ پلٽي ڇڏيو آهي. تڏهن تہ چئي ٿو:

ويدن جي واڻي سنڌي ۾ سُڻايم.

سامي پنهنجي سلوڪن ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار کي انسان جو بنيادي ويري سمجهندي، انهن کي اندر مان تڙي ٻاهر ڪڍڻ جي بار بار ڳالهه ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن جي نظر ۾ اهي پنج ئي رڪاوٽون آهن جيڪي آتما کي ”پرماتما“ سان هڪ ٿيڻ نہ ٿيون ڏين، بلڪ اهي انسان دشمن بلائون انسان کي برهم کان پري ڪري ڇڏين ٿيون. ان ڪري سامي جي نظر ۾ انسان جڏهن پنهنجن انهن پنجن دشمنن کي اندر مان ڪڍندو تہ پوءِ ”حق“ کي سڃاڻي سگهندو.

سامي مايا جي موهه ۾ اڌو ٿيلن لاءِ چوي ٿو:

مايا ڀلائي، وڏو جيءَ ڀرم ۾،
پاڻ پانهنجو پاڻ ۾، وينو وڃائي،
سپني ۾ سامي چئي، ڪوٽ جنم پائي،
اوديا پٽَ لاهي، جاڳي ڏسي ڪين ڪي.
(ص۴)

مايا ڀلائي، وڏو جيءُ ڀرم ۾،
پاڻ پانهنجو پاڻ ۾، وينو وڃائي،
اڻ هوندي درياءَ ۾، غوطا نت کائي،
منهن مڙهي پائي، سامي ڏسي ڪين ڪي.
(ص۴)

سنت ڪوي ساميءَ جي نظر ۾ مايا ئي هن ساري سنسار ۾ خلل وڌو آهي. انسان کي گمراهہ بہ ان مايا ئي ڪيو آهي. چئي ٿو:

مايا مهان پَر بَلُ، جيتي وڃي نہ جيءَ ڪون،
وڏو جنهن جهان ۾، اڻ هوندو خوف خلل،
اٿندي ويهندي ننڊ ۾، سامي ڇڏي نہ ڇل،
ڪو گرمک رهي اڇل جنهن جاڳي ڏٺو پاڻ کي.
(ص۵)

مايا جي موهه مان پنهنجو پاند آجو ڪرائڻ لاءِ منش کي ساڌن جي سنگت اختيار ڪرڻ گهرجي. انهن کي اهڙي محفل ۾ رهڻ گهرجي، جتي رڳو

نينهن جي نشي ۾ سچي پريnءَ جي وائي ورائي ويندي هجي. اها ئي سنگت، منش کي مايا جي موھ کان بچائي سگهي ٿي.

سامي چئي ٿو:

در در ڪيم ٻڌاءِ سامي سڪ پريnءَ جي،
ملي ساڌ سنگت سان وائـــي سڀ وڃاءِ،
پائي گيات گروءَ جي انتر مـــڪ من لاءِ،
تہ لُنُوَ لُنُوَ منجهہ لَڪاءِ مورت محبوب جي.

(ص۱۸۱)

اها پوٿي پڙهہ، جنهن سان لهين الــڪ ڪي،
ملي سات سنگت سان، چين چونڪي چڙهہ،
اوديا منجهہ نہ اڙ، سمجهہ ريءَ سامـي چئي.

(ص۱۸۱)

ساڌو، سالڪ جي من تان ٻيائي واري ڪٽ لاهي ٿو. هن جي اندر کي ڏوئي اوديا جي مير کي ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿو. سامي چئي ٿو:

عجائب آهي، سنگت ســـاڌو جن جي،
اوديا ميل اندر مؤن، ڏوئي سڀ لاهي،
سامي لَڪائي پانهنجو پــاڻ اڪــن سان.

(ص۱۸۱)

ساڌوءَ جي سنگت مان جنهن پرايو، انهيءَ جو اندر اجرو ٿي پوندو ۽ پوءِ ئي هن کي پنهنجي اندر ۾ لڪل پرميشور جي ڄاڻ ملي ٿي. سامي چئي ٿو:

پريــو جــنهن مجــرو، ســامي ســاڌ ســنگت جــو،
ســهجي تــنهن شــيوڪ جــو انــدر ٿيــو اجــرو،
لــڌائين حــجــرو پرچــي پــاڪ پــرين جــو.

(ص۲۲۲)

ساڏ سنگت جو ساک، سچو سڀ سنسار کؤن،
سمجهي کو سامي چئي، اهو انيئه واک،
اندر باهر آتما، ڏسي پورن پاک،
جيئن چوٿي چڙهيو طاق، اتک کان آجو رهي.

(ص۲۳۹)

جڏهن پُرش کي سڌ پوي ٿي تہ هن جي اندر ۾ ئي پرماتما وينل آهي تہ پوءِ هو ان ويچار ۾ ايترو تہ کوئجي ٿو وڃي، جو ان کي پنهنجي پاڻ جي کا خبر نہ ٿي پوي. هر مظهر ۽ هر منظر ۾ هن کي پنهنجو حقيقي مالک ئي نظر اچي ٿو. تصوف توڙي ويدانت ۾ پاڻ کي سڃاڻي، "پاڻ ۾ پرين پسڻ" وارو فلسفو ئي بيان ٿيل آهي.

ويدانتي کوي سامي، جيو آتما جو پرآتما سان گڏجڻ جي ڳالهہ کندي چئي ٿو:

بيک ڏري آيو، خاوند پاڻ خلق ۾،
چاهہ ورائي چت سان نانا رنگ لايو،
ڳٽنيءَ ليکي کؤن پري، اچرج مچايو،
سامي سمايو، نيارو رهي نَپَ جان.

(ص۳۱۵)

پاري ۾ پاڻي، تيئن وياپک وسي سڀ ۾.

(ص۳۱۷)

شهہ رڳ کؤن نزديک سڄڻ اٿئي اوڏڙو.

(ص۳۱۷)

سامي پنهنجي سلوکن ۾، ويدانتي فلسفي جي اپٽار کئي آهي جنهن تي هندو ڌرم جو اثر گهڻو غالب آهي. هن جو مرکزي خيال کام، کروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنکار جي قيد کان آزاد هک اهڙو انسان آهي جيکو پرآتما سان گڏجي هک ٿي وڃي! چاکاڻ تہ "حق" انسان جي اندر ۾ آهي، هاڻ ان پرماتما کي کهڙي ريت ڳولي سگهجي ٿو. اهو هک سوال آهي، جنهن جو جواب ٻين صوفي ۽ ويدانتي شاعرن وانگر سامي بہ پنهنجن سلوکن ۾ ڳوليو آهي.

جنهن جيتيو پاڻ، تنهن جيتيو جڳ کي
پيد وڃائي من مون، صلح ٿي سڀ ساڻ،

تنهن کي هتي کونکـــو، پل پيائي جو پاڻ،
نہ تہ ڳاوي راڳ ڪلياڻ سامي چڙهي سمير تي.

سامي هڪ وڏي بُحراني دور جي پيداوار هو. سنہ ١٧٠٠ع کان ١٨٤٣ع تائين سنڌ جي سياسي ۽ سماجي فضا جو بدلجندڙ انتهائي حساس دور ڏسجي ٿو. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنہ ١٧٣٦ع سنڌ ملڪ جي ”قومي وحدت“ هڪ ڀيرو ٻيهر بحال ٿي پر اجان ايڪي ۽ اتحاد جي فضـــا صحيـــح معنيٰ ۾ گهلـــڻ شروع ٿي تہ سنہ ١٧٤٠ع ۾ نادر شاه ”افشار“ جي سنڌ تي ڪاه ۽ سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سنڌ جي ايڪي، اتحاد ۽ قومي وحدت کي ٽڪرا ڪرڻ، اهڙي طـرح ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وفات (١٧٥٣ع) کان پوءِ سندس پٽن مراديـــاب خان، محمد عطر خان ۽ غلام شاه ڪلهوڙي وچ ۾ حڪومتي ڇڪتاڻ کان وينـــدي ميان سرفراز جي سياسي بصيرت کان خالي سوچ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ڪلهوڙا ۽ ٽالپر تڪرار ۽ ٽالپرن جو حڪومت حاصل ڪرڻ، سنڌ کي ٽن رياستن ۾ ورهائڻ، ميرن جون نااتفاقين جي ڪري پاڻ ۾ الجهڻ، انگريز سرڪار جو سنڌ تي قبضو ڪرڻ، هن سموري دور جا اهڙا واقعا آهن جن جي نتيجي ۾ حڪمران ۽ عوام وچ ۾ ڪو گهرو تعلق قائم نہ ٿي سگهيو. خلق پنهنجي سڪون ۽ آرام جي تلاش ۾ سرگردان ٿي وئي. هن دور ۾ صوفي بزرگن جو درگاهون ۽ اوتارا ۽ ساڌن جون مڙهيون ئي عام کي پناه ڏيڻ جو ڪم ڏينديون هيون.

هن سموري بُحراني دور ۾ جتي حڪمران پنهنجي تخت جي رسا ڪشي ۾ رڌل هئا تہ ساڳي دور ۾ وري ڪن مذهبي رهنمائن مذهب جي آڙ ۾ حڪمرانن جي نيڪيداري ڪئي ۽ سندن مفادن ۽ مقصدن کي تحفظ ڏنو. هي سموري صورتحال ساميءَ جي سامهون هئي. هن ڪيترائي واقعا اکين سان ڏٺا ۽ محسوس ڪيا. هو پنهنجي وقت جو هڪ سجاڳ شاعر هو. اهڙن منافقتن تي سامي جي اندر جو آواز هن طرح نڪتو:

ڪلِ جڳ جا ڪوڙا، مير متهدي چوڌري،
راتيـــــون ڏينهان لوڀ جا گهر پڌن ٻوڙا،

ويساهي ويســـــاهه سان، ٻوهن وسوڙا،
سامي مت موڙهـا، مرڻ نـ ڄاڻن من ۾.

لکين لباڙي، ڳالهيون ڪن آگم جـون،
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا، مـتو ۽ ڏاڙهي،
ڪلڪائن ڪپت جي ڪاتي ڪـهــاڙي،
ڀاڙ ڪائي ڀاڙي وهندا وجـــن وهـــــ ۾.
(ص٦-٩٥)

سامي پنهنجي دور جي حالتن کي ڏسندي گهڻو افسوس ٿو ڪري. هو ڏسي ٿو تہ سڀ چڱا ماڻهو هن جهان مان ڪوچ ڪري ويا آهن. انهيءَ ڪري هاڻ هنن جي ڇڏيل فڪر فلسفي ۽ تعليم کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ گهرجي.

ڪوچ ڪري ويا، سيئي هن سنسار مـان،
پير پيغمبر اولياءَ، جن پنهنجا پنڌ ڪيـا،
گيـــاني ڌياني گر هستي، سامي پنڌ پيـا،
سيئي غيب ٿيا، تـو جو سمجهيو پانَ کـي.

اهڙا لوڪ لڏي ويا، سامي هن سنسار مؤن،
جـــن جي رت ڦيٿن سان، ستي سمنڊ ٿيا،
مانگ، راڪـــــاس، ديوتا پکي وس ڪيا،
اهڙا سڀ ويا، استـــــــت رهي نـ آدمـي.

سامي نـ رڳو ويدانت ۽ ڌرمي پستڪن جو اڀياس ڪيو هو، پر هن پنهنجي دور جي ڪيترن پيشرو شاعرن خاص طور شاهه عبداللطيف ڀٽائي (١٦٩٠ع ـ ١٧٥٢ع) جي ڪلام کي خوب پڙهيو ۽ سمجهيو آهي. معنوي ۽ فڪري لحاظ کان ڪٿي ڪٿي سامي، ڀٽائي گهوٽ کان بہ اثر ورتو آهي.

سامي جا سلوڪ. جيتوڻيڪ هندي لفظن جي گهڻائي سان ڀريل آهن پر ان هوندي بہ هن جا سلوڪ سادا ۽ سلوڻا آهن. هو ور ور ڏئي ساڳيو موضوع بيان ڪري ٿو. ان جي باوجود پاڻک کي ساميءَ جي سلوڪن ۾ ورجاءُ ۽

يڪسانيت نہ ٿي ملي. هو صحيح معـــــنيٰ ۾ ”اوديا دشمـــن“ ۽ ”وديا پرست“ ڪوي آهي. ناميارو ڪوي ڪيئلداس ”فاني“ سامي جي سلوڪن جي مزاج بابت لکي ٿو:

”سامي جا موضوع سيئي فقط احساسي، ذهني ۽ ذاتـــــي آهن. شاھ جو ست سهاڳڻيون، ساميءَ جي هڪ ئي سهاڳڻ ۾ عڪس انـــداز آهي. ازانسواءِ مايا، اوديا، ڪلپت، مانک دي، سيوا، سک، پڳتي وغيره سندس تخيل جي تخليق آهن، جن کي شخصيت عطا ڪئي اٿس ۽ جسي انساني جيوت جو جزو مجيل آهن ......ساميءَ جي سلوڪن کي سانتيڪي ۽ آنريل مانسرو ور ۾ نرمل نير ئي نير، گنگا جل جي پوٽرتـــا، هندو سنسڪرتي ۽ شاسترن جي شڌتا (پاڪائي) سمايل آهي“ (١٦).

سنڌي ڪلاسيڪل اثاث ۾ جتي ڪيترائي نالا پنهنجي خيال، اسلوب، هيئيت سبب اثر انگيز آهن اتي انهن سمورن ۾ ”شاھ، سچل، سامي“ تمورتي پنهنجي پد تي وڏو ساهس ساري ٿي. شاھ لطيف جنهن سنڌي شاعري ۾ پنهنجي فڪر، هيئت، اسلوب، مضمون ۽ ٻولي جي گوناگويت جي ڪري پنهنجي هڪ منفرد حيثيت قائم ڪئي تہ اهڙي ريت سچل سرمست پنهنجي فڪر جي انداز بيان ۾ شاھ سائين کان ٻنهہ نرالي حيثيت جو مالڪ بڻيو تہ سامي وري پنهنجي خيال جي پختگي ۽ پيشڪش جي لحاظ کان ڪو گهٽ ناهي رهيو. هي ٽئي شاعر پنهنجي دور جا انتهائي باشعور، سجاڳ ۽ ذهين شاعر هئا، جن پنهنجي دور جي حالتن جي مدنظر شاعري کان تلوار وارو ڪم ورتو.

سچل سرمست سنڌي شاعري ۾ نئين روايتن جو امين آهي. هن جون قائم ڪيل روايتون ديرپا ثابت ٿيون آهن جن جو اثر اڄ تائين سنڌي شاعري تي پر کي سگهجي ٿو. اهڙي ريت سامي پڻ پنهنجي دور جو نرالو شاعر آهي جنهن هندو مت جي فلسفي ويدانت جي تشريح پنهنجي سلوڪن جي ذريعي ڪئي آهي. هن جي ٻولي سپڪ ۽ سوادي آهي. منجهس ڪيترين ئي شعري خصوصيتون پڻ موجود آهن. هي ٻئي شاعر هڪ ئي دور ۾ هڪٻئي کان ٿوري وڇوٽي تي موجود هئا. ٻنهيءَ وٽ ظاهر ۾ پنهنجو فڪر جدا جدا هو: پر هي ٻئي ”پاڻ سڃاڻ“ واري بنيادي نڪتي جا پرچارڪ هئا. جڏهن تہ سچل سرمست جو تعلق اسلامي تصوف سان هو تہ سامي جو واسطو هندومت جي ويدانت سان هو. هي ٻئي فلسفا بنيادي طرح پاڻ ۾ ليئو پائي، پاڻ ۾ئي ”حق“ پسڻ جي تبليغ ڪن ٿا.

سچل سرمست جو مسڪن درازا ۽ سامي شڪارپور ۾ موجود هو. پر ڪنهن بہ تذڪري ۾ هنن ٻنهي شاعرن جي پاڻ ۾ ملاقات جو بيان موجود ڪونهي، پر ان جي باوجود

هنن شاعرن جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون اسان کي ملن ٿيون. هنن صفحن ۾ اسان سچل سرمست ۽ سامي جو پاڻ ۾ ٿيل فڪري مماثلت جو مطالعو ڪنداسين.

**حسن و عشق**

انسان فطرتاً حسن پرست آهي. هو خوبصورت ۽ دلڪش شين ڏانهن پاڻ مرادو ڇڪجي وڃي ٿو. سونهن کي پسڻ ۽ ان کي ماڻڻ جا جذبا هن ۾ هر وقت موجود رهن ٿا. سموري سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جتي تصوف جي فلسفي جي اپٽار ڪري ٿي، اُتي منجهس حسن و عشق جو بيان بہ ڏاڍي نازڪ انداز ۾ ڪيو ويو آهي. ويدانتي ڪوي سامي وٽ بہ ڪيترائي جمالياتي خيال موجود آهن. هو پنهنجي محبوب جي ساراهہ پنهنجي منهن سان ڪري نہ ٿو سگهي، جڏهن تہ سمورن ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي سڄڻ جي خوب واکاڻ ڪئي آهي. سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام ۾ تہ خاص طور مجازي محبوب جي حسن وادا جو خوبصورت ذڪر موجود آهي، جيڪو ڪيس پنهنجي دور جي سمورن شاعرن کان ممتاز بڻائي ٿو. سچل پنهنجي محبوب جي ساراهہ ڪندي چئي ٿو:

مـــنهن محبُـــوب دا ســـارا مُصـــحف، زيـــرينْ زَبـــرين نالـــــي،
عشـــق واليـــان آيـــا تـــان دي وچ، پـــيش تـــي شَـــد بَرحـــــالي،
جزمـــان نقطـــي صـــحيح ســـجاٿين، قـــاري ڪـــوئي سنيـــــالي،
"بســـــم الله" نـــال لکيـــان ســـپ سُـــوران، پـــڙهين ورهـــي والـــي.

ٽبڪـــي ٽبڪـــي چـــٽڻ دي، مرجـــان ديـــان لـــس لڙيـــــان،
نـــور پـــري پيشـــاني اُتـــي، طـــرح ڪيهـــي وَٽ چڙهيـــــان!
چمڪـــن جهلڪـــن جـــوڙ جبـــين تـــي، جـــادو نـــال جـــو جَڙيـــــان،
"سچّـــــــل" ويـــڪ تماشـــا اِيهـــو، توبـــہ توبـــہ پڙهيـــــان!

(١٤)

سامي ويدانتي ڪوي آهي، هن وٽ بہ عشق جو مضمون آهي. هي پنهنجي سڄڻ جي ساراهہ پنهنجي واتان ڪرڻ کان قاصر آهي. چئي ٿو:

سڄڻ جي سوپيا، چئي وڃي نہ وات سان،
سورج، چندر، چراغ لک، لجاما ٿيـــا،

سامي موهيا سورما، جن ديدار كيـــــــا،
لنگهي پار پيا، اوديا جي آڙاھ كـــــــان.
(ناگرائي، ص٣٣٠)

عشق وڏي آتش آهي، جا معشوق کي پاڻ ۾ جلائي ڪُندن بڻائي ٿي. سامي کي بہ عشق نهوڙيو آهي؛ عشق ئي هن جي اندر ۾ بيقراري پيدا ڪئي آهي. پنهنجن سلوڪن ۾ هن عشق جو ذڪر خاصو ڪيو آهي. چئي ٿو:

عاشق كوٺائين، تہ صرفو ڇَـڏ سَريرَ جو،
ڏيئي سِرُ ستـگر كـي، پير اڳـــي پائين،
تڏي لنو لائين ســـــامـــي سپيرين سان.
(ص٥٣٢)

- راتيون ڏينهنَ رُئڻ، عاشقَ ڪاڻ عَجِيبَ جِي. (ص٥٣٤)
- عَاشـــــق اَڌُ مُئـــــــــا، سَدا ترقِن تَــنَ ۾. (ص٥٣٤)
- عِشقُ آسان نَہ جاڻُ، سامي چَيو سَتگُـــــروءَ. (ص٥٤٥)

عشق جي انهي اوکي واٽ تي هلندي سچل سرمست تہ بي خود ٿيو پوي. هن جي نظر ۾ عشق ۾ ملندڙ درد غم گهڻن سُکن ۽ آسائشن کان بهتر آهن. عشق ئي اها ڪيفيت آهي جيڪا تخليقڪار جي اندر ۾ وجدان پيدا ڪري ٿي ۽ وجدان ئي شاعري جي اظهار جو لمحو پاڻ سان ڪٺي اچي ٿو. عشق سمورين پابندين ۽ حدبندين کان مٿانهون آهي. عشق لا مذهب آهي جيڪو جڏهن جنهن کي بہ پنهنجي رنگ ۾ رنگي ٿو تہ ان کي آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو ۽ سچو عاشق ان راھ جي سمورين سختين کان پار پئجي پنهنجي محبوب کي ماڻي ٿو. سچل سائين جي ڪلام ۾ گهڻن جاين تي عشق جو اظهار موجود آهي. سچل، سامي وانگر عشق جي راھ کي اوکو سڏي ٿو:

عشـــق لڳـــا، گهـــر وســـر ڳيوســـي، مطلـــب سُـــڌ ٿيـــوسي،
حاصـــل آ ٿيوســـي ســـارا، جـــو ڪجهـــ آپ منگيـــو ســـي،
سُـــود زيـــان ڪَنـــون مِيـــان، ”ســـچل“ هُـــڻ تـــا چُـــٽ پيوســـي. (١٨)

ديوان آشڪار ۾ چئي ٿو:

جز محبت راه ديـــگر نيـــــست نيست،
گرچہ شــــاهي تاج افسر نيست نيست.

درد و محنت عشق دان اولي تـرسـت،
يادكاؤس و سكندر نيسـت نيـسـبت. (١٩)

(محبت كان سواء كابہ راهہ، راهہ نہ آهي ۽ محبت نہ كرڻ واري انسان جو مثال اهڙو آهي جيئن كو بادشاهہ هجي پر ان جي مٿي تي تاج نہ هجي.

عشق ۾ جيكو ڏک ۽ رنج برداشت كرڻو پوي ٿو اهو گهڻو بهتر آهي ۽ اهڙي لذت كيكائوس ۽ سكندر جي ذكر ۾ بہ نہ آهي).

سامي عشق جي هک عجيب كيفيت جو ذكر كندي چئي ٿو تہ عاشق اهي چئبا جيكا پاڻ تي عاشق هجن ۽ هر لمحي پنهنجي پرين جو ديدار كندا رهن.

عاشِقَ سي چئجن، جن تي عاشق پاڻ ٿيو،
جتي ڏسن نيڻ پيري، تتي پرين ڏسـن،
اٿندي وهندي ننڊ ۾، سامي مليا رهـن،
اهڙي رنگ رَچن، سي عاشق معشوق ٿيا.
(ص٥٥١)

## ظاهري تعليم

سمورن صـوفـي شاعرن ظاهري سطحي تعليم جي نفي كئي آهي. سچل سرمست ۽ سامي بہ ملان جي بيبائي واري كردار ۽ علم تي غرور واري حالت جي مخالفت كندي نظر اچن ٿا. ڇاكاڻ تہ علم فقط كتابن جي معرفت نہ ٿو حاصل ٿي سگهي. ٺلها "كنز قدوري" پڙهڻ سان كو عالم نہ ٿو بڻجي سگهي. علم حاصل كرڻ لاء پنهنجي اندر مان پهريئن تہ "مان" وارڻ عنصر تڙي ٻاهر كڍڻو پوندو ۽ پوء ان علم ۾ پاڻ كي اينرو وڃائڻو پوندو جو اندر اجرو ٿي سگهي. تڏهن تہ هاكاري شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي:

پڙهيـو ٿا پڙهن، كڙهن كين قلوب ۾،
پاٺان ڏوهہ چڙهن، جئن ورق ورائين وترا.
(٢٠)

سچل سرمست پڻ ملان جي ظاهر علم كي رد ڏئي ٿو هن جي نظر ۾ جيستائين عشق جي مئہ جي سُركي نہ چكبي؛ ان وقت تائين اندر اجاري نہ سگهبو. هو پاڻ كي عالم سڏائيندڙ ان شخص كي مخاطب ٿئي ٿو، جيكو علم ۽ عرفان ۾ اندران كورو آهي:

سڪ سچي ڪان ڪو نڪو، سبق سور سڪن،
اکر لکن نہ دل تي، ٿا ڪاغذ ڪارا ڪن،
مس ڪاري جان من کي، ٿا ڪاري ڪارو ڪن،
مدعا جنهن مام جي، تنهن ويجهو ڪين وڃن،
تاڏي ڪن نہ ڪن، جو فرمودو فائق جو.

(قاضي، ص۲۷۸)

سامي پڻ پنڊت جي اهڙي ناهہ نوهہ کي ننديو آهي:

ويد پران پڙهي پنڊت ٿيڙا ڪيترا،
بنا گيان گرو جي، ويا اوديا منجهہ اڙي،
ورلي ڪنهن گرمک ڏٺو، وڃن منجهہ وڙي،
تنهن کي هٿ چڙهي، سامي لک سروپ جي.

(ص۹۷)

سرمست سائين علم ڪان اهڙي عاري شخص کي صلاح ڏيندي چئي ٿو:

محبت جي مهراڻ مان، جي ملان چاش چکين،
تہ ڪنز قدوري ڪافيا، پڙهين ڪين لکين،
رحل سڀ سٽين ملا، مسجد ڪندم.

(قاضي، ص۲۷۸)

سامي بہ اهڙي اڻ ڄاڻ شخص کي سمجهائيندي چئي ٿو:

لکين هزارين، واد ڪرن ويدانت جي،
ورلو ڪو ويچار سان، ويهي ويچاري،
سامي سار صحيح ڪري، هردي منجهہ ڌاري،
نانت نرواري، سڀ گهٽ ڏسي سپرين.

(ص۹۷)

"حق" تائين پهچڻ لاءِ جا واٽ اختيار ڪئي وڃي ٿي ان واٽ تي ايندڙ آزمائشن مان پار پوڻ جو علم مرشد / گرو کان سواءِ حاصل نہ ٿو ٿئي، پوءِ پيلي گرو کان سواءِ ويراڳ وٺ: پر منزل تي پهچي نہ سگهندين. سامي چئي ٿو:

بنا ساڌ سنگت، سامي سڌريو ڪونہ ڪو،
جاڳي ڪيد اندر مون، ٻي سڀ ممتا مت،

پائي گيات گروءَ جي كر اپيد پڳت،
تـ ساكي ڏسين ست، چيٽيي ۽ كنچر ۾.
ص (١٨٨)

سچل سرمست کي بہ هدايت واري وات جي پٽي سندس مرشد پڙهائي آهي:

”لا“ نفي، دا كلمہ سانون، مرشد آپ پڙهايا،
هٿيا ڏتس همت والا، جنهن سارا هوش گنوايا،
اسان ييي تنهن دي كيتي يارو، مهٽيا سرتي چايا،
”سچل“ تي قربان انهان تون، جنهان آكي جوش جڳايا.

(٢١)

مرشد يا گرو جي مدح صوفي شاعرن جي روايت آهي. سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي مرشد خواجہ عبدالحق کي سندس نالي سان انتهائي عقيدت ۽ محبت مان ياد ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ صوفين جي نظر ۾ مرشد کان سواءِ هدايت واري وات هٿ نہ ٿي اچي سگهي. انهي ڪري تصوف جي پيروڪارن جي سامهون مرشد جو وڏو مقام آهي. مثنوي راز نامي ۾ سچل سرمست پنهنجي مرشد خواجہ عبدالحق جو ذڪر ڏاڍي احترام سان ڪيو آهي.

پير عبدالحق باشد بحر جود،
برهم عالم در گنج كش،
پير عبدالحق مرشد ما بود!
در ولايت توجہ اش عالي،
نعمت اواز مانمي گردد تمام، هرچہ گفتم آن بود شد والسلام.

(٢٢)

ترجمو:

پنهنجو مرشد پير عبدالحق سچو،
جنهن جو اعلىٰ مرتبو مولىٰ ڪيو،
پير عبدالحق سخا جو بحر ٿيو،
جڳ ۾ جنهن کوليو خزانو فيض جو،
وصف ان جي ڪين ٿي سگهندي تمام،
جو چوان سو ڪجهہ بہ ناهي والسلام.

(٢٣)

سامي جي سلوڪن ۾ پڻ اسان کي گُرو جو بيان ملي ٿو. هن کي بہ حقيقي مالڪ واري وات پنهنجي گُرو وٽان ئي حاصل ٿي آهي. پر ڪٿي بہ سامي گرو جو ذڪر ڪندي پنهنجي ستگروءَ جو نالو ظاهر نہ ڪيو آهي:

سهاڳڻ ڪي ست، سامي ڏسيو ستگرو،
ڇاڻ وڃائي پانهنجي، آگيا منجهہ ورت،
پاوين ڪت م ڪت، پرچي رهہ پرين سان.

(ص۵۹۶)

سرگڻ ۾ نرگڻ، ورلو ڪو گرمک لکي،
سامي جنهن کي ست گروءَ، ڏنو گيان انجن،
ڪڏي ميل منن، سوڌو رهي سپاوَ ۾.

(ص۲٦۸)

انسان دوستي

سنڌ برصغير ۾ صوفين جو مرڪز رهي آهي. هتان جي صوفين وٽ تصوف جو پنهنجو ئي رنگ آهي. هنن وٽ تصوف انسان دوستي ۽ پائيچاري جي زبردست علامت آهي. هتان جي صوفين ”حق“ کي حاصل ڪرڻ وارن ۾ ڪڏهن بہ هندو مسلم جي تفاوت نہ رکي آهي. هنن جي ويجهو سالڪ جي مالڪ حقيقي لاءِ طلب ۽ تمنائي اهميت رکي ٿي. چاڪاڻ تہ هو ڄاڻن ٿا تہ مذهب روح جي پاڪائي جي قائدن ۽ قانون جو نالو آهي ۽ هر اعلىٰ مذهب انسان شناسي، انسان دوستي ۽ پائيچاري جو پيغام ڏئي ٿو. اتهاس جا ورق ٻڌائين ٿا تہ هن ڌرتي تي اسلام کان سواءِ مختلف مذهبن اٿني مت، ان اٿني مت، ويدڪ ڌرم(هندو مت)، ٻڌڌرم، جين مت، زراشترزم، يهوديت جو اثر جدا جدا وقتن تي رهيا آهن (۲۴). انهن مذهبن جو اثر اڄ بہ تصوف جي انسان دوستي، وطن دوستي، پائيچاري، ميٺ محبت جي صورت هيٺ موجود آهي. تصوف جو اهو بنهہ نرالو رنگ برصغير ۾ فقط سنڌ ۾ نظر ايندو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام مان سنڌ جي انهي نرالي تصوف جا عڪس پسجن ٿا. هو مذهبن جي ٺيڪيدارن جي دوڪي بازي وارو روپ نندي ٿو:

ان پــر نــہ ايمــان، جــئن ڪلمــي گــو ڪوتــائين،
دغــا پنهنجــي دل ۾، شـــــرڪ ۽ شـــيطان،
مـــنهن ۾ مســـلمان، انـــدر آذر آهئـــين.

(۲۵)

سچل سائين بہ من سان مذهب جو روح هنڌائڻ جو قائل آهي:

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيان، گهران نہ انهي گهير،
جا ڏي راهہ رسول جي، تاڏي نہ پـــايان پير،
جي من مان ڪڍان نہ مير، تہ حضور حاصل نہ ٿيئي.

(قاضي، ص۲۷۷)

سامي سنڌ جي انهي تصوف کان باخبر آهي، تڏهن ئي تہ هو هندو ۽ مسلمان بابت چئي ٿو:

مومن مسلمان، ڪوڙن ۾ ڪو هڪـــڙو،
جو واصل وحدت ۾ ڪڍي گـــير گـــمان،
نور محل جي نيوتـــي، سيل ڪري سبحان،
تنهن ڪي سڀ جهان، چاٽي دوس خـداءِ جو.

(ص۶۱۹)

سچل سائين پڻ تصوف جي انهي رنگ ۾ رنگيل نظر اچي ٿو، تڏهن تہ مسلمان ۽ هندو جي فرق کي وساري وينو آهي ۽ پنهنجي دور جي سياسي ۽ مذهبي حالتن جي سبب من مان مذهب واري دوئي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪندي چئي ٿو:

وقـــت اهـــا ٿـــي ويـــل، دوئـــي دور ڪـــرڻ جـــي،
ڪـــڍ مـــذاهب مـــن مـــان، ســـاجهر ســـاڻ ســـويل،
هنـــدو مـــومن ســـان ملـــي، محبـــت جـــا ڪـــر ميـــل،
متـــان ٿيئـــي اويـــل، اولهـــہ ســـج نـــہ الهـــي.

(قاضي، ص ۲۸۴)

سامي جي نگاهہ گهري آهي. هن جي نظر ۾ ويدانت ۽ اسلامي تصوف جو حاصل مقصد ساڳيو آهي. ٻئي پاڻ ۾ پرين پسڻ جي تلقين ڪن ٿا. چئي ٿو:

ويدَ، پُرانَ، قُرآن ڪو، سَيني ۾ هڪ سُوٽُ،
سمجهي ڏس سامي چئي، لائي من مضبوط،
جئن آڪاس گهٽڙ ۾، تئن سڀ ۾ ساڪي پوت،
ڪو آتم رت اڏوت، سمجهي هن سخن کي.
(ص۳۳۲)

سچل سائين به ساڳي ڳالهه ڪندي چئي ٿو:
رام رحيم هڪو هڪ سمجهين، موج محبت ماڻين،
ڪافر مومن گبر نصارو، غير گمان نہ آڻين،
”خلق الانسان علىٰ صورته“، ڇول اهوئي ڄاڻين.
(قاضي، ص۲۸۵)

## پيون هڪ جهڙايون

سچل سرمست ۽ سامي جدا جدا فڪري ڌارائون هجڻ جي باوجود پاڻ ۾ ڪيتريون ئي هڪ جهڙايون پڻ رکن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اسلامي تصوف توڙي ويدانت جو بنيادي متو حق تعالىٰ کي ڳولڻ آهي. هنن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ اسان کي هر نظر ۾ پرين پسڻ ۽ وحدت تا ڪثرت جا مثال ملن ٿا. سچل سائين جي ٻولي ڏاڍي عام فهم آهي. منجهس عربي، فارسي جا دقيق لفظ استعمال ٿيل ناهن. جڏهن تہ سامي جي سلوڪن ۾ هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ استعمال ٿيل آهن. پر تنهن هوندي بہ سامي جي سلوڪن ۾ جاذبيت ۽ رواني موجود آهي.

سچل سرمست جو فڪري ماخذ اسلام آهي، اُن لاءِ هن پنهنجو سمورو فڪري سرمايو اتان ئي حاصل ڪيو ۽ سامي جي فڪر جو بنياد هندو فلاسفي آهي تنهن ڪري ان جو ذهني اثاثو اتان ئي حاصل ڪيل آهي. اسان هنن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ موجود ڪجهه وڏيڪ هڪ جهڙاين جا مثال هت پيش ڪنداسين.

سچل ۽ سامي جي چونڊ ڪيل هينئين بيتن ۾ موضوع ۽ مضمون جي خيال کان هڪ جهڙائي رکندڙ بيتن ۾ بي ڊپائي وارو انداز موجود آهي. پاڻ ۾ پرين ڳولڻ واري نڪتي تي سمورن حق جي پانڌيئڙن زور ڏنو آهي. هر انسان جي سرشت ۾ فطرت موجود آهي. انسان جي سرشت جي تشڪيل ئي فطرت مان

ٿئي ٿي ۽ هي ظاهري جسم روح جو لباس آهي. انسان کي ان حقيقت / سچ جي سڃاڻپ ڪرڻي آهي. سمورن صوفي شاعرن ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي، سچل سائين جي ڪلام ۾ پاڻ سڃاڻڻ جا مضمون جا بجا ٽڙيا پيا آهن. چئي ٿو:

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تان يار وسي ٿو،
ساڻ صدا آهي تان تنهنجي، پرين نہ آهي ٻي پار،
ڦولهي لهج پاڻ مون، چيو ٿو وَڃين وٽڪار،
پرين نہ پڇج پنڌڙا، تون "سچو" پاڻ سڃاڻ.

(انصاري، ص ٧٩)

ويدانتي ڪوي ساميءَ وٽ بہ اهڙن خيالن جو اظهار آهي:

شهہ رڳ کون نزديڪ، سڄڻ اٿئي اوڏڙو،
ڪيڏي غير اندر ۾، ڪري ڏسي تحقيق،
ناحق ڪُرڪَ ڪيڪ، سامي چئي سمجهہ ري.

(ص ٣١٧)

سرمست سائين جي نظر هر جاءِ تي حق تعاليٰ جو ئي جلوو پسي ٿي:

سڀ ڪنهن ويڙهي تون وسين، ڪونہ آهي پيو تو ري!
هر جا حاضر "تون" موتي کهڙي آهي "مون"،
هادي ڪڻ حجاب ڪي.

(انصاري، ص ٧٣)

سامي جي خيال ۾ جيئن پاڻي ۾ پارو ملي هڪ ٿي ويو آهي، تيئن حق هر ڪنهن جي اندر ۾ ائين ئي وسي ٿو:

پاري ۾ پاڻي، تيئن ويا پڪ وسي سڀ ۾،
سو ڪم سنڌ پرين جي، ڪنهن جاڻائي جاڻي،
سامي سماڻي، تنهن جي سُرت سروپ ۾.

(ص ٣١٧)

سچل پاڻ ۾ پرين ڳولڻ وارو فلسفو بيان ڪندي چئي ٿو تہ پاڻ تي غور ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ۾ حق ڳولي لڌم - انساني حيات، فطري مظهر توڙي اچانڪ ظاهر ٿيندڙ حادثن ۾ ڪيتريون ئي نشانيون موجود آهن جن تي غور ۽ فڪر سان نظر نہ ايندڙ يا اڻ ڳتي ٿيندڙ واقعن ۾ سمجهي سگهجي ٿو. تصوف بنيادي طور تي خدا جي

طرفان انسان جي مقرر ڪيل حيثيت/سمجهہ/شناس/درجي جو علم عمل سان ڏنئي ٿي. خدا انسان کي خوبصورت کان خوبصورت ۽ سموري مخلوقات ۾ اعليٰ خلقيو آهي. هن جو درجو پنهنجي ظاهري، دنيائي، جسماني، ناهہ ٿوهہ جي قيد ۽ بند کان گهٽو مٿي آهي. انساني روح ڪل جو جز آهي تنهن ڪري منجهس اهي خدائي صفات موجود آهن پر ان روح کي مادي جو لباس ڏنو ويو آهي. انسان کي ان مادي جي اندر رهي پنهنجي اصل حقيقت ڄاڻڻي آهي / سمجهڻي آهي ۽ ان حقيقت جو شعور ڪٿان ٻئي هنڌان نہ بلڪ پنهنجي اندر مان ئي حاصل ٿيڻو آهي. سچل چئي ٿو:

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، هيءَ پڙلاءِ پيوم،
صحيح ڪن ڪيوم، تہ غير گمان اٿي ويا.

(انصاري، ص١٦٤)

سامي چئي ٿو:

سدا ايڪانتي، ساڌو جن سنسار،
پرچي پانهنجي گهر ۾، پاتي جن جهاتي،
سامي سڃاتي، مورت محبوبن جي.

(ص، ١٦٩)

سچل سائين سالڪ کي چئي ٿو تہ جيڪو راز منهنجي اندر ۾ آهي اهو عيان نہ ٿو ڪري سگهجي ان جون رمزون تہ رانجهڻ ئي ڄاڻي. پر اهو ظاهر ڪرڻ سان عاشق ۽ معشوق جي وچ واري رازن ۽ نيازن جون خبرون ظاهر ٿينديون.

جا چوڻ جيهي ناهہ، سائي ڪيئن چوان؟
ڳجهي آهي ڳالهڙي، ڪنهن ڪل نہ آهي ڪاءِ:
اوڏي ناهي پروڙ کي، ويجهي نہ ويساهہ:
هئڙي سڌ حلاج کي، تنهن سسي ڪوڙ ڪپاءِ:
پوڻ آهي اونهن ۾، جتي هوءِ هواءِ:
”سچو“ سر نہ ملڻ جو، سو تان سپ منجهاءِ.

(انصاري، ص١١٢)

سامي وري ان ڳالهہ کي ورجائيندي چئي ٿو تہ عاشق پنهنجي عشق جي ڪٿا پاڻ بيان نہ ڪندو آهي بلڪ هو ان ۾ پنهنجو پاڻ وڃائي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ "هو" "هو" نہ ٿو رهي بلڪ "هو" "هو" بڻجي وڃي ٿو. سامي ساڌوءَ کي اهوئي سمجهائيندي چئي ٿو:

در در ڪيـــم بُنـــدِاءِ، ســامي ســڪ پــرين جـــي،
انتـــــــر مـــک ادب ســــان. لنـــؤ لڪـــائي لاءِ،
تـــ لنـــؤ لنـــؤ منجهـــ لڪـــاءِ، مـــورت محبـــوبن جـــي.
(ص ۴۱۴)

صوفين چواڻي هي سموري بازي بازيگر پنهنجو پاڻ پسڻ لاء جوڙي آهي. هيءُ جيڪو رنگ رنگ ڏاڍن جهڙو جهان آهي ان جي هر منظر ۾ "هو" خود موجود آهي ڪو بيو ناهي! هي سڄو جهان جوڙيو ئي هن پاڻ کي پاڻ ڏسڻ لاءِ آهي. سرمست سائين توڙي سامي پنهنجي جدا جدا فڪري ڏارائن ۾ ان نڪتي کي ظاهر ڪيو آهي تہ "حق تعاليٰ" پنهنجو پاڻ پسائڻ خاطر جدا جدا روپ ڌاري ظاهر ٿئي ٿو. درازي شاهہ چئي ٿو:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو!
ڪـــاٿئين حنبل شافعي، ڪاٿئين مالڪ نعمان،
ڪـــاٿئين پٽي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن،
ڪـــاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان،
ڪـــــاٿئين طفوليت ۾، ڪاٿئين پير جوان،
ڪـــاٿئين مير وزير ٿيو، ڪاٿئين ٿيو دربان،
ڪـــاٿئين احمد بلا ميمي، ڪاٿئين هنومان،
"سچـــــو" پير صبر ۾، هوءِ حيرت ۾ حيران.
(انصاري، ص۸۱)

پيائي چئن راء ان خيال کي ورجائي ٿو:

اڻ هـوندي بــازي، بازيگــر بـــرحال ڪي،
ڪاٿي پير فقير امير ٿيو، ڪاٿي شيخ ملان قاضـــي،
ڪاٿي گرو گُسائين گيان وان، ڪاٿي حج ڪري حاجي،
ڪـــاٿي راجا پرجا چوڌري، ڪاٿي مهتو ميانجي،

ڪـــاتي سور بير داتار ٿيو، ڪاتي منٿ موتاجي،
ڪاتي چوڙ چُغَل نگُ مسخرو، ڪاتي پنڊ ڪٽي پاجي،
ڪـــاتي ڳتي ليکي دک ۾، ڪاتي رضا ۾ راضي،
سامـــــــــي جنهن ساجي، سو ساڪي پٽ پار تي.
(ص٣١٤)

سرمست جي ڪلام ۾ اهڙا ٻيا بہ عڪس موجود آهن:

چئـون ميان عشقا ڪيئن، تون سوين سيل بنائين ٿو!
يـــا تو آهين ذات ديوانو، جو ڪيڏا ناهہ نهائيـــن ٿو.
ڪـــاٿئين ملا قاضي تون، ڪاٿئين سيد سڏائين ٿو،
ڪـــاٿئين مغ برهمڻ تون، ڪاٿئين بانگ ٻڌائين ٿو،
ڪـاٿئين منهن ۾ محراب، ڪاٿئين تلڪ لائين ٿو،
ڪـاٿئين تسبيحان تون سورين، ڪاٿئين جٽيان پائين ٿو،
ڪـــاٿئين پيرين آهين پيادو، ڪاٿئين بور بچائين ٿو،
ڪـــاٿئين منبر واعظي، ڪاٿئين پوٿيون پٽائين ٿو،
ڪـــاٿئين زربفت قبائون، ڪاٿئين ليڙا لڙڪائين ٿو،
ڪاٿئين ڏيئي شرعي فتوىٰ، ڪاٿئين منصور مارائين ٿو،
ڪاٿئين هنومان ڪونائين، ڪاٿئين ڏهيسر ڏسائيـــن ٿو،
ڪـاٿئين ٿئيــن رام يا سيتا، ڪاٿئين لڇمڻ لڪائين ٿو،
ڪـــــاٿئين نمرود ابراهيم تي، ڪيئي ٻيک بنائين ٿو.
ڪـاٿئين تي فرعون يا موسىٰ، سڀ صورت سمائين ٿو،
ڪـــــــاٿئين تي بادشاه ملڪ جو، سارو ديس دٻائين ٿو،
ڪـــــاٿئين غرض گداگر، ڪاٿئين ٽرليون ٽڪائين ٿو،
ڪاٿئين مفتي تون ”خدائي“، ڪاٿئين ”اناالحق“ فرمائين ٿو.
(انصاري، ص٨٦)

سامي پڻ ان نڪتي کي ظاهر ڪندي چئي ٿو:

قـــدرت تنهن جـــي قـــــــادرا، ڏسي من ٺري،
ڪـاٿي سلطانن سلطان ٿين، ڪاٿي در در ٻيک ڪرين،
ڪـاٿي لک لٽائين ڏينهن ۾، ڪاٿي ڪوڏي ڪاڻ مرين، ڪاٿي

صورت جو سردار ٿين، ڪاٿي موهين ذوق ذري،
ڪاٿي زوراور ظالم ٿين، ڪاٿي ڏسين روپ ڏرين،
ڪاٿي البيلو اڏوت ٿين، ڪاٿي ڳٽتي منجهه ڳرين،
ڪاٿي گيان ڪرين گلزا ر تي، ڪاٿي سڏڪي ساهه پرين،
من واٽــيءَ ڪون پري، آهي صفت تنهنجي صاحبا.

(ص۳۱۵)

هنن سٽن ۾ نہ رڳو مضمون جي خيال ڪان هڪ جهڙائي آهي، پر ٻولي جي ساخت ڪان پڻ هي سٽون هڪٻئي جي ويجهو ڏسجن ٿيون. سنڌ جي اترادي لهجي موجب ”ڪٿي“ جو جمع ”ڪاٿي“ ڪيو ويندو آهي. جيڪو عام طور ڳالهائڻ ۾ ڪتب اچي ٿو. سچل ۽ سامي جي هنن شعرن ۾ سنڌي ٻولي جي اترادي لهجي جو اهڙو مثال موجود آهي.
سرمست سائين هڪ ٻي ڪافي ۾ اهوئي خيال آڻيندي چئي ٿو:

پاڻ سجاڻڻ آيو، ڙي، سڄڻ پاڻ سڃاڻڻ آيو،
ڪم نہ هيڙس ڪو ٻيو!
پــاٽون ڄــاڻِي پــاڻ ســان، هــت لــون تــا لائــڻ آيـو،
عــرش منجهــارؤن الهــي، هــت ورهــہ وســائڻ آيــو،
ســوليءَ تــي منصــور تــي، هــت ســر ســلائڻ آيــو،
مصــــر جــي بــازار ۾، هــت ملهــہ وڪــامڻ آيــو،
”سچــو“ ري سنســار ۾، هــت پيــر گهمــائڻ آيــو.

(انصاري، ص۸۵)

سامي ان خيال جي گهڻو ويجهو آهي.

آيـــــــو ناگـــر نـــٽُ، بيـــڪ ڌري بـــازار ۾،
بانيـــڻ چــوي بيــائيءَ ري، ڪــدي وينــو هـــٽ،
پــاڻ وپـــــاري، وڻـــج ٿيـــو، پــاڻ تــارازي وٽ،
رعيــت، راجــا پـــاڻ ٿيـــو، ڪـــانئر، ســور ســيٽ،
پــاڻ ڪنيــر، آوي ٻٽيـــو، چــڪ متـــي، گهـــٽ مـــٽ،
پــاڻ قــول، قــل، پتـــــر تيــو، پــاڻ ڏار ٻــج ٻـــٽ،

اندر ٻاهر دهـ دسا، کيلـي گپت پـر گهـٽ،
پرچـي کـولي پـٽ، پـاڻ لڪائـي پاڻ کـي.
(ص٣١٦)

صوفين موجب جڏهن حق تعاليٰ جدا جدا مظهر ۾ پاڻ موجود آهي تہ هو هڪ مان لاتعداد ٿئي ٿو ۽ لاتعداد ۾ وري هو اڪيلو آهي. ان فلسفي کي تصوف ۾ ”وحدت ڪثرت“ جو فڪر سڏيو ويو آهي. يعني وحدت/هيڪڙائي ۾ ڪثرت/لاتعداد آهي ۽ ان ڪثرت/لاتعداد ۾ وري وحدت/هيڪڙائي ئي هيڪڙائي آهي. سرمست سائين ۽ سامي جي ڪلام ۾ اهي مضمون/موضوع پڻ آهن. درازي درويش چئي ٿو:

”سـچو“ سـارو سـچ ٿيـو، منجهـان ڪثـرت ڪُـل،
الـف مـؤن آدم ٿيـو، ڪـري هنگـامو هـل،
هنـدو مـؤمن سـو ٿيـو، ٻـول نـہ ٻئـي ڪـنهن ٻُـل،
”خلـق الاشـياءَ فهـو عينهـا“، اهـو آڻ عمـل،
ٿـج گلابـي گـل، مُـر مـار نيئـي منصـور جـان.
(انصاري، ص٨٧)

ويدانتي ڪوي سامي چوي ٿو:

خلـق منجهـہ خـالق، خلـق سـڀ خـالق ۾،
سـمجهي ڪـو سـامي چئـي، ورلـو هـرجن هـڪ،
مهـر ڪـري مالـڪ، جـنهن تـي پرچـي پاڻهـي.
(ص، ٣١٨)

جمع جو صيغو

سچل ۽ سامي ٻئي اتر سنڌ سان تعلق رکن ٿا. هتان جي محاوري موجب جمع جي صيغي لاء واحد ۾ ”آن“ ملائي پيش ڪيو ويندو آهي. سامي شڪارپوري محاوري جو سهڻو مثال آهي. اسان کي هن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ جمع لاء ”آن“ جو صيغو گهڻو ملي ٿو. سچل سائين جي سنڌي، سرائڪي ڪلام مان اهڙا مثال چونڊي سگهجن ٿا.

- ”ڪـوران، ڪسـيان، واهـڙان، هـت ڪلـي ٿيـا گمنـام ميـان“، هتي ”ڪور“ جو جمع ”ڪوران“، ”ڪسي“ جو جمع ”ڪسيان“ ۽ ”واهڙ“

جو جمع ”واهڙان“ بڻايو ويو آهي. هيٺ سچل سرمست جي ڪلام مان جمع جا ڪجهه اهڙا وڏيڪ مثال پيش ڪجن ٿا.

- نہ مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نہ ڪيڙم زهد عبادت
  (قاضي، ص٢٨٨)
- لڪيون لس لڙهان، ساجن سلامي جيون.
  (قاضي، ص٢٩٤)
- نهران نچويو، جارئون جر هاري گهٽو.
  (قاضي، ص٢٩٤)
- زلفان ڪوليو اسان جي، ڏاڍو ڪو ستم سهايو.
  (انصاري، ص٦٥)

سامي جي سلوڪن ۾ پڻ جمع جو اهڙو نمونو موجود آهي.

- جاڏي ڪئن نئن، تاڏي ڏسن سپرين.
  (ص،٢٠٩)
- پرچي ڪئي تنهن پانهنجي، محبتي مُدا.
  (ص،٤٩٤)
- حاضران حضور، سامي ڏسن سپرين.
  (ص،٤٩٩)
- ڏسي ڪال ڪلهن تي، راتيان ڏينهان سانڻ.
  (ص،٥٠١)
- دانهان ڪري درد سان، نيو نهوڙي نينهن.
  (ص،٥٤٦)

## تصغيريت جو استعمال

شاعري ۾ تصغيريت جو استعمال بہ وٽندڙ هوندو آهي. جيڪو ٻولي ۾ ميناج پيدا ڪري ٿو. شڪارپور جي لهجي ۾ تصغيريت جو استعمال بنهہ گهٽو ڪيو ويندو آهي. مثلاً پائڙا، ادڙا، منڙا، منڙا وغيره. سچل، سامي، بيدل اسمن توڙي فعلن سان تصغيريتن جو صيغو لاڳو ڪري ڪـــي نهايت دلپزير بناوتون ناهيون آهن(٢٦). سچل سرمست جي ڪلام مان اهڙا مثال ڏاڍي خوبصورتي سان جهلڪا ڏئي رهيا آهن:

- پکين پرڙا سوئيا، پرهہ ڦٽي پرڀات. (قاضي، ص٣٢٧)
- نہ مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نہ ڪيڙم زهد عبادت.(قاضي، ص٢٨٨)
- قاضيئڙا ڪُلاءِ، رحل رکين ڪنڌ ۾. (قاضي، ص٢٩١)
- حقاني حسن جي، گولاڙا ڪن گلا. (قاضي، ص٢٩١)

سامي جي ڪلام ۾ تصغيريت جو مثال خوبصورتي سان موجود آهي.

- سو پيوَ ساگر جي پيڙ ڪؤن پيڙو پاڙ نسنگ. (ص، ١٨٦)
- ملي ساڌ سنگت سان، ٽئڙو من اچل. (ص، ٢٠٢)
- ٽئڙا لال گلال، تن سان ملي ڪيترا. (ص، ٦٨٩)
- وئڙا ڪرم پڄي ڏسي پريم پرياوَ ڪي. (ص، ٤٥٠)
- اوديا ڪئڙو انڌ، پٽل ڏيئي جيءُ ڪي. (ص، ٢٢١)

سچل ۽ سامي جي ٻولي جي پيش ڪيل هنن مثالن مان اها ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي تہ هنن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ نہ فقط موضوع ۽ خيال جي هڪجهڙائي موجود آهي پر منجهن ڪيترين ئي خوبين پڻ موجود آهن. هتي ڪي ٿورڙا مثال جمع ۽ تصغيريت جا ڏنا ويا آهن تہ جهڙي ريت اسان پرکي سگهون تہ هي مها ڪوي پنهنجي وقت ۾ ٻولي جي خوبصورت استعمال کان ڪهڙي ريت واقف هئا.

پڄاڻي

سچل سرمست ۽ سامي جي شاعري جي هن گڏيل مطالعي کان پوءِ اسان کي هنن ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙاين ملن ٿيون جيڪي رڳو فڪر تائين محدود ناهن بلڪ موضوع توڙي محاوري جون بہ هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون. هي ٻئي شاعر اتر سنڌ سان واسطو رکن ٿا جتان جو محاورو جدا آهي جنهن مطابق خاص طور جمع لاءِ واحد ۾ "آن" جو صيغو گڏيو وڃي ٿو. اسان کي هنن شاعرن بابت هت ڪيل مطالعي کان پوءِ هيٺيان نڪتا واضح نظر اچن ٿا.

- سچل سرمست ۽ سامي مذهب جي حوالي سان جدا جدا مکتب فڪر جا پوءِ لڳ آهن. هڪ جو اسلامي تصوف بنياد آهي ۽ ٻيو هندو فلاسافي جي نڪتي هيٺ ويدانت جو پرچارڪ آهي.
- اسلامي تصوف ۽ ويدانت ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙاين هجڻ جي باوجود ان ۾ ڪيترين ئي ڳالهين مشترڪ نہ آهن. هي ٻئي مذهبي فلسفا دنيا جي

ٻين ڪيترن ئي قديم مذهبن جي فلسفن مطابق هر شيءِ تي قوت رکندڙ واحد قوت کي تسليم ڪرڻ ۽ ان جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جي تعليم ڏيندي گڏوگڏ هلن ٿا؛ پر هڪٻئي ۾ ضم نہ ٿا ٿين (٢٧). هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر اين-ميري شمل جي هي راءِ گهڻي اهميت رکي ٿي:

”اسلامي تصوف ۽ ويدانت ٻن جدا جدا مذهبن سان تعلق رکن ٿا. ٻنهي جا مقصد ساڳيا ۽ رستا متوازي ۽ جدا آهن. اهي هڪ درياءَ جي ٻن ڪنارن وانگر سڌي رستي تي وڃن ٿا پر ملن نہ ٿا“ (٢٨).

- سچل ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ مختلف جاين تي قرآن شريف جون آيتون، حديثون وغيره جا حوالا پيش ڪيا آهن. جڏهن تہ سامي ائين نہ ڪيو آهي. هن فقط ڌرمي ڪتابن ڏانهن اشارو ڪندي ويدانت جو حاصل مقصد پنهنجن سلوڪن ۾ بيان ڪيو آهي تڏهن تہ پاڻ ئي چئي ٿو: ”ويدن جي واٽي سنڌي منجھ سٽايم“ .
- هي ٻئي شاعر پنهنجن پنهنجن مڪتب فڪر هيٺ رهندي بہ انسان دوستي ۽ انسان شناسي واري اعليٰ گڻ سان واسيل آهن، جنهن جو اظهار هنن پنهنجي پنهنجي شاعري ۾ ڪيو آهي.
- ٻنهي شاعرن ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙاين جي باوجود هي ٻئي شاعر پاڻ ۾ مليا بہ نہ آهن، تذڪرن ۾ هنن جي ملاقات جو ذڪر موجود ناهي. پر باوجود ان جي تہ پنهنجي دور جا هي ٻئي وڏا شاعر هڪٻئي جي فڪر ۽ مرتبي کان واقف ضرور هئا. ٻنهي جي هڪجهڙاين جي مثالن مان ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي مدد ملي ٿي.
- هنن ملان جي ظاهري تعليم کي رد ڪيو آهي. هنن جي نظــر ۾ علم رڳو ”صرف و نحو“ پڙهڻ سان حاصل نہ ٿو ٿئي. اندر اجارڻ لاءِ عشق جي مئي چکڻ ضروري آهي جنهن کان سواءِ انسان ۽ خدا جي وچ واري رشتي کي سمجهي نہ ٿو سگهجي.
- ڏيان ۽ گيان مرشد/ گُرو کان سواءِ حاصل نہ ٿو ٿئي.
- ٻئي مرشد جي ثنا ڪندي نظر اچن ٿا.
- ٻئي حسن ۽ عشق جي اپٽار ڪن ٿا. هنن جي نظر ۾ عشق جي باھ ۾ ئي سالڪ سڙڻ کان پوءِ ئي فنا حاصل ڪري بقا پائي ٿو.

- هي ٻئي وحدت ۽ ڪثرت جي فلسفي کي وڏي واڌي تسليم ڪن ٿا.
- هنن جي نظر ۾ مالڪ ٿي هر رنگ ۾ پاڻ ظاهر ٿئي ٿو. نظر ايندڙ مختلف روپن اندر حقيقت ۾ حق تعاليٰ خود موجود آهي.

## حوالا


١. پروفيسر چيتمل پرسرام. سامي جا چونڊ سلوڪ. بحواله سامي ۽ جا سلوڪ (جلد پهريون) مرتب: پروفيسر بي-ايچ ناگراڻي. ص١٠٠. سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت. حيدرآباد ١٩٩٢ع.

٢. خانبهادر محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ). ص٢٢٢. آر-ايچ-احمد اينڊ برادرس ١٩٧٦ع.

٣. Shanti L.Shahani, Song of the Spirit, P-IX, Mother Land Press Karachi, ١٩٤٧ A.D

٤. ساميءَ جا سلوڪ (جلد پهريون) ص١٠٢.

٥. سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ). ص٢٢٢(حوالو اڳ آيل آهي).

- ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٢-١٠١. (حوالو اڳ آيل آهي).

٦. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٢. (حوالو اڳ آيل آهي).

٧. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٣. (حوالو اڳ آيل آهي).

٨. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٣. (حوالو اڳ آيل آهي).

٩. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٤-١٠٣. (حوالو اڳ آيل آهي).

١٠. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٥. (حوالو اڳ آيل آهي).

١١. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو. سامي جو خانداني پس منظر. ص١٠٣ (مضمون) ماهوار پريم ساگر. سامي نمبر. نومبر-ڊسمبر ٢٠٠١ع. پريم ساگر پبليڪيشن ڪراچي.

- چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اها جاءِ مشهور سياستدان جنيد سومري جي گهر جو حصو بڻجي وئي آهي. (روايت: زبير سومرو)

١٢. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٢. (حوالو اڳ آيل آهي).

١٣. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٣. (حوالو اڳ آيل آهي).

١٤. ساميءَ جا سلوڪ. (جلد پهريون). ص١٠٥. (حوالو اڳ آيل آهي).

۱۵. ساميءَ جي سلوڪن جي ڇاپن بابت ڏسو:
۱. ڊاڪٽرن مرليڌر جيٽلي، سامي ۽ سندس سلوڪن جا ڇاپا (مضمون) سامي تي هڪ نئين نظر، مرتب: تاج جويو، پريم ساگر پبليڪيشن ڪراچي ۲۰۰۲ع.
۲. ڊاڪٽر الله رکيو ٻٽ، ساميءَ جي سلوڪن جا آڳاٽا ڇاپا- ڪجھ حقيقتون، (مضمون)، ماهوار پريم ساگر، سامي نمبر، نومبر-ڊسمبر ۲۰۰۱ع.
- سنڌ ۾ ساميءَ جو فڪر سنڌي شاعرن ۽ تخليقڪارن تي گھڻو اثر انداز رهيو آهي، جنهن جو چٽو ثبوت مهان ڪوي شيخ اياز جون تحريرون آهن. شيخ اياز جون سامي بابت سموريون لکڻيون ۽ شعر ”ساميءَ ويس سلوڪڙا“ جي عنوان هيٺ تاج جويي سهيڙي، شيخ اياز فائونڊيشن پاران ۲۰۰۲ع ۾ شايع ڪيا آهن.
ان کان سواءِ نوجوان شاعر زبير سومري جو ساميءَ کي شرڌانجلي ”سامي مٺ اُپٽيا“ جي عنوان هيٺ سنڌي بيتن جو مجموعو تازو گونج پبليڪيشن حيدرآباد ۲۰۰۶ع ۾ شايع ڪيو آهي.
۱۶. ڪيئلداس بيگواڻي ”فاني“، سامي صاحب جي ٻولي ۽ شاعري، (مضمون)، ص۵۷، ساميءَ تي هڪ نئين نظر، مرتب: تاج جويو، پريم ساگر پبليڪيشن ۲۰۰۲ع.
۱۷. مولانا محمد صادق راڻيپوري، سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام)، ص۷-۸۶، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۱۹۹۷
۱۸. سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام)، ص۹۵ (حوالو اڳ آيل آهي)
۱۹. قاضي علي اڪبر درازي، (مرتب)، ديوان آشڪار (جلد اول) ص۶۴، محڪمہ اوقاف سنڌ، ۱۹۸۱ع
۲۰. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، شاهه جو رسالو، ص۱۰، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه / حيدرآباد ۱۹۸۵ع
۲۱. سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام)، ص۳۶۰(حوالو اڳ آيل آهي)
۲۲. قاضي علي اڪبر درازي (مرتب)، مثنوي راز نامہ مع ديوان خدائي، ص۵۰، سچل ڪوآپريٽو اڪيڊمي لميٽيڊ خيرپور — روهڙي ۱۹۶۸ع

٢٣. ڊاڪٽر عطا محمد حامي، نينهن جا نعرا، ص٨٢، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي ١٩٨٣ع

٢٤. جي-ايم-سيد، سنڌو جي ساڃاهه، ص٤٠٠، سورٺ پبليڪيشن آدرش نگر، بمبئي، ١٩٨١ع

٢٥. ڪلياڻ آڏواڻي، شاهه جو رسالو، ص٥٣٤، منتخب اسحاقيه ڪراچي

٢٦. ڊاڪٽر هدايت پريم، ويدن جي واٽي سنڌي ۾ سٽايان، (مقالو)، ص٦٤، پريم ساگر، (سامي نمبر)، نومبر-ڊسمبر ٢٠٠١ع

٢٧. ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ٣٣٠ع، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ٢٠١١.

٢٨. ڊاڪٽر الياس عشقي، شاهه جو مذهب، اسلامي تصوف ۽ ويدانت، (قسط-١)، (مقالو)، ص١٤٨، ٽماهي مهراڻ-٣، ١٩٩٢

# سچل سرمست ۽ جان الله شاهه "عاشق"

جان الله شاهه "عاشق" روهڙي جي رضوي سادات خاندان جو فرد هو. هو مير منورشاهه رضوي جو فرزند ۽ مير جان الله شاهه اول جو پوٽو هو (۱). جان الله شاهه "اول" روهڙي شهر جي "جانشاهي" خاندان جو جد امجد ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، متشرع، زاهد، عابد، خوشخط، فارسي ٻولي جو باڪمال شاعر ۽ شاهه عنايت شهيد جو وڏو خليفو ۽ طالب هو (۲).

مير جان الله شاهه اول جي وفات (۵ ربيع الاول ۱۱۶۷ھ/۱۷۵۳ع) کان پوءِ سندس فرزند مير قلندر شاهه گادي تي وينو. هي صاحب به فنا في الله جي درجي تي پهتل ۽ فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو جو باڪمال شاعر هو. سندس رحلت (۱۷ جمادي الثاني ۱۱۸۷ھ/۵سيپٽيمبر۱۷۷۳ع) کان پوءِ سندس ڀاءُ مير منور علي شاهه گادي تي وينو. هي به فقير شخصيت جو مالڪ ۽ عارف هيو. کيس ڇهه فرزند هئا، سيد جان الله شاهه "عاشق" سندس چوٿون نمبر فرزند هيو. مير منور علي شاهه ۲۵ رجب المرجب ۱۱۹۹ھ/۲۹مئي۱۷۸۵ع تي وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس فرزند سيد فتح علي شاهه سجاده نشين بڻيو. پر روحاني امانت سندس ننڍي ڀاءُ سيد جان الله شاهه "عاشق" وٽ هئي (۳).

مير جان الله شاهه ثاني پنهنجي ڏاڏي جان الله شاهه اول وارو روحاني فيض سيد عبد الوهاب شاهه کان واپس حاصل ڪيو. فيض حاصل ڪرڻ وارو واقعو "تذڪره جانشاهي" جو مصنف هن ريت بيان ڪري ٿو:

> "چوڻ ۾ اچي ٿو ته سيد فتح علي شاهه بن سيد منور علي شاهه جيڪو پنهنجي ڏاڏي سيد مير جان الله شاهه اول جي گادي تي هيو ان وٽ روحاني امانت ۽ فيض نه هيو ۽ هينئر اهو وقت اچي ويو جنهن لاءِ سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول پنهنجي خاص مريد غلام رسول وٽجاري کي وصيت ڪئي هئي ته تنهنجو مريد غلام محمد ٿيندو ۽ ان جو مريد وري سيد عبدالوهاب شاهه ڀاڳناڙي وارو ٿيندو. ان وقت اسان جي گادي نشين وٽ امانت ڪانه هوندي تنهنڪري تون غلام محمد کي ۽ غلام محمد وري عبدالوهاب شاهه کي چوي ته هو ان وقت ڀاڳناڙي کان اچي اسان جي جانشين کي اسان جي امانت روحاني فيض ڏئي وڃي ۽ اهو وقت سيد فتح علي شاهه جي وقت ۾ آيو.

مير جان الله شاهه رضوي اول ۽ فقير قادر بخش بيدل جي سمورن تذڪرن ۾ اهو بيان آهي تہ مرشدن جي وصيت تي عمل ڪرڻ لاءِ سيد عبدالوهاب شاهه جيلاني پاڳناڙي کان انجام موجب، سيد فتح علي شاهه رضوي بن سيد منور علي شاهه کي امانت ڏيڻ روهڙي پهتو. ”انيس المساڪين عرف راحت السالڪين“ ۾ آهي تہ:

”سيد عبدالوهاب شاهه انهي وصيت بنسبت سارو احوال سيد فتح علي کي بيان ڪيو(جو ان وقت گادي نشين هو) مگر سيد فتح علي شاهه کي اها ڳالهه ناگوار گذري ۽ فرمايائون تہ ”ڇا اسان وٽ فيض ڪونہ آهي جو اوهان ڏيڻ آيا آهيو“ عبدالوهاب شاهه فرمايو تہ ”قبلا! اوهان اسان جا مرشد آهيو، اسان کي پاڻ اوهان جي دروازي تان فيض مليل آهي. اسان کي ڇا مجال آهي جو اوهان کي فيض ڏيون“ ائين چئي هو رخصت وٺي سيد عبد الوهاب شاهه محافي ۾ (جو اڪثر محافي ۾ سواري ڪندا هئا) روانو ٿيو. سيد فتح علي شاهه رضوي جي ننڍي ڀاءُ سيد مير جان الله شاهه ثاني جو اها ڳالهه ٻڌي، تنهن ڊوڙي وڃي سيد عبدالوهاب شاهه جي محافي کي ڪلهو ڏنو. مير جان الله شاهه ثاني اڃان ڪلهو ڏنو ئي مس تہ سيد عبدالوهاب شاهه فرمايو تہ ”محافو جهليو جو مرشد جي اولاد مان اڇي ڪنهن ڪلهو ڏنو آهي“. پوءِ سيد عبد الوهاب شاهه محافو رڪائي سيد جان الله شاهه ثاني کي ڀاڪر پائي فرمايو ”جاني ميڏا ڪوئي نهين ثاني“(۴).

سيد عبدالوهاب شاهه مرشد جي وصيت ۽ حڪم موجب سندس امانت روحاني فيض سيد جان الله شاهه ثاني جي سپرد ڪيو ۽ پنهنجي نياڻي جو سڱ پڻ سندس فرزند سيد جمن شاهه ثاني کي ڏنائين. جنهن جو فرزند سيد علي اڪبر شاهه اول پوءِ درگاهه مير جان الله شاهه رضوي جي گادي تي ويٺو(۵).

سيد جان الله شاهه ثاني، سيد عبد الوهاب کان پنهنجي وڏن جي امانت ٻيهر حاصل ڪري روحانيت جي وڏي درجي تي پهتو. سندس ڪيترائي مريد پڻ هئا. خراسان جو بادشاهه شاهه شجاع الملڪ بہ سندس مريد هو.

حق ۽ سچ جو هن پانڌيئڙي ٦ ربيع الاول سنہ ۱۲۵۵ھ/۲۵ مئي ۱۸۳۹ع تي وفات ڪئي (٦). فقير قادر بخش بيدل سندس قطعہ تاريخ وفات چئي آهي جيڪا هت پيش ڪيون ٿا (۷).

تاريخ وصال جناب سيد السادات، پير طريقت صوفيان مير جان الله.

جناب شاه جان الله صوفي،
مكمل مرشد و پير طريقت.
بهنگام تكلم طالبان را،
خبر ميداد ز اسرار حقيقت.
چو در وحدت وجودي كسب كشودي،
بديدي سالك انوار زينت.
عيان مي بود در هر مستفيدش،
ازو آثار جذبات محبت.
بسلسلد قادري مي ساخت مسرور،
ولىء دوران بر تزيت ممكنت.
چو عزم سير ملك لامكان كرد،
جلوس آورد بر تخت هويت.
پئي سال وصالش هاتفي گفت،
ولي تاجور اقليم وحدت.

(۱۲۵۵ ھ)

جان الله شاه کان پوءِ سندن پوٽو سيد علي اڪبر شاه اول درگاه جي مسند تي ويٺو جيڪو سيد جمن شاه جو فرزند هو. سيد علي اڪبر شاه اول جي والد سيد جمن شاه ثاني جي زندگي بابت ڪو گهڻو احوال هٿ نٿو اچي. تذڪره جانشاهي جي مصنف، سيد جمن شاه بابت فقط ايترو لکي ٿو ته: ”سيد جمن شاه ٻه شاديون ڪيون جنهن مان ڪيس ڇهه فرزند تولد ٿيا. جن مان سندس وڏو پٽ سيد علي اڪبر شاه اول پوءِ درگاه جان الله شاه رضوي جي گادي تي ويٺو“ (٨).

سيد جمن شاه بابت وڌيڪ ڪا معلومات نٿي ملي. ايتريقدر جو سندن وفات جي تاريخ به هٿ نه اچي سگهي آهي. ٻي طرف تذڪره شعراءِ سکر جو مصنف جي لکڻ موجب ته: سيد جان الله شاه ”عاشق“ ڪان پوءِ سندس پوٽو سيد علي اڪبر شاه اول گادي تي ويٺو (٩). انهن ڳالهين مان گمان غالب آهي ته سيد جمن شاه ثاني پنهنجي والد سيد جان الله شاه ”عاشق“ جي حياتي ۾ ئي رحلت ڪري ويو هجي، ان ڪري سيد جان الله شاه ”عاشق“ ڪان پوءِ سيد علي اڪبر شاه اول گادي تي ويٺو.

**شاعري:**

سيد جان الله شاهه ثاني پنهنجي خاندان جي وڏن شاعرن سيد مير جان الله شاهه رضوي اول ۽ سيد مير قلندر شاهه رضوي وانگر هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جو وڏو شاعر پڻ هو. فارسي ۾ سندس تخلص "عاشق" هيس. فارسي زبان جو سندس ديوان "ديوان عاشق" جي نالي سان گڏ ٿيل آهي.

ميمڻ عبد المجيد سنڌي لکي ٿو ته:

"هي فارسي جو صاحب ديوان شاعر ٿي گذريو آهي. وڏو فياض هو. جيڪو به وٽس آيو، سو روحاني توڙي دنيوي فيض سان مستفيض ٿي ويو"(١٠).

سيد جان شاهه جو ڪجهه سنڌي، سرائڪي ڪلام گڏ ڪري اختر درگاهي ڪتاب "تذڪره جا نشاهي" ۾ پيش ڪيو. اسان پڻ سندن ڪلام جي مطالعي لاءِ مذڪوره ڪتاب ۽ سچل سائين جي شعر لاءِ عثمان علي انصاري جو مرتب ڪيل رسالو سامهون رکنداسين.

جان الله شاهه "عاشق" جي ڪلام ۾ سچل سرمست وانگر جا بجا عشق ۽ تصوف جي تنوار ۽ وحدت جي وائي موجود آهي. هو به سرمست سائين وانگر پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪري ٿو. سچل سائين چئي ٿو:

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهه سڃاڻ،
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله جاڻ،
تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قرآن،
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو.

(ص ٩)

جان الله شاهه "عاشق" به اهڙي ڳالهه ڪجهه هن طرح ڪري ٿو:

صورت ۾ ٿي سندس اُتارو، ڏس پروڙي پاڻ،
ڳوليندڙ جو تون نه ٿو ڳولين، سوئي توئي ساڻ.

**(ص ٤٢)**

سچل سائين وحدت ڪثرت جو بيان ڪندي چئي ٿو:

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل،
هندو مؤمن هڪ ٿيو، پول نہ پئي ڪنهن پل،
”خلق الاشياءِ فهو عينها“ اهو آڻ عمل،
تج گلابي گل، مر مارني منصور جان.

(ص ٦٥)

جان الله شاهہ ثاني وحدت ۽ ڪثرت جو فلسفو وري هن طرح بيان ڪيو آهي:

وحدت ڪثرت، ڪثرت وحدت،
اهو اصول اصل جو نشان،
ڪثرت وحدت جو ٿي مظهر ماڳ سندس لامڪان.

(ص ١٢)

جان الله شاهہ ”عاشق“ جي ڪلام تي تصوف جو رنگ غالب آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ وحدت، ڪثرت، پاڻ سڃاڻڻ، عشق، نفي، اثبات، حال، قال، فنا ۽ بقا جا مضمون ڏاڍي دلڪش انداز ۾ بيان ڪيا آهن. ساڳي وقت سندن همعصر شاعر سچل سرمست جي ڪلام ۾ بہ اسان کي ساڳيا مضمون ملن ٿا. سلوڪ جي راهہ تان گذرندي سالڪ جون جيڪي ڪيفيتون ٿين ٿيون سي اسان جي صوفي شاعرن ڏاڍي بي ڊپائي سان بيان ڪيون آهن سرمست سائين چئي ٿو تہ جڏهن واحد تان ڪثرت ٿي ۽ ڪثرت مان وحدت ٿي تہ پوءِ 'هُو' ئي آهي ٻيو ڪوبہ ناهي. هر منظر ۾ فقط هن جو ئي جلوو آهي. جيڏانهن بہ نظر ڪجي ٿي هو ئي نظر اچي ٿو ٻيو ڪجهہ بہ نہ......!

سڀ ڪنهن پار پرين جو پرتو، خوابون عين ڪلايون،
وحدت مون وو ڪثرت ڪيائين، رنگي رنگ رچايون،
تو مان جي پردي مون ٻاهر، سرتيون ڇو نہ ملايون.

(ص ٨٥)

جان الله شاهہ بہ ساڳي وائي وينو ورنائي. چاڪاڻ تہ هن جي رڳ رڳ ۾ يار سمائجي چڪو آهي. تہ پوءِ اهڙي حالت ۾ هو ڪهڙي طرح ڪنهن ٻئي جي طرف نهاري چئي وينو:

رڳ رڳ دي وچ يـــــار ســـمايا، جـــو شـــئون جلويـــدار،
چمـــــڪ چمڪـــــار لڳـــــي،
مـــن مـــوهن ۾ دوســـت ڏنـــائون، عشـــق لائـــي پٽڪـــار،
برهـــ گنهگـــار لڳـــي.
(ص ٨٥)

سچل سائين پنهنجي ڳالهه ڪرڻ ۾ ٻي ڊپائي جو مظاهرو ٿو ڪري چاڪاڻ تہ هن جيڪو ڪجهہ ماڻيو آهي ان جي ڳالهہ ڪرڻ ۾ هن کي ڪوبہ خوف نہ آهي. پر هن ڏٺو ڇا هي؟ هن جي نظر ۾ ڪهڙو منظر ڇٽو ٿيو آهي. جيڪو باطن هو. جيڪو ظاهر نہ هو. جيڪي ڪجهہ هر اک ڏسڻ جي سگهہ نہ ٿي رکي، سچل سائين اهو ڪجهہ ڏٺو آهي !! ڪيس اهو مَقام نصيب ٿيو آهي جنهن جي سَڌ سلوڪ جو هر راهي ڪري ٿو. سچل جيڪو ڪجهہ ڏسي ٿو اهو عيان بہ ڪندو رهي ٿو:

صـورت سـڀ سـلطان، پـاڻ ڏسـڻ آيـو پنهنجـو تماشـو،
ڪـــاٿئين حنبـــل شـــافي، ڪـــاٿئين مالـــڪ نعمـــان،
ڪـــاٿئين پٿـــي پوٿيـــون، ڪـــاٿئين پڙهـــي قـــرآن،
ڪـــاٿئين انـــاالحق چـــوي، ڪـــاٿئين ڦيرائـــي فرمـــان،
'ســـچو' پيـــو صـــبر ۾، هـــوءِ حيـــرت ۾ حيـــران.
(ص ٨٧)

جان شاهي خاندان جو هي وحدت الوجودي شاعر بہ ان ئي وات تي هلندڙ ۽ ساڳيو مرتبو ماڻيندڙ ۽ ساڳي تنوار کي ورنائيندڙ آهي، چئي ٿو:

تلـــڪ متّـــا تـــي لاڪـــي، ســـامي بـــن بـــن آيـــا،
رنـــــگ رنـــــگ دي وچ يـــــار بيرنگـــــي،
ڪـــــت نصـــــراني ڪـــــت آهـــــي زنگـــــي،
گهـــت گهـــت وچ ســـمايا
تـــــرڪ هنـــــدو ســـــڀ هڪـــــو صـــــورت،
ڪرشـــــن ديوتـــــا ســـــڀ هڪـــــو مـــــورت،
پـــــورب پنـــــڌ پُڄايـــــا.

رنگپـــــــــــور دي وچ کيـــــــــــل ڪلايـــــــــــا،
موســــــــــى فرعـــــــــون دا ميـــــــــــل ملايـــــــــــا،
جــــو ڳي مٿـــي آءِ جـــان جلايـــا.

(ص ٨٦)

جان الله شاهه ”عاشق“ جڏهن حقيقت جي وائي تنواري ٿو تہ هن جو انـــداز مــــانيٺو آهـــي پـــر ڪٿـــي ڪٿـــي هـــو بـــہ سرمســـت ســـائين جيـــان بـــي ڊپـــائي وارو رخ اختيـــار ڪـري ونـي ٿـو ۽ ان حالـت ۾ هـو بـہ نـہ سلڻ جهڙيـون ڳالهيون بہ سليو وجي:

مــــلان قاضـــي، ســـڀ وچ هڪـــو پنـــڊت جوشـــي پيـــو نـــاهي ڪـــر،
محبـــــت مٿـــــا منٿـــــار،
شـــاهه حســـن دا ســـير ڪيتوســـين، رنگپـــور دي وچ صـــحيح ڏٺوســـي،
جـــــو شـــــئون جلويـــــدار،
جـــان شـــاهه ”عاشـــق“ گهـــروچ پاتـــا. شـــاهه حســـن دا صـــحيح ســـڃاتا،
نـــــيهن ٿيـــــا نـــــروار.

(ص ٨٤)

جڏهن تہ سچل سائين وٽ ڪلمہ ڪلا وارو انداز آهي ڪجهہ عڪس سرمست سائين جا پسجن:

ســـڀ ڪـــنهن ويڙهـــي تـــون وســـين، ڪونہ آهـــي بيـــو تـــو رِيَ،
هـــر جـــاءِ حاضـــر 'تـــون' مـــوٿي کهـــڙي آهـــي مـــون،
هـــادي ڪـــنڻ حجـــاب ڪـــي.

(ص ٥٤).

'اناالحق' جي تشريح ڪرڻ لاءِ هنن ٻنهي شاعرن پنهنجي شاعري ۾ ڪن لوڪ رومانوي داستانن جو سهارو ورتو آهي. سچل سائين تہ سسئي، مومل، مارئي ۽ هير بابت بيت ۽ ڪافيون جهجي مقدار ۾ چيا آهن پر جان الله شاهه جو ڪلام ان جي مد نظر ٻنهہ گهٽ اسان تائين پهتو آهي جنهن ۾ سسئي ۽ مارئي بابت ڪافيون آهن:

چنـــــــــــــــدول چـــــــــــــــوڏهين رات،
آيـــــــل هـــــــاڙي آيـــــــا مـــــــون پـــــــرين،

اکــــڙين ننـــڊ ناهـــــ کــــا، پرهـــــ ڦٽـــي پريـــات،
وينـــي ســــاريان هــــوت کـــي جــــاڳڻ ســـاري رات،
'وحـــــده لاشـــــريک لــــه' ٻـــولي ٻـــي نــــاهي وات،
جــان شــاهه "عاشــق" کــي ســک پــرين جــي، وصــل وصــال جــي تــات.

(ص ٤٦)

مارئي جي بيان ۾ مارئي جي ماروئڙن لاءِ سڪ اڪير ۽ بيقراري جي تصوير پيش ڪندي هي جانشاهي شاه چئي ٿو:

ڇـــــو ٿـــــا ڏکـــــا يومـــــون پــــــٽ الا،
آ پنهنجـــــا ڦـــــوڳ ڦلهاريـــــا نـــــــ مٽيـــــان،
ٻـــــن ڏيـــــان گلـــــم غاليچـــــا طـــــول وهاٽـــــا،
لـــــوئي لنگــــــين نـــــــ لـــــــٽ الا،
جيـــــئن هـــــت بـــــاغ باغيچـــــا بـــــنگلا مليـــــا،
کـــــرڙ ککوريـــــا هـــــت گهـــــٽ ميـــــان.

(ص ٤٤)

سچل سائين جي ڪلام ۾ اسان کي هنن ٻنهي سرن بابت وافر شعر ملي ٿو. مارئي جي حالت زار جي ڳالهه ڪجهه هن طرح وينو ڪري:

ريگســـــتاني راڄ جـــــي، آءُ ڳالهــــ ڪريـــــان ڪيهـــــي،
کــــن پچــــارون پــــاڻ ۾، ســــي واريءَ تــــي ويهــــي،
تـــــ "اينـــدي مـــاروئين مـــارئي شـــل پَکـــن ۾ پيهـــي"،
اُکنـــڊ مـــون مـــيلاپ جـــي آهـــ جهـــانگين کـــي جيهـــي،
منهـــنجن تـــن تيهـــي، آهـــي ســـک ســـنگهارن جـــي.

(٢٣٦)

سچل سائين جي شاعري ۾ ڪوڙ ساريون فني خوبيون ۽ نواڻ پڻ موجود آهي تہ گڏوگڏ ڪيترين صنعتون پڻ سندن ڪلام ۾ استعمال ٿيل آهن. پر اسان کي جان الله شاهه "عاشق" جي ٻنهي گهٽ ملندڙ سنڌي ڪلام ۾ صنعت ترصيح واري ڪافي ملي ٿي. جنهن ۾ صنعت مطابق اها عبارت يا شعر جن ۾ کي لفظ خانن وانگي آٽجن جي تڪنِ ۾ موافق هجن. (١١) شعر ۾ اها صنعت خوبصورت پائنجي ٿي. جان الله شاهه عاشق جي هڪ اهڙي ڪافي جا ٻہ بند نموني خاطر پيش ڪجن ٿا.

ڪـــڏان انـــدر هـــون ڪـــڏان ٻـــاهر هـــون،
ڪـــڏان ٻـــاطن هـــون ڪـــڏان ظـــاهر هـــون،
ڪـــڏان طيـــب هـــون ڪـــڏان طاهـــر هـــون.
ڪـــڏان عجمـــي هـــون ڪـــڏان عـــارب هـــون.

ڪٿـــان حاضـــر هـــون ڪٿـــان غائـــب هـــون،
ڪٿـــان ميخـــور هـــون ڪٿـــان تائـــب هـــون،
ڪٿـــان نـــيهن نـــواب دي نـــائب هـــون،
ڪٿـــان جـــام وصـــال دي شـــارب هـــون.

(ص ٧٩)

سچل سرمست جي ڪلام ۾ به اسان کي اهڙيون ڪافيون ملن ٿيون مثال طور هت هڪ ڪافي جون ڪجهه سٽون پيش ڪجن ٿيون (١٢).

تـــاب ڪنـــون بـــي تـــاب، ميـــان، مـــين تـــاب ڪنـــون بـــي تـــاب،
نـــا مـــين گويـــا نـــا مـــين جـــويا، نـــا مـــين ســـوال جـــواب،
نـــا مـــين خـــاڪي نـــا مـــين بـــادي، نـــا مـــين آگ نـــہ آب،
نـــا مـــين جنـــي نـــا مـــين انســـي، نـــا مـــائي نـــا بـــاب،
نـــا مـــين سنـــي نـــا مـــين شيعـــا، نـــا مـــين ڏوهـــہ ثـــواب،
نـــا مـــين شـــرعي، نـــا مـــين ورعـــي، نـــا مـــين رنـــگ ربـــاب،
نـــا مـــين مـــلا نـــا مـــين قاضـــي، نـــا مـــين شـــور شـــراب،
ذات "ســـچل" دي ڪيهـــي پڇـــدئين، نالـــي تـــا نايـــاب.

(راٽيپوري، ص227)

فني اعتبار کان جان الله شاهہ جي ڪافي يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي، چئوٽي آهي جڏهن تہ سرمست سائين وٽ ڪافي، يڪي، ٻيٽي، ٽيٽي، چئوٽي ۽ پنجوٽي تہ آهي پر ان ۾ قافين جي مٿا سٿا سان منجهس سٺ کان وڌيڪ نمونا ايجاد ڪيا جيڪا ڳالهہ يقينن قابلِ تعريف آهي.

**پڄاڻي:**

سچل سائين ۽ جان الله شاهه جي زندگين کان ويندي شاعري تائين ڪيتريون ئي ڳالهيون هڪ جهڙيون آهن، مثال طور:

- ٻئي شاعر صاحب علم ۽ فضيلت خانوادن سان تعلق رکندڙ هئا.
- ٻئي شاعر قادري طريقي جا پوئلڳ هئا.
- ٻنهي جا ڏاڏا ۽ چاچا نہ فقط شاعر هئا پر پنهنجي وقت جا عارف ڪامل ۽ روحانيت جا صاحب پڻ هئا.
- هي ٻئي شاعر هڪ ئي وقت ۾ هڪ ٻئي جا پاڙيسري هئا پر تذڪرن ۾ سندن ميل ملاقات جو ذڪر ناهي.
- هي ٻئي شاعر هڪ ئي مڪتبِ فڪر، فلسفہ وحدت الوجد جا قائل هئا.
- ٻنهي شاعرن سلوڪ جي راهہ جون حالتون ۽ سالڪ جون ڪيفيتون اظهاريون آهن.
- ٻنهي شاعرن ڪافي جي هيئت کي پنهنجي اظهار لاءِ چونڊيو ۽ سنڌي کان سواءِ سرائڪي ۽ فارسي زبان ۾ پڻ شعر چيو.

**ضميمو**

**مير جان الله شاهہ اول**

مير جان الله شاهہ اول پنهنجي وقت جو جيد عالم، صوفي ۽ حق گو شاعر هو. سندس تضيفن ۾ قرآن پاڪ جو تفسير، ديوان مير (فارسي ڪلام)، مثنوي دربحر، مثنوي ساقي نامہ، مثنوي صفت مئخانہ شامل آهن. سندس ڪلام تي تبصرو ڪندي مانوارو لطف الله بدوي لکي ٿو:

> ”سندس شعر تصوف جي باريڪ نڪتن سان ڀرپور آهي. وڏي خصوصيت جا سندس شعر ۾ آهي سا آهي 'درد' سندس شعر جي هر هڪ سٽ مان درد ۽ محبت جهلڪندڙ نظر اچي ٿو. زبان جي لحاظ کان ائين معلوم پيو ٿئي جڻ ڪو شيراز يا تبريز جو رهاڪو ٻُولي رهيو آهي. سندس ڪلام جي پختگي، رواني ۽ شيريني ۾ درد معلوم ٿئي سگهندو.
>
> (تذڪره لطفي)

مير جان الله شاهه اول جي هڪ فارسي غزل جا ڪجهه بند نموني خاطر پيش ڪجن ٿا.

الاهي جوش طوفان بخش چشم اشڪبارم را،
سحاب دجله افشان ڪن رگ ابربهارم را.

ولم درسينه از شوق دم تيغ تو ميرقصد،
ز گل صدبار رنگين تر ڪني مشت غبارم را.

غلام همت عشقم ڪه هردم ”مير“ گرداند،
طراز چنگل شهباز ڪبڪ ڪوهسارم را.
(تذڪره جانشاهي ص ٣١)

## مير قلندر علي شاهه

سيد مير قلندر علي شاهه رضوي، مير جان الله شاهه جو فرزند ۽ ڪائن پوءِ منسد نشين ٿيو. سنڌي سرائڪي، فارسي ۽ اردو جي شاعر هجڻ سان گڏوگڏ عارف ڪامل هو. تذڪرن ۾ سندن ڪيترين ئي روايتون آنديل آهن. سندن شاعري بابت اختر درگاهي لکي ٿو:

”سيد مير قلندر شاهه پنهنجي والد جيان فارسي ٻولي جو صاحب ديوان شاعر بڻيو. سندس فارسي ڪلام ۾ تخلص 'بهلول' استعمال ٿيل آهي جڏهن ته پاڻ پنهنجي سنڌي، سرائڪي ڪلام ۾ ”قلندر“ تخلص استعمال ڪيو اٿائين. شاهه صاحب جو سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام تمام ٿورو ملي سگهيو آهي جڏهن ته سندس فارسي شعر مڪمل 'ديوان بهلول' سندن پوين وٽ محفوظ آهي“. (تذڪره جانشاهي ٤٢)

مير قلندر شاهه جي هڪ سرائڪي ڪافي نموني خاطر هت درج ڪجي ٿي.

تجهه مين دوست سمايا وو،
جاگ جاگ من نند نه ڪيجي،

ايڪ ترنگ بهه رنگ پيارا بيچون نام دهرايا،
بي پرواهه دلينداه مالڪ هادي الله ملايا،

تــن مــين مــن مــين رچ مــچ رهيــو لنــو لنــو وچ ســمايا،
کهــ "قلنــدر" تــن مــن انــدر جــس ڍهونــڍهيا تــس پايــا.
(تذڪره جانشاهي ص ۵۲)

## سيد علي اڪبر شاهه (اول)

سيد علي اڪبـر شــاهه (اول) ولـد سيد جمـن شاهه پنهنجي ڏاڏي سيد جان الله شاهه "عاشق" جي رحلت (۱۲۵۵ه/۱۸۳۹ع) کان پوءِ درگاهه جان الله شاهه (اول) جـو مسند نشيـــن ٿيـو. سيد علي اڪبـر شـاهه، سيد عبدالوهاب شاهه ياگناڙي واري جو ڏوهٽو هو.

سيد علي اڪبر شاهه، فقير قادر بخش بيدل جو همعصر ۽ عالم فاضل شخص هو. هن ٻه شاديون ڪيون جن مان ڪيس ست فرزند ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو، جنهن مان سندس پهريان ٻه وڏا فـــرزند صغيرسنـي ۾ وفـــات ڪـري ويا تنهن ڪري سيـــد علي اڪبر شاهه جو ٽيون نمبر فرزند سيد جان الله شاهه ثالث کانئس پوءِ مـــسند نشين ٿيو.

سيد علي اڪبر شاهه اول جي ڄمڻ جي تاريخ جي خبر نه ٿي پوي البته ســـدس وفـــات سن۱۲۷۰ه/ ۵۴-۱۸۵۳ع ٿـــي. ســندس وفات تـــي فقير قادر بخش بيدل قطعه تاريخ وفات چئي، جيڪا هت پيش ڪجي ٿي.

گفــت تاريخ وصالش هــاتفي
قدولق عنـدالمليڪ المقتدر
۱۲۷۰ه

سيد علي اڪبر شاهه اول جي شاعر هجڻ بابت تذڪره جانشاهي جو مصنف لکي ٿو:

"سيد علي اڪبر شاهه جو ڪو به ڪلام ملي نه سگهيو آهي جنهن مان خبـــر پئجي سگهي ته پاڻ شاعر به هـــئا البته پاڻ جيئن ته هڪ روحاني ۽ علمـــي خانـــدان جـــا چشـــــم چراغ هئا ۽ سندس

وارث هئا. تنهن ڪري پاڻ بہ پنهنجي وقت جا وڏا صوفي ۽ قادري سلسلي جا صاحب سجاده هئا“.

(تذڪره جانشاهي ٩٠-٩-٨٨)

”تذڪره جانشاهي“ جي مصنف ڪي سيد علي اڪبر شاهہ اول جو ڪو ڪلام هٿ نہ اچي سگهيو آهي. پر اسان کي فارسي جي هڪ قلمي بياض ۾ سيد علي اڪبر شاهہ اول جي نالي هڪ فارسي غزل ۽ قطعو نظر مان گذريو آهي. گمان غالب آهي تہ مذڪوره شعر شاهہ صاحب جوئي آهي تنهن ڪري اسان هت رڪارڊ خاطر اهو فارسي غزل ۽ قطعو پيش ڪيون ٿا.

**غزل (فارسي)**

سر بزانوي تفکر شدم از زارئي دل،
سرنگون ساخت مرا آه نگو نسارئي دل.

هر نفس ز آتش فرقت دل و جانم تپ است،
سينہ ام خورده چہ گلهاز شرا بارئي دل.

سوئي افلاک ديود آخر از شرم مسيح،
چون ندانست دوا دافع بيمارئي دل.

حيف صد حيف کہ عمر مَ بهواي تو گذشت،
مگر حرفي ننوشتي پسي غمخوارئي دل.

بلبلان از چشم آه و فغا نها برداشت،
روئي گلها شده خون رنگ ز خونخوارئي دل.

روز و شب محو تقاضائي لقائي تو شدم،
حسرتا هيچ نشد فکر پر ستارئي دل.

**قطعو**

انا الشيعة و لكن لا ابري،
من خلفاء هم سرج الهداية.
انا السني ولكن قائل الفضل،
بقامع خيبر و الي الولاية.

**حوالا / حاشيا**


١. اختر درگاهي، تذڪره جانشاهي، ص١٣، سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، ٢٠٠١ع.
٢. تذڪره جانشاهي، ص ١٣، (حوالو اڳ آيل آهي).
٣. تذڪره جانشاهي، ص٥٣-٢٧، (مختلف صفحا) (حوالو اڳ آيل آهي).
۴. تذڪره جانشاهي، ص۴-٥٣، (مختلف صفحا) (حوالو اڳ آيل آهي)
٥. تذڪره جانشاهي، ص٦۴-٥٦، (مختلف صفحا) (حوالو اڳ آيل آهي).
٦. تذڪره جانشاهي، ص٦٢، (مختلف صفحا) (حوالو اڳ آيل آهي).
٧. سيد عبدالحسين شاهه موسوي، ديوان بيدل، ص٣٨٧، سنڌي ادبي بورڊ.
٨. تذڪره جانشاهي، ص ٦۴، (حوالو اڳ آيل آهي).
٩. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، تذڪره شعراءِ سکر، ص١٠٠.
١٠. تذڪره شعراءِ سکر، ص١٠٠، (حوالو اڳ آيل آهي).
١١. ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص ١٥١، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ـ ٢٠١١ع.
١٢. مولانا صادق راٽيپوري، سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، ص ٢٢٧، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.

# سچل سرمست ۽ سيد راشد روضي ڌڻي

سنڌ جي سڃاڻپ جا جتني ڪيترائي حوالا ڳڻي سگهجن ٿا اتي تصوف، علم، دانش ۽ شاعري سنڌ جا سداحيات حوالا آهن. اهڙي ريت سنڌ جي جدا جدا حصن جي سڃاڻپ ۾ وري بنهه منفرد نالا موجود آهن. سنڌ جي جاگرافي حدبندي جي لحاظ کان آڳوڻي رياست خيرپور جنهن کي موجوده وقت ۾ اتر سنڌ پڻ سڏيو ويندو آهي ان جي جهولي ۾ تصوف ۽ علم ۽ دانش جا گوهر بي مثال جرڪن ۽ چمڪن پيا. اسان ڏسون ٿا تہ شعور جي لاٽ کي جن روشن ڪيو انهن ۾ خواجہ صاحبڏنو، روحل فقير، سچل سرمست ۽ موجوده پاڳاري خاندان جو جدامجد سيد راشد روضي ڌڻي، جان شاهي، خاندان، ڪنڊڙي جا ڪلتار سڀ کان اهم حيثيت رکن ٿا. هت هنن صفحن ۾ اسان مختصر طور سيد راشد روضي ڌڻي بابت ويچار ونديندي سندس فڪر جي سچل جي فڪر سان ڀيٽ پڻ ڪنداسين.

سيد راشد روضي ڌڻي، سيد محمد بقا شاه شهيد جي گهر رمضان المبارڪ ۱۱۷۱ھ/۱۷۵۸ع ۾ تولد ٿيو. (۱) سندس والد پنهنجي وقت جو وڏو عالم، عارف شخص هو، سيد محمد بقا شاه "ڀَٽ ڌڻي" ولد سيد امام علي شاه پهرئين شعبان سن ۱۱۳۵ھ/۱۷۱۵ع ۾ ڳوٺ رسول پور عرف سائيندي ننڍي ضلع خيرپور ۾ تولد ٿيو. سيد بقا شاه جو والد مشهور و معروف عالم باعمل ۽ پير طريقت جو صاحب هيو. جنهن جي نظرداري هيٺ سندن تربيت ٿي ۽ هو ننڍي عمر کان ئي فقيري ڏانهن مائل رهيو (۲).

سيد بقا شاه، قادري ۽ نقشبندي ٻنهي سلسلي ۾ بيعت ڪئي. قادري سلسلي ۾ حضرت سيد عبدالقادر آخرين؛ جن کان بيعت وٺي فيض حاصل ڪيائون، جنهن کان پوءِ نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم اسماعيل پريان لوئي (پريالو) کان بيعت ورتائون(۳). سيد بقا شاه وڏو عالم فاضل شخص هو، کين قرآن و حديث جي علمن تي دسترس حاصل هئي، طريقت ۽ سلوڪ جي رستي ۾

رهنما جي حيثيت رکندا هئا. سيني صفتن سان موصوف هجڻ ۽ بلند مقامات طئي فرمائڻ بعد بہ پاڻ کي مخلوق جي نظرن کان لکائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ پنهنجي زندگي ۾ مشهوري کي قطعي پسند نہ ڪيائون. سندن طرز زندگي نهايت سادو ۽ فقيرائو هوندو هيو (۴). ڪين سيد راشد جي ولادت کان پوءِ مخدوم اسماعيل پريالوء واري ننڍڙي صاحبزادي متعلق آگاهي ڏيندي چيو هو تہ "هي اهوئي جوان آهي جنهن جي فيض کان سنڌ جو تمام گهڻو حصو فيضياب ٿيندو". (۵)

سيد بقا شاهہ پنهنجي روحاني اڄ اجهائڻ لاءِ ٻين ڪيترن ئي اهل الله ڏانهن ويندو رهندو هو جن ۾ فقير صاحبڏنو فاروقي، مفتي محمد پيرائي، مخدوم امير احمد کهڙن وارو، الحاج فقير الله علوي، مخدوم يار محمد ڪوٽڙي ڪبير وارو ۽ شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي شامل آهن(۶).

سيد راشد روضي ڌڻي جي ابتدائي تربيت پنهنجي والد سيد بقا شاهہ ۽ استاد حضرت حافظ زين الدين مهيسر ۽ حافظ محمد اڪرم جي زير اثر ٿي، جنهن کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ناميارِي عالم دين حاجي فقير الله علوي جي درسگاهہ ۾ داخل ڪيو ويو. پر بعد ۾ ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم يار محمد جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. جتي سيد راشد روضي ڌڻي ظاهري علمن جي تحصيل ڪان سواءِ اندر اجارڻ لاءِ عبادت ۽ رياضت ۾ پڻ مشغول رهيو (۷).

ڪوٽڙي ڪبير ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ بعد آخري فراغت ۽ دوره حديث پڙهڻ لاءِ ڳوٺ خير محمد آريجا تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ حضرت مولانا مخدوم محمد آريجو (جيڪو ان وقت استاد الڪل جي نالي سان مشهور هو) جي درسگاهہ ۾ داخل ٿيو ۽ باقي سمورن علمن جي تڪميل ڪيائون (۸).

سيد راشد روضي ڌڻي جي والد سيد بقا شاهہ جي نقشبندي ۽ قادري ٻنهي سلسلن ۾ بيعت ڪيل هئي، تنهنڪري هن اول پنهنجي فرزند سيد راشد کي نقشبندي سلسلي ۾ داخل ڪيو پر پوءِ جڏهن ڏٺائون تہ ان سلسلي ۾

سيد راشد تي ڪابہ ڪيفيت طاري نٿي ٿئي تہ پوءِ ڪين قادري طريقي موجب بلند آواز ۾ ذڪر الٰهي جي تلقين ڪندي باقائده بيعت وٺي قادري سلسلي ۾ داخل ڪيائون. (٩)

سيد راشد روضي ڌڻي ست شاديون ڪيون، جن مان ڪين ارڙهن فرزند تولد ٿيا. جن جا اسماءِ گرامي هن طرح آهن:

١. پيرسيد صبغت الله شاه(اول) سجاده نشين ٢. سيد محمد حسن شاه

٣. سيد هدايت الله شاه ٤. پير سيد محمديسين شاه (جهنڊي وارو)

٥. سيد محمد بقا شاه ٦. سيد محي الدين شاه

٧. سيد احسن شاه ٨. سيد مهدي شاه

٩. سيد محمود شاه ١٠. سيد شاهنوازشاه

١١. سيد مبارڪ شاه ١٢. سيد اسماعيل شاه

١٣. سيد حامد شاه ١٤. سيد صادق شاه

١٥. سيد شاهنواز شاه ١٦. سيد مبارڪ شاه

١٧. سيد حامد شاه ١٨. سيد اسماعيل شاه (١٠)

سيد راشد روضي ڌڻي جا چار فرزند ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويا تنهنڪري ڏسجي ايئن ٿو تہ انهن ننڍڙن سيد زادن جا نالا پيهر پين ٻارن تي رکيا ويا. سيد راشد جو اولاد سندن نالي پويان راشدي سڏائڻ شروع ڪيو.

سيد بقا شاه لڪياري جي شهادت١١٩٨ ه /١٧٨٣ع (١١) کان پوءِ سيد راشد روضي ڌڻي مسند نشين ٿيو. قادري سلسلي جي بيعت هجڻ ڪري روضي ڌڻي مريدن کي ذڪر جي تلقين ڪندا هئا. وقت جي عارف ڪامل پنهنجي پٽن توڙي مريدن جي شريعت موجب تربيت ڪئي. خاص طور نماز جي ادائگي لاءِ مٿن سختي پڻ ڪندا هئا. سندن تربيت جي اثر جي نتيجي ۾ سندن پٽ عالم ۽ عارف بڻجي ويا ۽ ٻي طرف سندن مريدن جي جماعت شريعت جي اصولن تي ڪاربند رهڻ لڳي.

سيد راشد روضي ڌڻي جي هونئن تہ خليفن جو تعداد تمام گهڻو آهي پر سندن هميشہ ساٿ ۾ رهڻ وارن خاص خليفن ۾ سيد محمد حسن شاه جيلاني سوئي وارو، محمود نظاماڻي، فقير عبدالله ڪاتيار، نبي بخش لغاري، سارنگ فقيرڪلهوڙو، ميان الهہ رکيو، جان محمد شاه بخاري چرائي وارو، خاص طور ذڪر لائق آهن (١٢).

سيد راشد پنهنجي وقت جو وڏو اهل الله، عارف ڪامل عالم هو. هو روحانيت جي اعليٰ منزل تي پهتل هو پر ان جي باوجود هو شريعت جو سخت پابند هو. هن جي نظر ۾ شريعت ئي انسان کي مادي ڪان روح تائين جو سفر طئہ ڪرائي ٿي ۽ پوءِ ئي روح الله جي عشق ۾ پچي ڪندن بڻجي وجي ٿو. پاڻ هميشہ سالڪن ۽ طالبن کي پنهنجي مريد بڻائڻ ۾خوشي محسوس ڪندا هئا. چاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ اهڙي طرح سالڪن کي پنهنجي منزل جو ڏس ملي پوندو. سندن ملفوظات ۾ اچي ٿو تہ وصال واري وقت ۾ هڪ شخص مسجد شريف ۾ اچي ظاهرڪيو تہ مولا جي طلب ۾ مريد ٿيڻ لاءِ آيو آهيان. خادمن ان جي عرض کي روضي ڌڻي بادشاه جن وٽ بيان ڪيو، جنهن پاڻ ان طالب کي پنهنجي آرام واري جاءِ تي گُهرائي تلقين فرمائي ۽ ان وقت الله تعاليٰ جو شڪر بجا آڻيندي فرمايائون تہ الحمد لله جيڪو ڪم هن فقير تي رکيو هو آئون وصال جي وقت بہ ان ڪم ۾ مشغول آهيان (١٣).

هدايت ۽ عرفان جو چمڪندڙ سج، سالڪن جو رهنما، بيمار دلين جو دارون ۽ دوا، شريعت طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو موجزن درياءَ ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ پهرئين شعبان١٢٣٤ ه/١٨١٨ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. ڪين پراڻي درگاه شريف ڳوٺ رحيم ڏني ڪلهوڙي ۾ دفنايو ويو، جتان سندن پوٽي سيد علي گوهر شاه عرف بنگلي ڌڻي(١٤)، درياءَ چڙهڻ جي خوف سبب سنہ ١٢٥٠ه/١٨٣٤ع ۾ موجود درگاه واري هنڌ ڪڻائي دفن ڪيو(١٥). سيد راشد روضي ڌڻي جي وفات جي تاريخ فقير قادر بخش بيدل هيٺين ريت چئي آهي(١٦).

شد محمد راشد انکہ در رشد، مي بود ز جد فزون کمالش.
دلهاي جهان بجنبش آورد، آوازه فيض لا يزالش.
از هستي مير هاند في النور، يک جرعئہ ساغرِ زلالش.
صد در بدل از شهود بکشد، يکبار مشاهده جمالش.
در خرمن عالم آتش افروخت، تاثير تجليء مثالش.
روپوش چوشد ز خلق خاصان، خو گير شدند بآن خيالش.
مرشد بکمال مهدي الوقت، گفتند عيان سن وصالش.

١٢٣٣ھ

سيد راشد روضي ڌڻي جي وفات بعد سندن فرزند صبغت الله شاهہ راشدي(اول) (١١٩٣ھ/١٧٨٠ع- ٦ رمضان١٢٤٦ھ/١٨٣٠ع) مسند نشين ۽ پهريون پاڳارو ٿيو، توڙي جو هو ٻين ڀائرن کان عمر ۾ ننڍو هو پر باطني فيض ۽ عرفان ۾ ٻين سيني کان مٿيرو هو. سيد صبغت اللهؒ وڏو عارف ڪامل انسان هو. پنهنجي والد جي هٿ تي خلافت جو خرقو ڏڪيائين. علم، فضل ۽ فهم فراست ۾ ڪوبہ سندن ثاني نہ هو. جهڙي طرح ظاهري علمن ۾ تمام وڏو عالم هو اهڙي طرح باطني فيض ۽ عرفان ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو(١٧). پاڻ سکن خلاف جهاد ڪيائون ۽ مريدن جو هڪ لشڪر پڻ تيار ڪيائون (١٨)، جن کي ”حُرُ“ سڏيو ويو. ابتدا ۾ ڪجھ شاعري ڪرڻ جي روايت پڻ موجود آهي پر شايد بعد ۾ اها ڪِرت تَرڪ ڪيائون(١٩). سندن ملفوظات شريف ”خزانة المعرفت“ ۽ مڪتوبات شريف ”خزانة الاسرار“ جي نالي سان سندن شاعر فرزند پير علي گوهر شاهہ ”اِصغر“ ڪانئن پوءِ مرتب ڪيا(٢٠).

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، سيد صبغت الله اول جي ڪتب خاني بابت سيد حميد الدين جي حوالي سان لکي ٿو:

”پير سيد صبغت اللهؒ جو عجيب ڪتب خانو نظر آيو، جو ڪنهن امير ۽ بادشاهہ وٽ بہ اهڙو ڪتب خانو نہ هوندو. هن ۾ پندرهن هزار مجلد معتبر ڪتابن جا نسخا موجود آهن، جن مان ايراني مطلاخط ۽ سؤ

تہ فارسي جا ديوان آهن. ٦٥ جلد معتبر تفسيرن جا آهن. شاهنامہ فردوسي جا پنج نسخا آهن، جن مان ٽي مصور طلائي آهن. ڪتاب بہ جيڪي مشهورآهن سي سڀ هتي آهن. شرحن سميت جامع الاصول، تيسر الوصول پڻ هت آهن. احياء ۽ فتوحات جا بہ ٽي ٽي نسخا شاهي ڪتابت سان موجود آهن" (٢١).

سيد راشد روضي ڌڻي جهڙي عارف جي مسند تي ويهندڙسيد صبغت الله شاه راشدي اول پڻ عارف شخص هو. سندن مسند تي ويهڻ جي شروعات ۾ سندن ڀاء سيد يٰسين شاه (١٢١٢ھ/١٧٩٩ع-١٢٧٥ھ/١٨٥٨ع) جي والد واري مسند جو دعويدار ٿيو. هو ان وقت جي حڪمرانن ميرن وٽ پڻ دانهين ٿيو، تنهن تي نواب ولي محمد خان لغاري ان فيصلي جي نبيري لاءِ درگاه تي آيو ۽ فيصلو سيد صبغت الله جي حق ۾ ڏنائين. جنهن ڪان پوءِ سيد محمد يٰسين شاه پنهنجي والد جي تبرڪات مان طلب ڪئي ۽ جدا رهڻ جو ارادو ڪيو. تنڌهن ڪيس هڪ سائو جهنڊو جنهن تي سوني تند سان ڪلمو طيب لکيو هو، اهو ڏنو ويو ۽ هي اهو جهنڊو هيو جيڪو پيرسيد راشد روضي ڌڻي کي والي افغانستان زمان شاه بن تيمور ڪان اصلاح جي تبليغ خاطر تحفي طور ڏنو هو. ان ڪان پوءِ سيد يٰسين شاه "جهنڊي" واري لقب سان مشهور ٿيو. سندس وفات سنہ١٢٧٥ھ/١٨٥٨ع دوران ٿي. سندن مزار ۽ روضو نل نزد باقراڻي اسٽيشن ضلع لاڙڪاڻي ۾ آهي. (٢٢)

سيد يٰسين شاه صاحبِ ذوق انسان هو. سندس تربيت پير سيد راشد روضي ڌڻيءَ جهڙي باڪمال بزرگ جي سائي هيٺ ٿي، جنهن ڪري سيد يٰسين شاه جن جي طبيعت تي بہ فقيري رنگ بہ مائل رهيو. هن صاحب ڪافيون چيون آهن پر افسوس جو سندس گهڻو ڪلام زماني جي دستبرد ٿيل ڏسجي ٿو. سندس ڪجهہ سنڌي ڪافيون ڇاپي هيٺ آيون آهن. هت نموني طور سندس بہ ڪافيون پيش ڪيون وينديون. سيد يٰسين شاه جو اولاد جهنڊي وارن پيرن جي نالي سان مشهورآهي. هن خاندان مان پڻ ويجهي دور تائين ڪيترائي عالم، اديب، عارف، ڪامل ۽ روحاني شخصيتون پيدا ٿي چڪيون آهن.

## علمي ادبي خدمتون

سيد راشد روضي ڌڻي نہ رڳو اعليٰ روحاني رتبو رکندڙ هستي هئي پر پاڻ تصنيف ۽ تاليف سان پڻ لاڳاپيل رهيا. هن وقت تائين اسان کي سندن ستن تصنيفن جو پتو پوي ٿو.

۱. مجمع الفيوضات (ملفوظات) ۲. صحبت نامو (ملفوظات)
۳. آداب المريدين ۴. جامع الجوامع
۵. شرح اسماء الحسنيٰ ٦. مڪتوبات شريف
۷. سنڌيءَ ۾ شاعري(بيت، مولود ۽ ڪافي)

هتي اسين مختصر طور سيد راشد روضي ڌڻي جي علمي ڪارنامن بابت مختلف عنوانن هيٺ مطالعو ڪنداسين.

## ملفوظات

پير راشد جي خليفن سندن ملفوظات پڻ جوڙي تيار ڪئي. خليفي محمد حسن، پير صاحب جي حياتي ۾ سندن فرمودات جو هڪ مجموعو ”صحبت نامو“ جي نالي سان تيار ڪيو. جيڪو فقير عبد الرحيم سڪندري سنڌي ۾ ترجمو ڪري ۱۹۹۳ع ۾ شايع ڪرايو. ان کان سواءِ سندن هڪ خليفي محمود نظاماڻي ڪڙئي گهنور واري ۱۲۴۸ھ/ ۱۸۳۲ع ۾ پير صاحب جي مڪمل ملفوظات بنام ”مجمع الفيوضات“ فارسي زبان ۾ گڏ ڪئي. جنهن جو سنڌي ترجمو پڻ شايع ٿي چڪو آهي. اهڙي طرح پير راشد روضي ڌڻي جا فارسي زبان ۾ لکيل مڪتوبات پڻ سنڌي ۾ ترجمو ٿي شايع ٿي چڪا آهن.

هت مختصر طور سندن ملفوظات شريف مان ڪجهہ روحاني نڪتا نموني خاطر پيش ڪيون ٿا (۲۳).

۱. عارف شخص جو وجود گلاب جي گل مثل آهي. جنهن جي فيض جي سرهاڻ هر خاص ۽ عام جي دماغ کي (سندس دلي ارادت مطابق) پهچندي آهي. عارفن جو ڪلام وري عرق گلاب جي مثل آهي جو انهن جي وصال کان پوءِ هر هڪ شخص پنهنجي پنهنجي قابليت ۽ اهليت مطابق انهن جي فيض جي خوشبوء سان پنهنجي دماغ ۽ روح کي معطر ڪندو رهندو آهي.

۲. صوفي ۾ چار اکر (ص،و،ف،ي) آهن. ”ص“ معنيٰ اندر جو صادق هجي، ”و“ معنيٰ وفا ڪندڙ قول جو پڪو هجي، ”ف“ معنيٰ فاني نفس هجي، ”ي“ معنيٰ ياري (مدد) خدا تعاليٰ کان طلبي.

۳. عارف ۾ چارف حرف (ع،ا،ر،ف) آهن. ”ع“ معنيٰ عالي همت هجي. ”الف“ معنيٰ الله پاڪ کي ياد ڪري، ”ر“ معنيٰ هر حال ۾ راضي هجي. ”ف“ معنيٰ فارغ جهان ۽ خلق هجي.

۴. ماڻهو پنهنجي پاڻ ولي پائين ٿا. (پر) انهن ۾ ولايت جو ڪوبہ اثر ڪونهي ۽ جيڪو شخص پاڻ کي پرهيزگارّ پائني ٿو اهو بہ تقويٰ جو صاحب نہ آهي. اولياء الله کي پاڻ تي نظر نہ هوندي آهي نڪي ٻين جي عيبن تي.

## شرح اسماء الحسنيٰ:

سيد راشد روضي ڌڻي جو هي ڪتاب سندن رحلت کان پوءِ قلمي حالت ۾ رهندو آيو تازوئي ان جو سنڌي ترجمو شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ روضي ڌڻي بادشاهه، الله تبارڪ و تعاليٰ جي نوانوي اسم مبارڪن جي فارسي زبان ۾ نهايت ئي اعليٰ فڪر جي روحاني معنيٰ سمجهائي آهي، جيڪا سندن عرفان جي بدولت ٿي آهي. هي ڪتاب توڻي جو اصل فارسي اجان تائين شايع نہ ٿيو آهي پر ان جو سنڌي ترجمو محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري عمل ۾ آڻي سنہ ۲۰۰۸ع ۾ اشاعت هيٺ آندو آهي. ڪتاب اسماءِ الحسنيٰ مان مالڪ مهربان رب ڪريم جي سمورن ٻاجهارن اسم گرامي مان هت روضي ڌڻي بادشاهه جي ترجمي خاطر الله عزوجل جي هڪ اسم مبارڪ جي شرح ڏجي ٿو.

## الخالق، الباريءُ، المصور:

هونئن تہ اهي ٽئي اسم جن جي (مصدرن جي) معنيٰ ٿيندي پيدا ڪرڻ، وجود بخشڻ ۽ نئين سر بنائڻ يا جوڙڻ. اهي لفظ جيتوڻيڪ پاڻ ۾ تقريباً هم معنيٰ آهن پر پوءِ بہ هر هڪ کي پنهنجي مخصوص معنيٰ آهي جيئن ”خلق“ معنيٰ اندازو ڪرڻ. ”برءُ“ معنيٰ پيدا ڪرڻ ۽ ”تصوير“ معنيٰ صورت ڏيڻ. هنن ٽنهي معنائن جو پاڻ ۾ ربط ۽ تعلق هن ريت سمجهڻ کپي تہ: جيڪا شيءِ عدم

ڪان وجود ۾ آڻبي آهي تہ، پهريان ان جو خاڪو مقرر ڪيو ويندو آهي، ان ڪان پوءِ ان کي وجود ۾ آڻبو آهي تنهن ڪان پوءِ ان کي ڪا شڪل يا صورت ڏني ويندي آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ هڪ جڳهہ جو مثال ڏجي ٿو. جنهن جو پهريان خاڪو تيار ڪيو ويندو آهي يعني نقشو تيار ڪيو ويندو آهي ان ڪان پوءِ ان نقشي کي وجود ۾ آڻبو آهي. پوءِ جڏهن تيار ٿيندي آهي تہ اها هڪ صورت ۽ شڪل وٺي بيهندي آهي. جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جي خلقڻ وقت اهي ٽئي مرحلا هڪ ئي وقت طئي ٿيندا پر پوءِ بہ هر منزل درجي بدرجي طئي ٿئي ٿي ۽ جيڪي ڪجهہ مٿي يا هيٺين عالم يعني عرش ڪان زمين جي تهہ تائين پيدا ٿيل آهي يا پيدا ٿيندو يا وري جيڪو ڪجهہ ملڪ ۽ ملڪوت ۾ ظاهر ٿي چڪو آهي يا ٿيندو اهي سڀ ان خلقڻ، خاڪي تيار ڪرڻ، وجود ڏيڻ ۽ صورت بخشڻ جا شاهڪار آهن ۽ هن ساري جهان جو پيدا ڪرڻ وارو اهوئي آهي. جنهن مضبوط ترتيب سهڻي صورت. حڪمت ۽ بيشمار مصلحتن سان ڀرپور هن سڄي سنسار کي وجود عطا ڪيو آهي ۽ ان سڄي مخلوق کي وڏي حڪمت سان هڪ مربوط قانون تحت ترتيب سان پيدا ڪيو آهي.(٢۴)

**شاعري:**

سيد راشد روضي ڌڻي پنهنجي وقت جو عارف. ڪامل ۽ وڏو عالم هو. ڪيس نہ رڳو ڪتب بيني جو شوق هو پر وٽس شاندار ڪتب خانو پڻ موجود هو. پير حسام الدين شاهہ راشدي ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

> علم لغت ۾خاص طرح ڪمال هئن.انهي فن ۾ چئن جلدن جو هڪ ضخيم ڪتاب بہ لکيائون. وٽن هڪ زبردست ڪتب خانو بہ موجود هو.جنهن جو مقابلو ان وقت ڪنهن جو بہ ڪتب خانو ڪونہ ٿي ڪري سگهيو.سندن چوڻ هو تہ ”جيڪو ڪتاب خريد ڪندو ان گويا بهشت خريد ڪيو وٽن جيڪي بہ ڪتاب ايندا هئا تہ وا ڌ اري قيمت بہ ڏيئي وٺندا هئا“ (٢٥).

پير راشد روضي ڌڻي جي اسان کي سنڌي ۾ شاعري پڻ ملي ٿي. جيڪا بيت ۽ ڪافي جي هيئت ۾ آهي. پير صاحب جو هن وقت تائين ملندڙ سمورو ڪلام ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري پنهنجي پي.ايڇ.ڊي جي تحقيقي

مقالي ”مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات پير محمد راشد روضي ڌڻي“ ۾ شامل ڪيو آهي. اسان جي سامهون پڻ روضي ڌڻي جي شاعري جي مطالعي لاءِ مذڪوره ڪتاب رهندو. پير راشد روضي ڌڻي جي ڪلام ۾ وحدت الوجود حقيقت، خود شناسي، حضور ﷺ جن سان عشق، حسن و جمال جا مضمون بيان ٿيل آهن. سچو سالڪ هر گهڙي يار کي پاڻ سان گڏ ڀانئي ٿو. جانب هن جي جيءَ ۾رهيل آهي. پير راشد روضي ڌڻي اهڙو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

گــڏيو وتــين گــڏ، ســڄئين ســـــاهـ پســـاهـ ســان،
ڪهـــڙا ڪبـــــا ســـڏ، اهـــڙي هـــوت هيڪانـــد ڪـــي.

(ص۲۲۹)

عشق جي راهه تي سالڪ کي پاڻ سڃاڻڻو آهي پاڻ سڃاڻڻ ڪان پوءِ حقيقي منزل پلئه پوي ٿي. روضي ڌڻي پاڻ کي سڃاڻڻ جي تلقين ڪجهه هن طرح ڪري ٿي.

پِرَ سڃاڻڻ سترو، پاڻ سڃاڻڻ ڏک،
تيسين ڪر مَ سک، جيسين پاڻ نہ سڃاڻين پنهنجو.

(ص۲۲۸)

سيد راشد روضي ڌڻي، حضرت محمد ﷺ جن جي ثنا ۾مولود پڻ لکيا آهن جن ۾ حضورﷺ سان پنهنجي محبت، عقيدت ۽ سڪ جو اظهار ڪيو آهي.

مون کي سيد جي سڪ ڻاريو الا، آءٌ ڇا جي ڪارڻ پهه پڇان،
مون کي سيد جي سڪ ڻاريو.

هڪ جڳ، هو جڳ هر دو جهاني، آ هي پرين جو پاڇولو الا.
دوست ڇڏي جنهن دنيا ورتي تنهن هار هوت وڃايو الا،
سونهن منجهان هڪ سرڪي ساهڙ، تنهن لئہ سهٽي ويهڻ نہ ساريو الا،
هر جاءِ هر دم هوت ڏنوسي، آهي ڀيو سڀ ڪوڙ بکيڙو الا.

پير راشد روضي ڌڻي، سچل سرمست جو همعصر شاعر هو. ٻئي هڪ ئي علائقي ۾ هڪ ئي وقت موجود هئا. سچل سائين جي عشق ۽ تصوف واري فڪر جو اثر موجوده راشدي خاندان جي هن سرواڻ راشد روضي ڌڻي تي به پيو. سيد راشد جي ڪلام ۾ ڪيترائي خيال ۽ سٽون سچل سائين جي ڪلام سان مطابقت رکن ٿيون.

سچل سائين وحدت تان ڪثرت ۽ ڪثرت وحدت ڪل وارو بيان هن طرح ڪيو آهي.

"سچو" سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مئون آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل،
هندو مؤمن هڪ ٿيو، پول نه ٻئي ڪنهن پل،
"خلق الاشياء فهو عينها" اهو آڻ عمل،
تج گلابي گل، مر مارنئي منصور جيان.

(٢٦)

سيد راشد روضي ڌڻي اها ساڳي ڳالهه هن ريت ڪري ٿو:

وحدت ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
اندر پرين پاهر پرين، ٻئي پول نه ڪنهن پل،
هوءِ هلاچو هل، مڙئي آهه محبوب جو.

(ص٢٢٢)

پير صاحب پاڻ ۾ ڪنڌ نوائي نهارڻ جي تلقين ڪري ٿو ته 'حق' جو راز ته انسان جي اندر ۾ ئي لڪيل آهي جنهن کي ڳولي لهڻ مالڪ جو ڪم آهي. چئي ٿو:

ڏيو ٻاري ڏيل ۾، پسين جي پيهي،
ته ظاهر باطن علم جو مُلا ميڃئي،
سُڌ سٽون پيئي خاني انهين خاص جي.

(٢٢٣)

اها ساڳي ڳالهه اسان کي درازي شاهه وٽ بہ جهجي نظر اچي ٿي.

هيــڏي هــوڏي نــہ نهــار، تنهنجــي ويڙهــي ســو تــہ يــار وســي ٿــو،
ســاڻ ســدا آهــي تــان تنهنجــي، پــرين نــہ آهــي ٻــي پــار،
ڦــولهي لهــج پــاڻ مــون، چــو ٿــو وجــين وٽكــار.

(٢٧)

انـدر ۾ نهارڻ كـان اڳ ۾ سالك كـي هـي 'مان' جو بـت ڀڃڻو پونـدو عاجزي ۽ انكساري جي واٽ اختيار كرڻي پوندي ۽ پوءِ ئي ان حقيقت تايئن رسائي حاصل ٿيندي جنهن لاءِ سالك سفر تـي نكتـو آهي. پيـر ڳوٺ جو سيد سائين چئي ٿو:

جنــين پــانيو پــاڻ كــي كــري هــڏهين كــين،
اهــڙا ئــي مســكين، در لهنــدا دوســت جــي.

۽ پنهنجي ملفوظات شريف ۾ پير صاحب لکن ٿا:

"جيكو پنهنجي هستي كي فنا كندو، اهو ئي خدا كي لهندو، جيكو پنهنجي زندگي كي مال گڏ كرڻ ۾ گذاريندو اهو مايوس ٿي مرندو". (٢٨)

درازي شاهہ بہ ساڳيو احوال وينو اوري:

جــي فكــر كــون فــارغ ٿيــا، دنيــا كــان دور،
هونــدا ســي حضــور آءُ تــہ ڳرهيــون ڳــالهيون.

(٢٩)

فنا جي كهاڻي بہ هنن ٻنهي صاحبن جي ساڳي ٿي نظر اچي. پير صاحب چون ٿا تہ جڏهن هستي جو كوٽ ڍهي ويو تہ پوءِ حقيقت ظاهر ٿي جڏهن وڻ سپ وڍجي ويا تہ پوءِ پڌر نظر آيو:

جهنــگ ســڙيو، اڄ ٿــي، پڳــي چــورن لــك،
هــك سـچڻ ٻــي ســك، بــاقي رهيــون پــاڻ ۾.

۽ پوءِ فنا جو مقام ٿو اچي:

وسريون وجود، وجهي ذاتي گڏ يا ذات ۾،
پيچي طلسم تصنيات جا ٿيا مڙئي مقصود،
جن تي سيئيو ساجد ۽ مسجود، سي حقيقت ۾ هڪ ٿيا.

(۲۲۳)

سچل سرمست جيڪو وحدت الوجود جي فلسفي جو وڏو شاعر آهي ان جي ڪلام ۾ سلوڪ جي راهہ جون سموريون منزلون بيان ٿيل آهن طلب، حسن وعشق، معرفت، استعنا/ لاتعلقي توحيد /وحدانيت، حيرت، مستي، فنا ۽ بقا تائين جا سمورا مضمون سرمست سائين ڏاڍي ٻي ڊپائي ۽ ڪلم ڪلا مان ويهي اسان کي ٻڌايا آهن. پير راشد روضي ڌڻي جي بيان ٿيل فنا واري خيال ۾ سچل سائين چئي رهيو آهي:

آءُ پنهنجو پاڻ آهيان، ڪاڪيون منجان قاصد ڪاڏي،
اها صورت سمهجي ڏنم، ساٿي ٻيا ڪيئن سنباهيان.
پنهنجي ذات لڪائي ڪيئن ٻي ذات سڏايان،
ظاهر ڪريان ذات ڪي، تا هي بت پيچايان،
'سچو' سارو سچ ٿيو، حڪمت هي چلايان.

(۳۰)

حقيقت جي وات تي تڏهن ئي قدم رکجن ٿا جڏهن مجاز جي وات طئہ ڪجي ٿي. پير صاحب جي ڪلام ۾ اسان کي مجازي جي مام سلجي ٿي.

نينهن اڳيئي شينهن، ويتر لايم پرين سان،
جي ٻوليان تہ ٻاهر پوي ساندين سانوڻ مينهن،
سنو تنيجو ڏينهن، ساندي جتي سيد چوي.

(۲۳۶)

سچل سائين تہ حسن وعشق جي ميدان ۾ ويهي ڪوئنتل ڪڏايا آهن. هو تہ يار جي ساراهہ ڪندي ڊاپجي نہ ٿو، ڊاپجي بہ ڪيئن اندر ۾ برهہ جي ڪا باهہ ئي اهڙي ٻريل هيس جا روز روز وجي پڙڪو ڪائيندي ۽ پيڙ وجي مچندو ۽ سرمست سائين جي تات طلب بہ وجي سرس ٿيندي اهڙي حالت ۾ چئي ٿو:

سچل سائين انهن لاهوتين سان پنهنجي بي پناهه سڪ ظاهر ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ هو مذهبن جي قيد ڪان مٿانهون ٿي حق جي متلاشين کي اهميت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. چئي ٿو:

جوڳي پيا تون پيات، پر منهنجو آئو تين سان،
سفر ويا ساجهري رهيا رڳي رات،
طلب تنين جي تات، راتيان ڏينهان روح کي.

(۳۳)

پير راشد روضي ڌڻي ۽ سچل سرمست هڪ ٻئي جا همعصر هئا سندن دور جون سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتون ڪي بهتر نہ هيون. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور ۾ سنڌ تي ٻاهريان حملا، قتل، غارت گيري، ڦرلٽ، حڪمرانن جو ڦورو حڪمرانن کي ڏن ڏيڻ تائين اڻ ڳڻيا واقعا، سانحا ۽ حادثا تاريخ جي ورقن ۾ اڄ بہ اسان جي عبرت ۽ سوچ سمجهہ لاءِ موجود آهن. ان دور ۾ سنڌ جي ساڃاهہ وند شاعرن سنڌ جي قومي وحدت کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي شاعري ذريعي ڪردار ادا ڪيو. سچل سائين توڙي روضي ڌڻي بادشاهہ اهڙن سجاڳ شاعرن ۾ شامل ٿين ٿا. پير روضي ڌڻي بادشاهہ پنهنجي سنڌ ملڪ کي ڌارين کان محفوظ رکڻ لاءِ چئي رهيو آهي:

مولا ڪيد ملڪ مان هادي سڀ حڪام،
ڏيو آبرو اسلام کي ڪريو زير ظلام،
يا جو جي جا يا نبي! خطرا خلق خدام،
لاهيو غبار غير جا، ڪريو آجا سڀ انام.

(۲۱۴)

سچل سائين اتي چئي رهيو آهي:

مڪڙي ڏنم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
لهر بحر جا حاڪم ڇاٽي، شوريا وتن شاهہ،

هنـــد ۾ ســـنڌ تـــي فلـــڪ آڻـــن، مـــارن ملـــڪ پســـاھ،
وائـــــڙا رڪـــــن تـــــن مٿـــــا ويچـــــارا ويســـــاھ،
آســـــرا، آ ڏٺـــــين جـــــا آھـــــن منجھـــــ الله،
ڏيئـــــي پانـــــد پناھـــــ، رکـــــي ونـــــدو راڄ ڏٺـــــي.

(٣٤)

سيد راشد روضـــي ڌڻـي جي ڪلام تـي سچـل سائين جي اثـر بابت ناميارو محقق ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ لکي ٿو:

”سـچل سرمسـت ۽ پيرمحمـد راشـد روضـي ڌڻـي ۾ ڪيتريـون ڳالهيون هڪ جهڙيـون آهـن. ٻنهي جو تعلق قادري طريقي سان هيو البتہ سچل سرمست وٽ چشتي طريقو بہ موجود آهي ۽ اهڙي ريت پير پاڳاري وٽ نقشبندي طريقو ڏسڻ ۾ اچي ٿـو. سچل جي ڪـلام پـڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿـو تـہ رومي، سـعدي، جامي، بايزيـد بسـطامي وغيـره جهـڙا صـوفي مفڪـر سـندس ڪـلام تـي اثـر انداز آهـن. اهڙي ريـت جيڪڏهن اسان پيـر پاڳاري جو ملفوظات جا ورق ورائيندس تہ تنهن ۾ ذڪر ڪيل بزرگن ڪان علاوه حسن بصري، عبدالله احرار، يعقوب چرخي، رابع بصري ۽ خواجہ بهاءُ الدين ذڪريا جا نالا ۽ حوالا پڻ ملندا“ (٣٥).

سيد راشـد روضـي متشـرع عـالم ۽ باڪمـال صـوفي هـو. هـن پنهنجي ڪـلام ۾ جابجا حقيقت ۽ خـود شناسـي جـا نڪتـا بيـان ڪيـا آهـن تـہ ٻئي طـرف سـندس ڪـلام ادبـي خـوبين سـان پـڻ ٽمٽـار آهـي. تشـبيھ، اسـتعاري، تجنـيس حرفي، پهاڪـن، محاورن جو اسـتعمال سيد راشـد پنهنجي ڪـلام ۾خـوب ڪيـو آهي.

**پڄاڻي:**

سيد راشد روضي ڌڻي نہ رڳو پنهنجي وقت جو عارف ڪامل انسان هو پر هن علمي لاٽ ڪي روشن رکڻ ۽ ان جي ذريعي روحاني روشني ڦهلائڻ خاطر

تصنيف ۽ تاليف سان گڏوگڏ شاعري پڻ ڪئي. سندس دور سنڌ جي سياسي حالتن جو بدلجندڙ ۽ بگڙجندڙ دور هو تہ ساڳي وقت سنڌي علم ۽ ادب جي حوالي سان هي دور شاندار دور رهيو. هت اسان مختصر طور سيد راشد روضي ڌڻي جي سوانح ۽ سندن دؤر جي وڏي حق گو شاعر سچل سرمست جي شاعري سان پيٽ ڪندي علمي آثارن بابت ويچار ونديا آهن جنهن مان سندن علمي مرتبي ۽ اعليٰ عرفان جو پتو پئي ٿو.

**ضميمو**

**١.** سيد بقا شاه پنهنجي وقت جو وڏو عالم فاضل شخص هو. سندس ڪجهہ سنڌي بيت ملن ٿا جيڪي تذڪره لطفي (جلد اول) ۾ درج آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو انهن بيتن بابت لکي ٿو:

"سيد بقا شاه هڪ پڪو پختو شاعر هو. وقت جي شاعري جي روايت سان ڳنڍيل هو. سندس بيت مارئي، سسئي ۽ مجاز جي موضوعن تي آهن.

**(سنڌي ادب جي تاريخ (جلد پهريون) ص٢٠٥)**

سيد بقا شاه لکياري جا بيت نموني طور هن ريت آهن.

**بيت (سنڌي)**

١. اوڏا جي هئام، تہ نت نياپا آئيا،
سنگهارن سانگ پئي، ونهيا وس ٿيام،
مارو تر ٿيام، ڏيان ڏورپا ڪنهن کي.

٢. سڄڻ ڪہ سارين، آءُ ساريان صحي،
اديون آريجن جا، پيچان روز پهي،
ويندي ڪيچ ڪهي، جيئندس ڪين جتي ري.

٣. جي کهان تہ ڪوڪ نہ نڪري، صبر آءُ نہ سهان،
اکيون آليون پر ڪي، آءُ ويٺي سور سهان،
ڪنهن کي ڪين چوان، تن ڪنهن پر اکنڊي آهيان.

۴. سج لهي سا نجهي تي، پکي پيا وٺين،
اڏر هينئڙا پؤنر تي، اسهه پرمٽين.
ٿوري ڏينهن گهٽين، ميڙو ٿيندءِ سڄڻين.

۵. پير پريان جي پڙ ۾، کير چوئي تون پاءِ،
تون تي سک طلبئين، هک سچڻ سور سهاءِ،
هو هينئن هٽني کاني، هئه هئه کج مَ هاءِ،
پائي مکڻ شيخ ۾، اڳيان پر پڇاءِ،
عجب جهڙي آهه آ، کاکيون کان قريب جي.

(تذکره لطيفي (جلد اول) ص۳-۲۸۲)

## ۲. پير صبغت الله شاهه (اول) پاڳارو

### غزل

زدردت دلفگارم باکه گويم،
ز هجرت بيقرارم باکه گويم.

زگردش گيتي و بيمهري يار،
شکايتهائي دارم باکه گويم.

غم خودار بهر کس عالم اندر.
چو گويم خواري ندارم باکه گويم.

(حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي ۽ ان جون علمي ادبي ۽ روحاني خدمتون، ص۹۴)

## ٣. سيد محمد يٰسين شاھ (جهنڊي وارو)

### ڪافيون

(١)

حـــال تہ منهنجـــو هي، توکـي سائين معلوم آهي.

١. تـــــون تمـــــاچي تـــــڙ ڏٺـي، آءُ مهـاٽي مـي.
٢. ڪوجهـا ڪـيم ڪمـڙا، سـي معـاف ٿـين مـان تـي.
٣. جـا نـالي سـئي تنهنجـي، تنهـن ڏهـــاڳ مَر ڏي.
٤. علـم، حلـم لـدني ڏيـو، صاحـب "سيـــد" کـي.

(٢)

گولي گنهگار، دوست! اوهان جي در جي.

١. منهنجـي سـارڻ ڪـين ڪيـو، هـاٽي سـچڻ تـون ڪـي سـار.
٢. وارث! هـــــن وجـــــود ۾، اچـــــي گـــــڏ گـــــذار.
٣. "سيــــد" کـي تـون سهڻا سـائين، پنهنجـو پـــاڻ ڏ يڪـار.

(ڪافيون (جلد پهريون) ص١٩٨)

## ٤. پير علي گوهر شاھ "اصغر"

### ڪافي

ٿلھ: اکيـــون اتـــي وجـــي اٽڪيـــون، جـــاءِ وجـــڻ جـــي جـــاتي نـــاهي

١. دلـــڙي ڦـــري ويـــو دلبـــر ســـائين قـــرب جـَــون چـــاڙهي ڪٽڪيـــون
ســـاھ ونـــي نيـــائين ساهـــي

٢. حســـن هـــادي جـــون فوجـــان بـــاري، چشـــمن ســـان چشـــمان چٽڪيـــون
ڳالهـــ وڏائـــون ســـو ڳاهـــي

٣. روز روحـــن جـــي ڪئـــون هـــن هيٺـــي جـــون، هٽڪـــي ڪـــنهن جـــون نـــ هٽڪيـــو
لوڪئـــون چـــڏيائون ســـو لاهـــي

۴. زلفان ظالم جو ول ول چلڙا، لالڻ جي ڳل لٽڪيون
قتيل چاڙهن سو قاهي

۵. سهسين سهايون سرتي سرتيون، جهوري وارن جهٽڪيون
سر ڏنائون تن سين ساهي

٦. ”اصغر“ عاشق تي عشق عجيب جي جون، سهسين سانگان سٽڪيون
ورهئون هنجهون ونيو واهي
(اصغر سائين جو ڪلام، ص۲٦۵)

## حوالا/حاشيا

۱. محمد قاسم مشوري، (مترجم)، ملفوظات شريف، (جلد اول)، سنڌي، ص۱۵، مولي والي پرنٽرس لاهور ۱۹۸۱ع
۲. فقير رحمت الله ونڌير، تاريخ پاڳاران عرف گلزار راشدي، ص۲۳، ماسٽر جي بڪ اسٽال شاهي بازار خيرپور ميرس ۱۹۵۹ع - ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري، مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات، ص۴-۳۳ مدرسه صبغة الهديٰ شاهپورچاڪر ۲۰۰۲ع
۳. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص٦-۳۵ (حوالو اڳ آيل آهي)
۴. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص۴۵ (حوالو اڳ آيل آهي)
۵. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص۵۵ (حوالو اڳ آيل آهي)
٦. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص۵۱ (حوالو اڳ آيل آهي)
۷. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص٦۲ (حوالو اڳ آيل آهي)
۸. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص٦۳ (حوالو اڳ آيل آهي)
۹. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص۵-٦۴ (حوالو اڳ آيل آهي)
۱۰. مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات ص ۷۵ (حوالو اڳ آيل آهي)
۱۱. سيد بقا شاهه کي علم سان وڏو چاهه رهيو ڪيڏانهن به ويندو هو ته پاڻ سان ڪتاب به گڏ کڻي ويندو هو. هڪ سفر دوران ڪتابن جي پيري مٿي تي هجڻ ڪري دولت جي شڪ ۾ چورن کين شهيد ڪيو. سندن شهادت ۱۰ محرم

الحرام سنہ ۱۱۹۸ھ/۱۷۷۹ع تي ٿي. سيد بقا شاهہ جي وفات جي تاريخ هيٺين شعرن مان نڪري ٿي.

چون محمد بقا شد شهيد. حلاوت ز رحمت الهي چشيد.
بسي بود نافع بهر خاص و عام. کزو زود طلب خدا شد رسيد.
خرد سال تاريخ او درد الم. بگفتا بدرجہ شهادت رسيد.
۱۱۹۸ھ

- فقير عبدالرحيم سڪندري، (مترجم). صحبت سپرين جي ترجمہ صحبت نامہ، ص۳٦. مدرسہ صبغة الهديٰ شاهپورچاڪر، ۱۹۹۳ع.

۱۲. حوالو نمبر۳. مختلف صفحا- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، تذڪره شعراء سکر ص۴۱.

۱۳. ملفوظات شريف (جلد پنجو) ص ۳۹۱

۱۴. پير علي گوهر شاهہ ”اصغر“ جو ۱۴ رجب ۱۲۳۱ھ/۱۸۱٦ع تي جنم پاڳار اول پير صبغت الله شاهہ اَول جي گهر ٿيو. سندس تعليم ۽ تربيت سندن والد جي زير نگراني ٿي. فارسي ٻولي، ادب ۽ لغت تي ڪماليت حاصل ڪيائون والد جي وفات بعد ۱۵ ورهين جي ڄمار ۾ مسند نشين ٿيا. ڪافي جا اعليٰ شاعر ٿي گذريا آهن، ”اصغر“ تخلص ڪندا هئا. پنهنجي حياتي ۾ پنهنجي والد جي ”ملفوظات خزانة المعرفت“ جي عنوان سان سهيڙي ۽ پنهنجي والد جي ئي خطن کي ”خزانةالاسرار“ جي عنوان هيٺ گڏ ڪيو. سندس ڪافين جو مجموعو ويجهي دور ۾ جماعت سڪندري درگاهہ پير ڳوٺ طرفان شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ سندن شاعراڻي ڪمال ۽ اعليٰ عرفان جو عڪس موجود آهي. سندن خاص خليفن ۾ ناميارا شاعر فقير عبدالله ڪاتيار، خليفو نبي بخش قاسم ۽ سنڌي ٻولي جو پهريون صاحب ديوان شاعر خليفو گل هالائي شامل آهن. اصغر سائين پنهنجي حياتي ۾ درگاهہ جي نئين سر تعمير ۽ جماعت کي منظم ڪرڻ ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سندس رحلت ۱۱ جمادي الاول ۱۲٦۳ھ/۱۸۴۵ع ۾ ٿي.

(اصغر سائين جو ڪلام، مقدمي جا مختلف صفحا)

۱۵. ملفوظات شريف (جلد ڇهون) ص٦۷-٦٦- مڪتوبات شريف ـ صحبت نامہ ص۱۱۳

١٦. سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، ديوان بيدل، ص٣٨٦ سنڌي ادبي بورڊ
١٧. مڪتوبات شريف، ص٧٦- اصغر سائين جو ڪلام.
١٨. اصغر سائين جو ڪلام، ص١٦.
١٩. ڊاڪٽر خان محمد لاڙڪ، حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي ۽ ان جون علمي، ادبي ۽ روحاني خدمتون، ص٩٤ روشني پبليڪيشن حيدرآباد ٢٠٠٨ع
٢٠. اصغر سائين جو ڪلام
٢١. مڪتوبات شريف ص٧٦
٢٢. مڪتوبات شريف ص٧٧
٢٣. صحبت نامہ (مختلف صفحا)
٢٤. سيد راشد روضي ڌڻي، شرح اسماء الحسنيٰ، ص٧٠، سنڌي ترجمو، محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري، ٢٠٠٨ع
٢٥. سيد حسام الدين شاهہ، ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، ص ٦٠٢، ١٩٨١.
٢٦. سچل جو ڪلام (سنڌي ڪافيون ۽ بيت)، ص ٣٢٨.
٢٧. عثمان علي انصاري (مرتب) سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، ص ٥٠، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٢ع.
٢٨. صحبت سپرين (حوالو اڳ آيل آهي).
٢٩. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، ص ٤٤، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٣٠. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، ص ٦٠- ٥١، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٣١. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، ص ١١٥، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٣٢. سچل جو ڪلام (سنڌي ڪافيون ۽ بيت)، ص ٣٢٨، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٣٣. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، ص ٣١٨، (حوالو اڳ ۾ آيل آهي).
٣٤. قاضي علي گوهر درازي، (مرتب)، سچل جو ڪلام، عرف عاشقي الهام، سچل چيئر خيرپور ١٩٩٥ع.
٣٥. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، خيرپور جي سرمستي ۽ الستي جو زمانو، (مقال)، آشڪار ٧-٢٠٠٧، سچل چيئر، شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور.

# سچل سرمست ۽ فقير دريا خان

سنڌي صوفياڻي شاعري ۾ ڪنڊڙي جي ڪلتارن جو به اعليٰ مقام آهي انهن صوفي رهنمائن مان روحل فقير ۽ مراد فقير کان پوءِ فقير دريا خان به پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. هي پنهنجي دور جو فڪري اعتبار کان سگهارو ۽ خوبصورت شاعر آهي. سچل سائين جي هن همعصر جو شاعراڻو انداز بي باڪاڻو ۽ نرالو آهي. هي اهو ئي انداز آهي جيڪو سچل سائين جو آهي.

فقير دريا خان زنگيجو، صوفي روحل فقير جو چوٿون نمبر فرزند ۽ صوفي مراد فقير جو سڳو ڀاڻيجو هو. سندس جنم ١١٧٩ھ/١٧٦٥ع ۾ ٿيو (١). دريا خان پنهنجي وقت جو بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي. پر افسوس ته سندس حالات زندگي ڇڻا ناهن. تنهن هوندي به اسان پڪ سان چئي سگهون ٿا ته دريا خان، فقيري حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي والد روحل فقير کي ئي باقائده پنهنجو مرشد تسليم ڪيو هوندو ۽ سندس ئي نظر هيٺ فقير جي تعليم تربيت ٿي هوندي. ان سان گڏ سندس زندگي تي سندس مامي مراد فقير جي صحبت جو به اثر ڏسجي ٿو.

دريا خان نالي سان هڪ ئي دور ۾ ٻه شاعر ٿي گذريا آهن. هڪ دريا خان ڪنڊڙيءَ وارو جنهن جو ذڪر مذڪور آهي ۽ ٻيو هن ئي خاندان جي اثر هيٺ درياخان "دولهه" جي لقب سان مشهور هو. هن جو ڪجهه ڪلام پڻ محفوظ آهي. دريا خان "دولهه" ١٣٠٩ھ/١٨٩١ع ۾ وفات ڪئي (٢). شروعات واري زماني ۾ ٻنهي شاعرن کي نالي جي هڪجهڙائي سبب هڪ ئي شخص طور جهاتو ويندو هو. دريا خان ڪنڊڙي واري ١٢٧٠ھ/١٨٥٣ع ۾ وفات ڪئي (٣).

**شاعري:**

فقير دريا خان سنڌي، سرائڪي ۽ هندي جو اعليٰ شاعر هو. ڪو وقت سندس ڪلام ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ رهيو پر ٿورو عرصو پهرين محترم نياز همايوني، سندس ڪلام وڏي محنت ۽ محبت سان "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه" جي عنوان هيٺ سهيڙيو آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ١٩٩٢ع ۾ ڇپرايو. اسان پڻ

هت دريا خان جي ڪلام جي مطالعي دوران مذڪوره ڪتاب ڪي سامهون رکنداسين. ۽ ساڳي وقت سچل سائين جي ڪلام خاطر مانواري عثمان علي انصاري جي مرتب ڪيل "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" اسان جي سامهون رهندو.

دريا خان جو ڪلام بيت، ڪافي، سه حرفي، مدح، دوهن، پڇن، شبد ۽ وائي جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن تي تصوف جو گهرو اثر ڏسجي ٿو. چاڪاڻ ته فقير دريا خان جو جنم هڪ اهڙي گهر ۾ ٿيو هو جتي وحدت الوجود جي فلسفي جو پڙاڏو سنڌس والد صوفي روحل فقير ۽ مامي مراد فقير جي صورت ۾ گونجي رهيو هو. يقيناً دريا خان جو ان اثر کان متاثر نه ٿيڻ ممڪن نه آهي. محترم نياز همايوني سنڌس ڪلام بابت لکي ٿو:

> "روحل فقير ۽ سنڌس قبيلي جي شاعرن انهيءَ اصول تي هلي پنهنجي شعر ۽ فڪر کي بني نوع انسان جي ڀلائي ۽ رهنمائي لاءِ اڳيان آندو آهي، هنن مان دريا خان، روحل فقير کان پوءِ خاص ڪري ساراهڻ جوڳو آهي، جنهن جو ڪلام حيات ۽ ڪائنات جي حسن کي عشق جي نگاهه سان نهاريندو نقاب کان بي نقاب ڪندو سڌ پڙاڏي جي صورت ۾ اوري پري پکڙندو وڃي ٿو" (۴).

دريا خان جي ڪلام ۾ حسن ۽ عشق، خود شناسي، حيرت معرفت، فنا ۽ بقا جا مضمون بيان ٿيل آهن. هو بار بار پاڻ کي سچائي پاڻ ۾ ئي موجود پنهون پسڻ واري ڳالهه ڪري ٿو. سسئي جي بيتن ۾ چئي ٿو:

سائي صورت سسئي، سائي صورت ڏير،
چڏي صورت صاف تي، مخفيءَ ۾ منظور،
"درياخان" ڏس نه ڏور، پنهون پسج پاڻ ۾.

(ص۴۳)

عشق جي طفيل ئي بندو پاڻ کي سچائي سگهي ٿو. چئي ٿو:

"دريا خان" پساڻ پاڻ ۾، جان پنهونءَ جو پير،
ته نه ڪا صورت سسئي، نه ڪو ڏونگر ڏير،
هن پوريءَ سندو پير، نسوروئي نينهن ٿيو.

(ص۴۴)

جڏهن من تان ٻيائي جي ڪٽ لهي وڃي ٿي ۽ اکين مان جر ڪجر نڪري وڃي ٿو تہ پوءِ ٻندو پاڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سالڪ کي جڏهن اها سڌ پئجي وڃي ٿي تہ پنهون تہ سندس اندر ۾ موجود آهي تہ پوءِ هن کي پرينءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي. صوفي دريا خان چئي ٿو:

نالــــو سندءِ ناهہ ۾، ونـــان جي ويهــي،
تہ نـــڪو آدم نـــڪو آدمي، نڪي اسين ئي،
اسيـــن ڳـــولائو جـن جا، سي پڻ اسين ئي،
”دريا خان“ ان عجيب جي، ڳالهہ ڪريان ڪيهي،
ڏٺــم ســـي ڏيهي جي پـسڻ کان پري هئا.

(ص۴۴)

پـاڻ وڃـائـي پـاڻ سـڃاتم، ٻيـو ڇـاتم سـو ڇـاڻ ويـو،
جـــو ڳوليـــم ٿـــي ڳـــوٺ ڳـــلي ۾،
ســـو تـــان وڃـــونـئـي پـــاڻ ويـــو.

(ص۵۷)

عشق جي شراب جو قطرو جنهن جي بہ اندر ۾ لٿو، تنهن جي وجدان جي اک کلي ٿي پوي ۽ پوءِ ان کي حسن ماري ٿو وجهي. عشق وڏو ظالم آهي، جنهن کي نينهن جي ٻڙڇي لڳي ٿي ان کي پنهنجي حد مان ڪڍي لاحد ۾ پهچايو ڇڏي. دريا خان عشق بابت چئي ٿو:

تيـر اکـين جـا آهــن تکيـرا، ڦـاڙيو وجهــن ڦــڦــڙ ۽ جيـرا،
وڏئـــــون پئـــون ســـت يـــار لنگهـــــائي.

عشـــق پٿـــاري آهـــي بـــازي، مـــلان هجـــي تـــوڙي قاضـــي،
عشـــــــق آزيـــــــون الـــــــڳ ڪرائـــــــــي.

عشـــق ”دريـــا خـــان“ فوجـــان چـــاڙهيون، هٿـين ڏيئـي سيف اگهـاڙيون،
ڏس مـــــــئلن ڪـــــــي ٿـــــــو مـــــــارئي.

(ص۵۹)

دريا خان چوي ٿو تہ پلي ڪيترا بہ ڪتاب پڙهہ پر اهي توکي اصل حقيقت تائين ڪڏهن بہ ڪونہ پهچائيندا، پوءِ بهتر آهي تہ عشق جي مڪتب ۾ ويهي ڪجهہ حاصل ڪري وٺ.

عشق جي مڪتب ۾ ويهي، ڪر درد جو دل ۾ درڪ!
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهين، هن هُن وڏو آهي فرق!

اکرن ۾ جيڪي اڙيا، عشق جي چاڙهي مور نہ چڙهيا،
ڪنهن جي ميين ٿا ڪينڪي، آهن وڏا ساڙن سڙيا،
هادي ڏنو جنهن کي حرف، ويڙهي ڇڏيا ئون سڀ ورق.

(ص٦٠)

دريا خان، سچل سرمست جو پاڙيسري آهي، ٻنهي جي ڪلام ۾ فڪري هم آهنگي ڪليل طور موجود آهي. عشق جو اظهار ڪندي سچل سائين چئي ٿو:

ملان ڇڏ ڪتابن پچر، مئي جي پيءُ پيالي،
پل ۾ ملان صاحب ٿين تون، مست و مست موالي،
ڇڏ ڪُلالي قاضي صاحب، قائم ٿج ڪَلالي،
معاف ڪرائي عشق ايئن ٿو، سچل ڪاف ڪشالي.

دريا خان بہ اها ساڳي ڳالهہ ڪجهہ هن طرح ڪئي آهي:

عشق آزاد ٿيا ، ورد وظيفا ٿا پڙهن،
منهن ڍڪيو ماٺهن اڳيان، دعوتن تي ڊوڙ ڪن،
نقطو پڙهن جي نينهن جو، ڪن تال تسبيح جو ترڪ.

(ص٦٠)

سچل سائين جو سمورو ڪلام ايئن تہ انا الحق جي فلسفي جي تشريح سان ڀريو پيو آهي پر هڪ هنڌ وحدانيت جو بيان ڪندي چئي ٿو:

سڀ ڪنهن پار پرينءَ جو پرتو، خوابڻن عين ڪُلايو.
وحدت مون وو ڪثرت ڪيائين، رنگي رنگ رچايو.

تون مان جي پردي مئون ٻاهر، سرتيون چو نہ سڏايو،
طرحين طرح پوشاڪان پهري، لالڻ پاڻ لڪايو،
هي سڀ حسن هاديءَ جو آهي، پينر ڪيمَ پلايو،
پاٽان ڳجهي ڪيائين پڌر، هيءَ تنهن هنر هلايو،
"سچيڏني" جي صورت ۾ تنهن اهڙي رمز رلايو.

فقير دريا خان پڻ وحدانيت جي اها ساڳي وائي ڪجهہ هن طرح آلاپي رهيو آهي:

آهين الله سر ساڳيو، اچي آدم نانءُ سڏايو تي.
چوٿو ڳولين، چوٿو قولين چو تو پنهنجو پاڻ ڪي رولين،
اها صورت اٿئي ساڳي، جنهن جادو جاڳايو ٿئي.

(ص٨٦)

آدم نانءُ الله جو، ڪو سير ڪر ثابت صحي،
عشق وارن ڪانسواءِ، هي ڳل نہ ٻي ڪنهن کي پئي.
"فاينما تولو فثم وجہ الله"، قادر قرآن ۾ ڳالهہ ڪئي،
مان الله اثبات آهيان، جاڏي ڪاڏي صورت سيئي.

(ص٦٤)

سچل سائين خدا ۽ بندي جي وچ واري فرق کي قبولڻ لاءِ تيار ناهي، هن اها ڳالهہ ڏاڍي ٻي ٻاڪي ۽ ٻي ڏپائي سان بيان ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ هو اهو چاٽيندڙ هو تہ اندر ۾ جڏهن حق ڳولي وٺجي ٿو تہ ان حالت ۾ انسان جو رتبو / مرتبو مٽجي وڃي ٿو. هن جي اندر ۾ نور جا شعاع ان طرح روشن ٿين ٿا جو سالڪ جي سوچ ڪان ويندي هن جي چال چلت تائين هر عمل تبديل ٿي وڃي ٿو. هن جي هر ڪرت مان حقيقي نور جو جلوو عيان ٿيڻ لڳي ٿو انهن حالت کي لڪائڻ سالڪ لاءِ ڏکيو آهي پر سرمست سائين سلوڪ جي راهہ ۾ ايندڙ هر حالت کي ٻي ڏپائي مان ظاهر ڪيو آهي.

ٻيو ڪو چاڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صورت آپ الله
ڪٿي گدا گدائي والا، ڪٿي شهنشاهہ
صورت منجهہ سچو جي، هولي پاڻ ٿي بيپرواهہ.

(ص٤٧)

ڪنڊڙي جي هن وحدت الوجود شاعر وٽ به اسان ڪي سچل سائين واري اها ساڳي بي باڪي ۽ بي ڊپائي نظر اچي ٿي هو به ساڳي راهه جو راهي آهي. هن جي واٽ به اها ئي آهي جا سچل سائين جي آهي. هو به ان تي ڪلم ڪلا واري انداز کي اپنائي ٿو. چئي رهيو آهي:

منجهه وجود شهود شعاع ڪيو، اونداهه جو اسباب ويو،
اپريو سج حقيقت وارو، تارن جو سڀ تاب ٿيو.

(ص٦٤)

آهين الله سر ساڳيو، اچي آدم نانءُ سڏايو تي
چو ٿو ڳولين چو ٿو ڦولين، ڇو ٿو پنهنجو پاڻ ڪي رولين
اها صورت اٿئي ساڳي، جنهن جادو جاڳايو تي.

(ص٦٦)

برهه بيقراري ڪئي، آواز اناالحق ٿيو اظهار
سي سڀ ڏٺا سين پاڻ ۾، جيڪي الله جا اطوار.

(ص٦٤)

فقير دريا خان وٽ به اسان کي اهڙوئي ساڳيو خيال پڙ ملي ٿو:

منصور معراج سولي تي ڪيتا،
وحدت جام شهادت پيتا،
بيشڪ عشق اُهين ڪون نيتا،
ڏس انهل حق ڏسدي هو آپ،
ملان هوقر ڪيتوئي سارا.

سر عشاقان حڪم هلايئي،
شيخ عطاردا ڪنڌ ڪپاييءِ،
شمس الحق دي ڪل ڪلاييءِ،
پرت انهان دي پسدي هو آپ.

صوفي صادق جي نظر ۾ پاڻ ئي هر هر روپ مٽائي اچي ٿو. حسين بن منصور به پاڻ آهي ته ان تي فتوىٰ ڏيندڙ به پاڻ آهي ته شبلي به

پاڻ آهي. مقصد هر روپ هر انگ ۾ هو پاڻ موجود آهي. الله چاهيو تہ آئون سجاتو وڃان ۽ پوءِ هن هي سارو کيل ويهي کيڏيو آهي. هي سارو روپ جو محل ويهي اڏيو آهي. سچل سائين پنهنجي ڪافي ۾ اهڙو ڀرپور اظهار ڪندي چئي رهيو آهي.

جـــي آئـــين: پلـــي آئـــين. ڪـــنهن منـــزل پهچـــائين تـــون،
ٿـــــو مـــــــوتي ســـــــر وڍائـــــــين تـــــــون!
ســرمد کــي ڏئــي لــت کهــائيي، ســوري تــي منصــور چڙهــايئي،
شــيخ عطــار جــو ســر وڍا يئــي. هــاٺي هيــڏي پنــڌ پڇــائين تــون.

درياءُ خان پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجن مارئڙن ۽ سانگيئڙن جو بہ خوب ذڪر ڪيو آهي. مارئيءَ ڌرتي سان محبت ۽ سڪ ۽ مارئڙن سان وفا جو هڪ مثال آهي جيڪا عمر بادشاه جي قيد ۾ پٽ پهرڻ لاءِ تيار نہ هئي، هن جو سک، سکون ۽ آرام پنهنجن مارئڙن وٽ ئي هو. سچل سائين وٽ مارئي جي داستان ۾ پڻ تڙپ، بيقراري، بيڙاءُ، لوچ پوچ، مارئڙن جي اکير، سڪ جي جيڪا تصوير چٽيل آهي اها هڪ طرف تہ ٻولي جي خوبصورتي سان ثمتار نظر اچي ٿي تہ ٻئي طرف ان ۾ سرمست سائين جي ڪمال شاعراڻي نازڪ خيالي جو بہ عڪس بہ جهلڪي ٿو. چئي ٿو:

منهنجــي مـــن ميـــان هـــن ڳـــالهيون مـــارئڙن جـــون
ڏت ڏاڏائـــي ڏيهـــ جـــو، وڃـــي خوشـــيون هـــت ڪيـــان
ڪـــائي ســـاعت ســـومرا جهـــانگين ري نـــہ جيـــان
وڃـــــي ٿـــــر ٿيـــــان، شـــــل ســـــنگهارن جـــــي.

(ص ٢٣٩)

دريا خان وٽ بہ مارئي جو ذڪر ملي ٿو هن جي هن ڪافي ۾ پڻ مارئي جي پنهنجي سانگيئڙن سان ملڻ جي تڙپ ۽ بيقراري جي ڪيفيت نظر اچي ٿي.

ڏوري ڏســـــان شـــــل ڏوتيئـــــڙا، ڏوتيئـــــڙا متـــــا مـــــارئڙا،
اڪنـد ابـائن هينئـڙي هـور، سـوين گونـدر جهجـان تـن جهـوري،
عمـــــــر! انهـــــــن جـــــــي شـــــــل راڄ رســـــــان،

درياخان مارن ريءَ دل ماندي، هيڪر گڏ ٿيان هيڪاندي،
سانَ سانگين لاهيان هيانوءَ سڪان.

سچل سائين وٽ مارئي جي داستان ۾ مارئي جي جيڪا تڙپ بيان ٿيل آهي، جيڪا بيقراري جي حالت آهي، جيڪا قيد ۾ پنهنجن مارو‌ئڙن، جهانگيئڙن، هڪ جيڏين، ٿر جي پٽن جي اڪير آهي، ان جو بيان خوب ٿيل آهي: سرمست سائين چئي ٿو:

مون کون وسري ويو اهي جهنَ اهو جهاپو،
ايندس سگهي ايڏ هين، لاهي لاڳاپو،
مولا ميلاپو کندو سگهڙن سنگهارن سان.

(ص ٢٤٤)

تہ ان مارئي کي پاڻ سان آندل لوئي هر حال ۾ ساھ ۾ سانڍيل آهي:

جا اباڻن ڏني سا لوئي هڏ نہ لاهيان،
کنديس کين کني، وني ويندس ويڙهہ ڏي.

(٢٤٥)

کنڌڙي جي هن دريا خان وٽ پڻ مارئي جي لوئي جي اهميت آهي. هو مارئي جي زباني مارئي جا سور سليندي هڪ جيڏين جي لوئين جو ذڪر کندي چئي ٿو:

مون جيڏيون مليرَ ۾، اوڍين لويون لال،
اچي خبر خوشي جي.

(ص ٥١)

مارئي جي قيد جي هر ڪيفيت جو ذڪر سچل سائين تہ خوب ڪيو آهي پر برسات جي موسم ۾ مارئي جي جيڪا حالت پنهنجن ماروئڙن کان پري ٿي رهي ان جو ذڪر خوب ٿيل آهي، ڇا ڪاڻ تہ سرمست سائين چڱي ريت ڄاڻي ٿو تہ: ٿر جي ماڻهن لاءِ برسات کان وڌيڪ ٻي ڪا خوشي جي ڳالهہ آهي ڪونہ. ٿر ڇا وسي هر طرف گل گلزاريون ٿيو پون. ٿاريلن جا من مهڪيو پون، مکڙين جيان تن ٽڙيو پون. بارش جي هر بوند سندن ڇهرن

”دريا خان“ مارن ريءَ هنئڙي، هئي هئي هيٽا حال،
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي، مون کي تن ماروئڙن جي.
(ص٤٨)

درياءُ خان پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ حسن ۽ عشق جي خوب اپٽار ڪندي پنهنجي سرمستيءَ جو بيان ڪيو آهي. هن جي نظر ۾ عشق ئي اول آهي ۽ عشق ئي آخر آهي. انسان دين مذهب جي قيد ڪان عشق جي شراب جي ذري چکڻ سان آزاد ٿي وڃي ٿو. هن وٽ عشق ئي سڀ ڪجهه آهي، چئي ٿو:

عشق نہ پچدا ذات صفات،
جنهان نون لڳندا سي پروان!

وچ ڪفر اسلام دي قائل، خير، شر ڏونهان وچ مائل،
ڪڏان وچ وستي، ڪڏان ويران!

نا وچ دين مذهب نا آندي. ڏک سک ڏيک نہ ٿيوين ماندي،
رهن هميشہ اپئي وچ پئي غلطان!

”دريا خان“ عاشق عشق ڪماون، دم دم خون جگر دا کاون،
ڏي سر ساهہ ڪرن قربان!

(ص١١٢)

سچل سائين سرائڪي زبان ۾ جيڪا حسن وعشق جي وستار ڪئي آهي سا خوب ڪان خوب تر آهي سچڻ جي ڪارن وارن ڪان ويندي ان جي سونهن، سوڀيا تائين جو احوال ان جي ناز ۽ اد جو ذڪر انتهائي سهڻي انداز سان ڪيو ويو آهي:

چلي چلي سهڻي دي. نانگ بشيهر ڪالي
عاشق بانها پڌ ڪڙوتا ويک ڪي صورت والي
طرح ڪيهي اهو دلبر مهن تي سخت بلاين پالي
سچل سائين چپ رهہ اٿان ويک عجائب چالي.(٥)

ڪنڊڙي جي هن رند مشرب شاعر پڻ پنهنجي شاعري ۾ سچڻ جي سونهن سوڀيا جو ذڪر ڪندي ان جي مک کي سج ۽ چنڊ سان ڀيٽيندي ڪيس يوسف ثاني ڪوٺيو آهي توڙڙي جو سچل سائين به پنهنجي سرائڪي شاعري ۾ محبوب جي حسن ۽ جمال جي خوب ساراهه ڪئي آهي پر ان کي يوسف ثاني نه سڏيو اٿس. دريا خان اها حجت هن طرح ٿو هلائي:

سانون ريت سئنيو، مٽين مست ديوانا
مست ديوانا يا، تهدل ٻانهيا،
شمس قمر يار ميڏي دي، صورت يوسف ثانيان
مٽين مست ديوانيان
جلوا ڏي ڪي دل کس گڏوئي، ڏونهين نين لٽايان
مٽين مست ديوانيان.

(ص۱۲۵)

مجاز، حقيقي عشق ڏانهن ويندڙ رستي تي سالڪ جو پهريون قدم آهي. جيستائين مجازي عشق جي باهه اندر ۾ نه ٿي دکي ۽ پيڙ نه ٿي ٻڌجي ان وقت تائين سڙڻ، ڪامڻ ۽ پچرن جو پتو نه ٿو پوي. مجازئي آهي جيڪو سپردگي جوجذبو پيدا ڪري ٿو ۽ مجازئي آهي جيڪو حد کان لاحد ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اکين ۾نينهن جو نشو، جڏهن سرور جي حد تائين پهچي ٿو ته پوءِ ئي اندر جي دنيا جا سمورا رنگ روپ مٽجڻ شروع ٿين ٿا ۽ عاشق دنيا کي ساڳين اکين هوندي ڪنهن ٻئي نظر سان ڏسڻ شروع ڪري ٿو اهو جذبو. اها ڪيفيت به شاعري واري ٿئي ٿي جنهن جي انت جو پنڌ وچوڙي جي ڏونگرن مان گذري ٿو ۽ پوءِ صادق عاشق، مجاز کان حقيقت جو سفر طئه ڪرڻ شروع ڪري ٿو.

فقير دريا خان توڙڙي سچل سائين جي ڪلام مان اُسان کي اهڙي سُڌ پوي ٿي ته هي ٻئي شاعر پڻ مجازي رنگ ۾ رنگجڻ بعد ئي حقيقت جي سفر تي نڪتا آهن. دريا خان پنهنجي حياتي جو جيڪو آخري شعر چيو سو حسن ۽ عشق ۽ تصوف جي گڏيل تصوير آهي.

هي حيران سهڻي يار ڪيتا، گهر ٻار اسان نو ڀل ڳئي.
سانون يار دي حسن حيران ڪيتا، ڪم ڪار اسان ڏي رل ڳئي.

جيڪي ڦٽ فراق وا لي هي،سي تہ چُلدي چُلدي چُل ڳئي.
جيڪي عاشقان دي نندا ڪرن،اهي راڄ رقيبان دي رل ڳئي.
هادي يار مليا مطلب ٿئي،تاٽيان تاڪ اندر دي ڪل ڳئي.
"دريا خان" پڪي هڻ يار دي پيوسي،اهي هوڪي اسان ڏي هل ڳئي.

(ص ۹)

دريا خان جو هندي ڪلام بہ اعليٰ معيار جو آهي، جنهن تي وحدت الوجود جو گهرو اثر موجود آهي. پنهنجي هن شبد ۾ انسان کي سچا ڳي جو درس ڏيندي فقير دريا خان چئي ٿو:

مت پولو! مت پولو!!
هر نام سمر من مت پولو!!
ستگر سبد سين الث سمايو،
ڪايا ڪاشي تيرت تايو،
من کي پانچ سوامي منايو،
گيان هنڊولي مين جهولو!
مت پولو! مت پولو!!
هر نام سمر من مت پولو!!

(ص۱۳۰)

پريم جو اظهار ڪندي چئي ٿو:

پريم پارکو ڪوئي نهين، جو ڪري پريم پڇان،
"دريا خان" جس گهٽ پريم هي، اس گهٽ پرهي گيان.

پريم پريمي کهين نهين، جو ڪري پريم دهيان،
"دريا خان" جس گهر پريم بسي، اس گهر بسي بهگوان.

(ص۱۳۸)

فقير دريا خان جي هندي ۾ چيل سي حرفي بہ ڪمال جي آهي، جنهن ۾ مالڪ جي صفت بيان ڪندي انسان کي پاڻ مان هٺ ۽ بيائي تڙي ڪڍي عاجزي ۽ انڪساري پيدا ڪري، پاڻ کي سچائي حق سان هڪ ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. محترم نياز همايوني، فقير دريا خان جي ان سي حرفي متعلق لکي ٿو:

”دريا خان جي هندي سي حرفي انهي ڪماليت واري آهي، جيڪا ڪماليت ڀڳت ڪبير ۽ تلسي داس جي هندي ڪلام ۾ ملي ٿي. مڪمل سي حرفي نه رڳو پڙهي، ويڙهي رکڻ جي پر ياد ڪري پره ڦٽيءَ جو جهونگارڻ جهڙي آهي، جنهن مان انسان کي اهو لاڀ ملي ٿو جو زماني جي خفن کان آجو ٿي دل جو سڪون حاصل ڪري سگهي ٿو“ (٦).

فقير دريا خان جي هندي سي حرفي مان چند مثال هت ڏجن ٿا.

س: صفت سبحان ڪي، مک سون کهي نه جاءِ،
اي عقل ڪلاڪو ڪيل هي، نا سر هات نه پاءِ.

ڪ: پنجرا خاک ڪا، پانچ تنت ڪا ميل،
رم رم ماهين رم رهيا، عقل ڪلاڪا ڪيل.

ڙ: اوڙا، اڙڪا هر نهين، هي صاحب سنتان پاس،
ساڌو صاحب جون وسي، جون گل مانهين آڪاس.

ي: صاحب يون وسي، جون سورير وسي آڪاش،
جهان ويکون تهان ايک برم، چوڪو نٿ پيو پرڪاش.

(ص ۴-۳-۱۴۱)

(ڏٺيءَ جي واڪاڻ زبان سان ڪري نٿي سگهجي ڇو ته اها عقل جي بازي آهي، هٿ پير يا مٿي هٽڻ جي هتي جاءِ ڪانهي.

- هي خاڪي پنجرو (بدن) پنجن تنتن (عنصرن) جو جڙيل آهي، اهو چرخو ڪيئن پيو چلي؟ تنهن جي سڌ مالڪ کي ئي آهي.

- ڏٺي تائين رسڻ ۾ ڪابه رنڊڪ نه آهي، هو سدائين ساڌن سان آهي، هنن وٽ ائين پيو وسي جيئن گل آڪاس جو مثال.

- ڏٺي هر هنڌ ائين وسي پيو جيئن آسمان ۾ سج آهي، جيڏانهن نهار ته اهو ئي چوڌاري پنهنجا تجلا پيو پسائي).

فقير دريا خان سنڌي سرائڪي ۽ هندي جو اعليٰ معيار جو باڪمال شاعر آهي. هن جي ڪلام ۾ رواني، سلاست، ترنم ۽ ٻولي جي خوبصورتي موجود آهي. هو

ڪنبڙي وارن فقيرن ۾ صوفي روحل ۽ مراد فقير کان پوءِ تمام وڏو خوبصورت شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام بابت محترم امداد حسيني جي هي راءِ بلڪل درست آهي:

”دريا خان جي شاعريءَ ۾ عشق ئي ڪل ڪائنات جو محور آهي. هن جي ٻولي جي ڇاڻ حيرت انگيز آهي ۽ ان سان گڏو گڏ دريا خان وٽ جيڪا سرن جي ساڃهه آهي، انهيءَ سندس شاعري ۾ ماڪيان منو مينــاج پري چڙهيو آهي.

”دريا خان“ يقيناً هڪ صوفي شاعر آهي. هو هڪ پڙهيل ڳڙهيل باشعور سريلو شاعر آهي، ان ڪري تصوف جي مرحلن کان واقف آهي، پر هو ڪافي ڪلام جي شاعري ۾ رندي رمز جو نمائندو شاعر آهي“ (٢).

## پڇاڙي

لڳ ڀڳ هڪ ئي دور ۽ هڪ ئي علائقي ۾ رهندڙ هي ٻئي شاعر فلسفه وحدت الوجود جا پرچارڪ آهن. هنن پنهنجي وٽ فرد جي سڃاڻپ کان وٺي حق جي وچ واري وٿي تائين توڙي مجازي عشق ۽ حسن و ادا تائين جو خوب بيان آهي. هي ٻئي شاعر فرد جي ذهني آزادي، خود اعتمادي ۽ صبر جي باهه ۾ سڙڻ جا وڏا قائل آهن ۽ اهڙو اظهار هنن بار بار ڪيو آهي. سچل سائين توڙي دريا خان پنهنجي جذبن، احساسن ۽ ڪيفيتن کي عيان ڪرڻ لاءِ مختلف زبانن جو سهارو ورتو آهي. سچل سائين سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ خيال آرائي ڪئي آهي جڏهن ته دريا خان سنڌي، سرائڪي ۽ هندي زبان جو سهارو ورتو آهي اهڙي ريت هنن پنهنجي شاعرن بيت، ڪافي ۽ سي حرفي جا گهاڙيٽا پنهنجي استعمال هيٺ آندا آهن جڏهن ته دريا خان پنهنجي هندي شاعري ۾ دوها، ٻچن، شبد، وائي جي هيئتن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. هنن ٻنهي شاعرن جي شاعري سنگيت وديا سان به گهرو سبنڌ رکي ٿي تنهن ڪري اها عام وخاص ۾ خاصي مقبول پڻ آهي.

## حوالا / حاشيا

١. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي تاريخ (جلد پيو) ص٣٠. سنڌي لئنگويج اٿارٽي ٢٠٠٥ع.

٢. نياز همايوني، آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ، ص١٩٦، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩٢ع.

محترم نياز همايوني، ڪتاب ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ“ ۾ دريا خان ”دولھ“ جون ڪجھ ڪافيون ۽ سندس پياءُ نشان علي فقير جي ھڪ ڪافي شامل ڪندي دريا خان ”دولھ“ بابت لکيو آھي تہ : ”چيو وڃي ٿو تہ ھنگورجن وارن مخدومن جي خاندان مان ھو جيڪي قريشي، عباسي آھن. ھن جي پيءُ جو نالو محمد الياس ھو. ھي تعليم کان فارغ ٿي شڪارپور ۾ اچي انگريزن جي نوڪري ڪرڻ لڳو، اوچتو فقيري رنگ چڙھيس جنھن ڪري نوڪري ڇڏي ڪو وقت قلندر جي درگاھ تي گذاري وري پري سفر جي سانگي ھلندو رھيو. پڇاڙي نوشھري واري مخدوم عبدالحي وٽ وڃي سندس مريد ٿيو. ان کان پوءِ لاڙڪاڻي لڳ لالو رائنڪ ۾ پنھنجو اوتارو قائم ڪيائين. انھي وچ ۾ سنڌ، بلوچستان جا ڪيترا ھنڌ پيٽيندو رھيو. آخر ٥ ذوالقعد ١٣٠٩ھ/١٨٩١ ۾ وفات ڪيائين“. (آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ ص ١٩٢).

درياءَ خان ”دولھ“ جون ڪجھ ڪافيون ڇاپي ملن ٿيون جن تي تصوف جو رنگ چڙھيل ڏسجي ٿو تہ گڏوگڏ حسن وعشق جو اولڙو بہ سندس ڪافي تي پسجي ٿو. مطلب تہ ھي بہ سلوڪ جي راھ تي گامزن آھي. سندس سمورو ڪلام اڻ موجود آھي تنھن ڪري اسين مٿس راءِ نہ ٿا ڏئي سگھون. ھتي نموني طور سندس ھڪ ڪافي ڏجي ٿي ۽ سندس پياءُ نشان علي فقير وفات (٢٧ رمضان ١٣٠٢ ھ / ١٨٨٧ع) جي پڻ ھڪ ڪافي ڏجي ٿي جيڪا پڻ صوفياڻي خيالن جي آھي.

### ڪافي درياءَ خان ”دولھ“

عشـــــق عجـــــب اســــرار،
جــــن لايـــو تـــن ڪــــان پيچـــي،
نيـــنھن اوھـــان جـــو نـنـــڍڙو نيـــاپو.
ڪـــم نـــــہ اچھـــــي ڪـــــار.
جيتـــر اوھـــان ڪـــي نـــہ ڏســـجي.

